# سنڌ جون انقلابي عورتون

## آزاد قاضي

كمپوزنگ:شاهنوازسو مرو

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

سنڌ جا سچڻو سلام ..........

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو ڪتاب نمبر **اٺيانوي** (89) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”سنڌ جون انقلابي عورتون“** محترم آزاد قاضي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1982ع ۾ پنيور اشاعت گهر پاران ڇپايو ويو ۽ 1988ع ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو پاران پڻ ڇپايو ويو آهي.

اسين ٿورائتا آهيون محترم شاهنواز سومري صاحب جا جنهن هي ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۽ فيسبوڪ جي آنلائين ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وسڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# زبيده ميتلو جي نانءُ

ڪَنڌيءَ اُپيون ڪيتريون، ساهڙ ساهڙ ڪن،
ڪنين سانگو ساهه جو، ڪي گهوريس ڪيو گهڙن،
ساهڙ سندو تن، سر سهائي گهڙن جي.

**"شاهه"**

# فهرست


**تعارف**
**مهاڳ**
**پنهنجي پاران**

**باب پهريون:** **قديم دور**
راڻي ودلا
راڻي دهشلا

**باب ٻيو:** **راءِ ۽ برهمڻ دور**
راڻي (شويا) سونهن ديوي
مائي ماين
راڻي لاڏي
سريا ديوي ۽ پرمل ديوي

**باب ٽيون:** **سومرا دور**
تارا ٻائي
همون ٻائي
ٻاگهل ٻائي
ساران
ڪويل
مالها

**ضميمو پهريون:** غدار نامو
روپا راڻي
مريم

**ضميمو ٻيو:** سبق
خط

# تعارف

جڏهن قومون غلام ٿينديون آهن تہ انهن مان ڪي سجاڻ طبقا ۽ ماڻهو قومي وجود جي بقا لاءِ اُٿي پوندا آهن پوءِ اها بقا جي جنگ بندوق سان هجي يا قلم سان. تاريخ قومن جو آئينو هوندي آهي، ان ۾ ڪي ڪي اهڙا بہ ڪردار هوندا آهن جيڪي نظر ايندي ايندي اکين اڳيان اوجهل ٿي ويندا آهن ۽ ..... ڪي پاتال ۾ پيل ۽ لِڪل ڪردار سطح تي اچي ويندا آهن. هونئن اِهي ئي اهميت ۽ ساراهہ جوڳا ڪردار آهن جيڪي قوم جي پيشانيءَ بنديا جيان باسندا آهن. پاتال ۾ هميشه لعل ليندا آهن. سطح تہ سدائين چوهن- چولين ويرن ۽ طوفانن جي سَٽَ ۾ هوندا آهن. لڙهندڙن ڪي ڪڏهن تہ ڪنارو ڏين ۽ ڪڏهن ڪناري ڪان ڪٽي مهاساگر جي موج ۾ آڻي ڇڏين.

سنڌ جي تاريخ کي پڙهندڙن سدائين متاچري نظر سان پئي ڏٺو آهي. گهرائيءَ سان جيڪڏهن ڏٺو بہ ويو آهي تہ صرف مذهبي جنون جي حد تائين. سياڻن جو چوڻ آهي تہ "تاريخ ڪي ڪڏهن بہ هڪ پهلوءَ سان نہ جاچيو پر اُن مان هر پهلوءَ کي ڳوليو ۽ پرکيو - ۽ لِڪل شين کي ميدان تي آڻيو."

هن ڪتاب جي خالق ياءُ آزاد قاضيءَ تاريخ جي انهن لڪل، لاثاني ڪردارن کي پاتال مان سطح تي آڻي بيهاريو آهي، جن کي يا تہ ڪنهن حيثيت ۾ نٿي ليکيو ويو يا وري ڄاڻي واڻي تنقيد جو نشانو بڻائي ختم ڪيو پئي ويو.... پر جن کي ماضي زنده سڏيو، انهن کي حال ۾ ڪنهن بہ طريقي سان ڇيهو رسائي نٿو سگهجي.

پنهنجي هن قريبي دوست ۾ هڪ خوبي جا مون کي تمام گهڻي وڻندي آهي سا آهي خاموش طريقي سان ڪم کي چنبڙيل رهڻ ۽ ان کي ڪنهن ماڳ تائين رسائڻ.

اسان وٽ عام چوڻي آهي تہ ”جيڪي گجندا آهن سي وسندا ناهن ۽ جيڪي وسندا آهن سي گجندا ناهن.“ آزاد، گهٽ ۾ گهٽ انهن ماڻهن کان پريرو ٿي بيٺو آهي جيڪي لٻاڙي آهن ۽ آسمان ۾ تراريون هلائيندا آهن. منهنجي نظر ۾ اِهي ئي ماڻهو جاکوڙ ڪري سگهن ٿا جن کي قومي بقا جو اونو ۽ ادب جي اوسر جو فڪر هوندو، انهن جي ڪيل ڪوجنا ۽ فڪري اُپٽار قوم جي صحيح ترجماني ڪندي.

هن ڪتاب ۾ ڪي ڪردار اهڙا تہ آهن جيڪي سچ پچ، پڙهڻ سان اچرج وٺيو وڃي تہ ڇا اهي بہ اسان جا ئي تاريخي ڪردار آهن. ڇوتہ اسان کي بند دائري ۾ تاريخ پڙهائي وئي جن ۾ قومي ۽ اصلوڪن ڪردارن کي لڪائي، ڦورن، غاصبن ۽ رهزن ٽولن کي هيرو ۽ مسيحو ڪري پيش ڪيو ويو.

قومي ساڃهہ رکندڙ هن ساٿي جو جيون وچور اڪثر تعارفن جيان ڏيون ها، پر اسان ان ڪوڪلي روايت جي خلاف آهيون. ڇو تہ محنت ئي ڪو مقام ڏياري ٿي. هونئن بہ آزاد قاضي ادب ۾ ڪو نئون ناهي جو تعارف ڏجي.... بس هو سڪٽي ميل ميلاپ مان ڪونہ ڇاٽي. پنهنجي ڪم سان ڪم اٿس تنهنڪري هر وقت پنهنجيءَ ۾ پورو هوندو آهي. هو جيڪو ڪجهہ ڪري سگهيو آهي، انهن ڪاوشن ذريعي ئي هن کي سڃاتو وڃي ٿو.

اُميد تہ سندس هي ڪتاب مواد جي لحاظ کان انتهائي موزون ۽ وقت جي لحاظ کان اهم ثابت ٿيندو.

**ننگر سومرو**

# مهاڳ

”.... جڏهن شهري بغاوت تي آماده ٿيندا آهن، ته اهي هميشه هن لفظ (آزادي) ۽ پنهنجي ابن ڏاڏن جي قانونن ۽ جائداد“ کي ڪٽي اٿندا آهن. جن کي نه ته وقت ميساري سگهندو آهي ۽ نه سٺو سلوڪ. اهڙن علائقن جي باشندن کي جهڙي طرح به ٿي سگهي متحد ٿيڻ نه ڏجي، اهڙو انتظام ڪرڻ گهرجي جو اهي منتشر رهن. جيڪڏهين ائين نه ٿيو ته انهن ماڻهن مان ”پراڻن حَقن“ جي ياد ڪڏهين به مٽجي نه سگهندي ۽ هر موقعي تي اهي ”انهن حَقن“ کي ٻيهر حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا.“

اهي آهن لفظ دنيا جي ڊڪٽيٽرن ۽ پرمارن جي محبوب دانشور ميڪاوليءَ جا، جنهن دنيا جي ڊڪٽيٽرن، قابض حاڪمن ۽ قابض قومن کي مشورا ڏنا آهن، ته مقبوضه علائقن جي ماڻهن کي هميشه قبضي ۾ رکڻ لاءِ منتشر رکجي، ڇو ته انهن جي گڏجڻ جا اسباب ”ابن ڏاڏن جي جائدادن، قانون ۽ آزادي“ موجود هوندا آهن. ٻين لفظن ۾ سندن قومي، سياسي ۽ ثقافتي تاريخ جي ياد منجهن موجود هوندي آهي، جيستائين ان جي ياد منجهن هوندي تيستائين حاڪم ڌرين کي ڪڏهن به سُک سان رهڻ نه ڏيندا. ان ڪري هنن جي گڏجڻ جا جيڪي به اسباب موجود آهن انهن کي ختم ڪري، انتشار ۾ رکيو وڃي، جڻ ته انهن جي تاريخ ۽ تهذيب کي مٽائڻ گهرجي. مٿئين حوالي مان اها ڳالهه معلوم ٿيندي ته قومن لاءِ تاريخ ڪيتري قدر اهميت رکندڙ هوندي آهي، جنهن ۾ قومن جي دلين مان تاريخ جو ڏيئو وسامڻ سان قابض ڌرين سان ڇا حشر برپا ٿيندو ۽ تاريخ کي وِسارڻ سان انتشار ۾ اچي ڪيئن پنهنجو وجود وڃائي ويهنديون آهن.

زنده ۽ سجاڳ قومون پنهنجي حال جا پيوند ماضيءَ سان مضبوط ڪري مستقبل جي محلات جا سنگ بنياد رکنديون آهن. انهن لاءِ حال جو هر قدم ماضيءَ جي اڙانگهي ۽ ڏگهي سفر جي سلسلي جي ڪڙي هوندو آهي، اهو سلسلو ڪٿان ٽٽي ويو، قدم ڪٿ لڳا ترڪي ويو، ته پوءِ وڏي عرصي ۽ بي انتها قربانين کان پوءِ سلسلو قائم ڪري سگهبو، ڪڏهن ته انهن ڪڙين کي ملائڻ ناممڪن ٿيو پوي. بهر صورت تاريخ کي وسارڻ ۽ تاريخ کان ڪٽجي وڃڻ ڪري قومن جو اهڙو حال ٿيندو آهي، جهڙو ٽُڙ کان ڪَٽيل ڏار جو.

"تن سکن کهڙي سار، جي وڍي وڻ جدا ڪيا."

(شاهه)

جڏهن قوم حال ۾ ڪنهن مشڪلاتن ۽ مسئلن جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي پوي عين ان وقت ماضيءَ تي نظر رکي تاريخ جي ذري ذري کي چڳيءَ پر جاچي ۽ اجاگر ڪيو ويندو آهي. ان سلسلي ۾ قومي هيرن ۽ عظيم ڪردارن جي يادگيري بنهه ضروري ٿيو پوي. "غلام ملڪن ۾ جڏهن پنهنجي قومي هيرن جي ياد گرمجوشي ۽ تحرڪ جو سبب بڻجي، ان وقت سمجهڻ گهرجي ته قوم اڳتي وڌڻ لاءِ تيار آهي." فرانز فينن

نه صرف ايترو پر هيرن ۽ سورمن جي سڃاڻ ضروري هوندي آهي. چو ته سامراجي قوتون پڻ ان قوم کي پنهنجي حقيقي تاريخ کان ڪَٽڻ لاءِ سندن قومي هيرن جي تذليل ڪري، ڪي مصنوعي هيرا پيدا ڪري ڏينديون آهن، جن جو ان ڌرتيءَ سان ڪوبه مثبت تاريخي ناتو نه بلڪ خالي ڳالهين جي ڪري هم آهنگي هوندي آهي.

تاريخ، تاريخ ئي آهي، تاريخ هندو يا مسلم نه هوندي آهي، قومون پنهنجي هيرن جي ڪردارن کي ان ڪسوٽيءَ تي نه پرکينديون آهن، ته انهن

جو ڪهڙي گروهه يا فرقي سان واسطو هو، پر ان جي ڪسوٽي اها آهي، ته انهن سورمن ان ديس ۽ ديس جي ماڻهن لاءِ ڪهڙيون قربانيون ڏنيون.

هتي ڪيترن ماڻهن تنگ نظري ڪري قومي ڪردارن جي پرک جو بنياد مذهبي لڳ لاڳاپن تي رکيو آهي، جيڪا سنڌي سماج سان وڏي نا انصافي آهي.

عجيب اتفاق آهي، جو جن حاڪمن سنڌ جي ماڻهن جي آزادي کسي، جن سنڌن لڄن کي لٽيو ۽ سنڌس عورتن کي بازار ۾ نيلام ڪيو. اهي ئي سنڌن سورما!

جيڪڏهن سنڌ جي تاريخ ۾ وطن خاطر هر قسم جي قرباني ڏيندڙ ماڻهن کي قومي هيرو سڏيو وڃي ٿو ته اهي ماڻهو وقلڻ لڳن ٿا. باوجود ان ڄاڻ هئڻ جي ته ڪي قومون مسلمان هوندي به پنهنجي غير مسلم تاريخي ڪردان کي ساراهين ٿيو.

**جيئن ايراني سائرس اعظم کي ۽ پنجابي رنجيت سنگهه کي!**

مٿين ڳالهين جي مدنظر سنڌ وارن جو به اهو فرض آهي ته انهن عظيم انسانن جي ڪارنامن کي مختلف ذريعن سان عوام آڏو آڻين جن ملڪ (سنڌ) جي ڀلي خاطر پنهنجي پنهنجي دور ۾ قربانيون ڏنيون آهن ته جيئن حقيقي ۽ غير حقيقي سورمن جي پرک ٿي سگهي.

زير نظر ڪتاب ۾ جن انقلابي عورتن جو ذڪر ڪيل آهي، انهن جو واسطو پڻ اهم تاريخي دورن سان آهي (سواءِ ڀهرين ڪردار جي) جن ۾ سنڌي ماڻهو آزادگيءَ واري ماحول ۾ سُک جو ساهه کڻي رهيا هئا ۽ ملڪي ڇيڙي نبيري مقامي ماڻهن کي هٿ ۾ هئي. هر لحاظ کان سنڌ جي تاريخ جي هن حصي تي قلم کڻڻ جي ضرورت هئي، ڇو ته ڪجهه ڪردار اهڙا آهن، جيڪي هڪ طرف پنهنجي اندر اعليٰ ڪارنامن جي ڪري لافانيت رکن ٿا، ته ٻئي طرف مختلف تاريخ نويسن جي لڪٽين ڪري، انهن جي حيثيت متنازع بڻجي ويئي، هنن ڪردارن کي صفائيءَ سان ظاهر ڪرڻ

آسان نہ هو. ان لاءِ وڏي محنت ۽ جاکوڙ، سُرت ۽ ساڃهہ جي ضرورت هئي. ڇو تہ جنهن دؤر جا هي ڪردار آهن، ان دؤر لاءِ ڪابہ مستند تاريخ آهي ئي ڪانہ، جيڪا ڪجهہ آهي سا بہ ڌارين جي لکيل، جيڪي سنڌ تي فاتح جي صورت ۾ آيا، جن سنڌ جي تاريخ کي مروڙي سروڙي پيش ڪيو، ڪيترين ئي من گهڙت ۽ واهيات ڳالهيون لکيون آهن.

ياءُ آزاد، ڪافي حد تائين ڪوشش ڪئي آهي، تہ انهن ڪردارن جي هر لحاظ کان صحيح تصوير سامهون اچي، جيئن کي ڪوتاهيون رهجي نہ وڃن. بهرحال تحقيق جا دروازا هميشه کليل رهندا.

اسان جڏهن عورتن جي اعليٰ ڪارنامن تي لکون ٿا، انهن کي پيش ڪريون ٿا، تہ ان حالت ۾ هنن، ديس جي عظيم عورتن جي انقلابي ڪردار کي اجاگر نہ ڪرڻ، انهن کي هيترو وقت وساري ڇڏڻ، پنهنجي تاريخ کان لاپرواهي ۽ پنهنجو پاڻ سان نا انصافي هئي. اڄ دنيا جي عورت ڪافي اڳتي وڌي چڪي آهي، ان زندگيءَ جي هر ميدان تي وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. انهن ڪارنامن کي ڏسي، ڪو هنن عورتن جي انقلابي ڪارنامن کي ڏسي، ڪو هنن عورتن جي انقلابي ڪارنامن کي محسوس نہ ڪري، اهو نا انصافيءَ جي برابر آهي. ان لاءِ ايترو چوڻ بہ ضروري آهي تہ هنن عورتن جي ڪردار کي پرکڻ لاءِ،اڄ جي عورت سان پيٽڻ جي بجاءِ ان دؤر جي حالتن سان پيٽڻ گهرجي.

آءٌ يقين سان چوان ٿو تہ دهشلا، سونهن ديوي، ماين لاڏي ۽ ٻاگهي اهي سڀ ڪردار ڪنهن بہ صورت ۾ دنيا جي ڪردارن کان گهٽ ڪونهن. هنن ڪردارن ۾ جتي شجاعت ۽ بهادري نظر ايندي، اتي عقل، ڏاهپ ۽ تدبر جون جهلڪيون پڻ نظر اچن ٿيون.

هي اهي عظيم عورتون هيون جن وطن جي عزت ۽ آبروءَ خاطر هر قسم جي قرباني ڏني. جڏهن ڪنهن خلجيءَ سنڌ تي لشڪر ڪشي ڪئي آهي، ان سان جنگ ڪندي مرندي مارائيندي، دودو، ننگر، منگر شهيد ٿين ٿا.

اتي ٻاگهيءَ جي اڳواڻي هيٺ ٻيون عورتون جنگ جي ميدان ۾ نڪري اچن ٿيون.

بهرحال جتي اسان سنڌ جي عورت کي دنيا جي عظيم عورتن جي ڪارنامن کان آگاهه ڪرڻ چاهيون ٿا، ته اتي ان ڳالهه جي اشد ضرورت هئي، ته پهريان ڪيس ديس جي عورتن جي ڪارنامن کان واقف ڪرائجي. وري به جس آهي ياءُ آزاد کي جو هن قومي تاريخ جي اهميت کي محسوس ڪندي، هنن وقت جي دز هيٺ لٽيل عظيم عورتن جي ڪارنامن کي چنڊي ڦوڪي ديس واسين اڳيان پيش ڪيو آهي. اميد ته هيءُ ڪتاب ترقي پسند ادب ۾ اهم جاءِ والاريندو.

**فيض الله جوڻيجو**

# پنھنجي پاران

دنيا جي تاريخ انقلابي عورتن جي ڪارنامن سان ڀري پئي آھي. تاريخ شاھد آھي تہ دنيا جي کھڙي بہ ڪُنڊ ۾ آزاديءَ ڪارڻ جا جدوجھد ھلي آھي، تنھن ۾ وقتي حالتن مطابق اتان جي عورتن ڀرپور حصو ورتو آھي. اسرندڙ توڙي آزاد ملڪن جي عورت سياسي ۽ سماجي اوسر ۾ مرد سان ھڪ جيتري ڀاڱي ڀائيوار رھي آھي. جيڪڏھن ان حقيقت کان ڪو انڪار ڪري ٿو تہ ان جو اھوئي مطلب ٿيو تہ ھو آباديءَ جي اڌ حصي کي نظرانداز ڪري ٿو ۽ آباديءَ جي اڌ حصي کي نظرانداز ڪري، دنيا جو ڪوبہ ملڪ ترقيءَ جي راھ ۾ صحيح طور ڪاميابي حاصل ڪري نٿو سگھي. اھڙيءَ ريت جيڪڏھن ڪنھن بہ تحريڪ ۾ عورت جو حصو نہ آھي تہ اھا تحريڪ پڻ ڪاميابيءَ جي منزل ماڻي نہ سگھندي.

اوائلي دور ۾ مرد ۽ عورت جي ھڪ جھڙي حيثيت ھئي. ٻئي ڌريون برابريءَ جي بنياد تي ھڪ ٻئي سان مختلف معاملن ۾ مددگار ٿينديون ھيون. دنيا جي ترقي ڪرڻ سان انسان عام زندگي ڇڏي، قبيلن ۾ ورھائجي ويو، تڏھن ننڍي وڏائي ۽ مال ملڪيت جي تصور وجود ورتو. اھڙي وقت ۾ ڏاڍي ڌُر، ڪمزور ۽ ھيٺي ڌُر تي قابض ٿي سندس مال ملڪيت لُٽي پنھنجي اجارا داري قائم رکندي ھئي. اھڙي طرح ظلم، استحصال جي شروعات ٿي. اھڙي ئي ماحول ۾ عورت کي برابريءَ واري حيثيت منجھان جنس وارو درجو مليو، جنھن تحت ھو مرد جي رحم ڪرم تي رھجي وئي ۽ سندس وڪرو ٿيڻ شروع ٿيو. نہ صرف ايترو پر ڪيترين جاين تي عورت کي خانداني عزت ۽ وقار ڪاڻ چمندي ختم ڪيو ويندو ھو. اھڙي ريت عورت جو مقام ڪرندو رھيو، اھا ئي ساڳئي حالت اڄ ويھين صديءَ ۾ موجود آھي، جا اڄ کان ڪيئي صديون اڳ بہ ھئي. اڄ بہ عورت کي غلامن وارو

درجو حاصل آهي. گهر هلائڻو آهي، رڌ پچاءُ ڪرڻو آهي، مرد جي خدمت ڪرڻي آهي ۽ ٻار ڄڻڻا آهن ۽ بس!

پر حقيقت ۾ ائين نہ آهي، جيستائين آباديءَ جو اهو اڌ حصو سياسي ۽ ثقافتي تحريڪن ۾ پاڻ سان شامل نہ ٿيو آهي، تيستائين ڪنهن بہ ڪم کي پايۂ تڪميل تي پهچائي نٿو سگهجي. ان ڪم کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ضروري آهي تہ عورتن ۾ انفرادي ۽ اجتمائي بيداري آندي وڃي. کين نظرياتي تعليم کان روشناس ڪرايو وڃي ۽ دنيا جي تاريخ سان گڏوگڏ ديس جي تاريخ کان واقف ڪرايو وڃي تہ جيئن هو پنهنجي ماضيءَ منجهان واقف ٿي پنهنجو پاڻ ۾ مستقبل سنوارڻ جي سگهہ پيدا ڪري سگهن.

هندوستان جي آزاديءَ جي اڳواڻ سُباش چندر بوس سنگاپور ريڊيو تان هندوستاني عورتن کي خطاب ڪندي چيو تہ **”جيڪڏهين ڪا استري آهي جا سمجهي ٿي تہ استرين جي شان ٽاندر نہ آهي جو هو بندوق ڪلهي تي ڪري لڙن، تہ مان ان استريءَ کي چوندس تہ تواريخ جا ورق ورائي ڏسو. زمان ماضيءَ ۾ اسان جي استرين ڇا نہ ڪيو آهي؟“** اسان جي ملڪ ۾ جيڪي ماڻهو مٿئين قسم جي ساڳي پروپئگنڊا ڪري، عورتن جي اڳتي وڌڻ واري راهہ ۾ رڪاوٽ وجهي قومي تحريڪ کي ڌڪ رسائي رهيا آهن ۽ جيڪي عورتون اهڙي پروپئگنڊا تي اعتبار ڪري، قومي تحريڪ کان پاسو ڪري رهيون آهن، هن ڪتاب ۾ انهن ڀينرن لاءِ سندن قوم جي ماضيءَ جا اهڙا ڪردار پيش ڪيا ويا آهن، جن قومي عزت ۽ وقار برقرار رکڻ لاءِ نہ رڳو فڪري، بلڪ عملي جدوجهد ڪئي آهي. نہ رڳو پنهنجي اولاد ۽ عزيزن کي ملڪ جي آزاديءَ ۾ حصو وٺڻ لاءِ همٿايو بلڪ وقت اچڻ تي پاڻ بہ هٿيار کڻي ميدان ۾ نڪري آيون. هن ڪتاب جي ان لحاظ کان بہ وڏي اهميت آهي تہ جن بہ عورتن جو ذڪر ڪيل آهي، انهن جو لاڳاپو اهڙي طبقي سان هو، جنهن کي مروج زبان ۾ خاندان ۽ پردي پوش گهراڻا سڏيو ويندو هو/ آهي. پر جڏهن مٿي تي مهل اچي بيني، تڏهن انهن گهراڻن جي عورتن کهڙو

ڪردار ادا ڪيو آهي؟ سا ڳالھ سبق آموز آهي، ڇوتہ اسان جي ماحول ۾ اڄ تائين عزت وارو گھراڻو ۽ پردي نشين جھڙا محاورا استعمال ڪري، عورت کي ان بهاني نظربند ڪيو ويندو آهي، اها نظربندي جدا جدا طريقن ۽ نمونن سان پوري سنڌي معاشري ۾ سمايل آهي، جن خاندانن جي عورتن تعليم پرائي چوديواريءَ کي ختم ڪيو آهي، انهن تي وري نئين قسم جي نظربندي آهي، جنهن تحت اهي آزاد هوندي بہ نيم غلام بڻيون رهن ٿيون! جنهن ڪري ملڪ ۾ ڇا ته وهي واپري، قوم سان ڪهڙا ٽا ظلم ٿين، قوم جا اسان ڏانهن ڪهڙا فرض ۽ جوابداريون آهن، ان ڳالھ تي ڪنهن سوچڻ بہ گوارا نہ ڪيو آهي. سنڌ جي تاريخ جي ورقن ۾ اڪيچار عورتن جو اعليٰ ۽ اُتم ڪردار رهيو آهي، جن کي قومي سورميون ڪري بيان ڪري سگھجي ٿو، پر تاريخ جي منجهيل ۽ لُڙاٽيل وهڪري انهن جي ڪردار کي لَٽي ڇڏيو آهي، جن کي صاف سٿرو ۽ اجو اجرو ڪري پيش ڪري سگھجي ٿو. ان ضرورت کي نظر ۾ رکندي تاريخ جي اوائلي دور کان هن ڪتاب جي شروعات ڪئي وئي آهي.

ڪتاب ۾ سومرن جي دور تائين جيڪي ڪردار مليا سگھيا آهن، تن کي پيش ڪري رهيو آهيان، اڳتي پڻ جيئن جيئن مواد ملندو، تيئن سلسلي وار پيپرن جي خدمت ۾ پيش ڪندو رهندس.

طالب العلم

**آزادقاضي**

## باب پهريون

# قديم دؤر

سنڌ ڌرتيءَ تي تمام آڳاٽي دور ۾ به اهڙيون سجاڳ عورتون ملن ٿيون، جيڪي عقل، فهم، ڏاهپ ۽ دانائيءَ ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هيون. انهن مان هڪ هئي راڻي ودلا، جنهن پنهنجي ڏاهپ وسيلي ڪانئر ۽ گيدي پُٽ کي بهادر بڻائي ڇڏيو.

# راڻي ودلا

راڻي ودلا، هن ديش جو تمام قديم مهايارت ڪان به اڳ جو ڪردار آهي، جيڪو بين ڪيترن ئي ڪردارن وانگر هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين زبان در زبان منتقل ٿيندو آيو آهي. ويجهڙائيءَ ۾ هن راڻيءَ جو تذڪرو شري گنگارام سمرات پنهنجي ڪتاب ”سنڌو سؤوير“ ۾ بيان ڪيو آهي. هن قصي لاءِ هو پڻ لکي ٿو ته ”هيءَ تمام پراڻي وارتا (قصو) آهي، جيڪا مهايارت “ ۾ ڪنتيءَ واتان ٻڌائڻ ڪري امر ٿي وئي. (سنڌو سؤوير) ڪنتيءَ جي قصي منجهان معلوم ٿئي ٿو ته راڻي ودلا ڪتري پاڙي جي نهايت هوشيار ۽ قابل راڻي ٿي گذري آهي. جيڪا پنهنجي دور جي عاقل، داناءُ ۽ روشن خيال رکندڙ دورانديش عورت هئي. سندس ان ڏاهپ جو راجائن جي دربارن تائين نالو هوندو هو. هوءَ ڪيترن کي هٿيارن جي ڄاڻو ۽ عالمن جا خيال ٻڌي ان مان لاڀ حاصل ڪرڻ واري عورت هئي.

ان دور ۾ هي ديش ڪيترن ئي رياستن تي مشتمل هوندو هو، جن جا پاڻ ۾ اختلاف ٿيندا رهندا هئا. راڻي ودلا جي مڙس جي مرتئي ڪانپوءِ

سندس پُٽ حڪومت تي وينو، پر حڪومت جي ڪاروبار هلائڻ ۾ ودلا جي دانائي ۽ ڏاهپ جو پوري ريت هٿ هو.

هڪ ڀيري ڇا ٿيو جو سندس پٽ پر واري حاڪم کان هار کائي، غمگين ٿي اچي گهر سمهي پيو. ان موقعي تي پٽ کي غيرت ڏيارڻ ۽ دل ٻڌرائڻ لاءِ تنبيهه واري نموني ۾ جا هدايت ڪيائين تنهن کيس تاريخ ۾ سجاڳي آڻيندڙ انقلابي عورتن جي صف ۾ آڻي ببهاريو. هن پنهنجي پٽ کي سست، موڳو ۽ ملول ڏسي کيس چيو "اڙي تون منهنجي گرڀ مان ڄائو آهين ته به مون کي آنند ڏيڻ وارو ڪونه آهين، تون ته مخالفن جي ئي خوشي وڌائيندڙ آهين، ان ڪري هاڻي مان ائين سمجهڻ لڳي آهيان ته تون منهنجي ڪُک مان ڄائو ئي ڪونه آهين. تنهنجي پيءُ توکي ڪونه ڄڻيو آهي، پوءِ تو جهڙو ڪانئر ڪٿان آيو، تون ڪروڌ کان بلڪل خالي آهين. تنهنجو من وغيره سڀ ڪاريهر جيان آهن ۽ تو سڄي زندگي لاءِ نا اميد ٿي وئين."

هن بهادر عورت پٽ کي وري به آتت ڏيندي چيو "اڙي هينئر به تون اُٿ پنهنجي ڪلياڻ لاءِ ٻيهر جنگ جو بار کڻ، پاڻ کي هيڻو سمجهي خود ئي پاڻ کي گهٽ نه سمجهه. هن زندگيءَ جي دولت سان ڀيٽ نه ڪر. من کي مضبوط ڪري، ان کي سندن ارادن سان ڀري بهادر ٿي وڃ، ٻئه صفا ڪدي ڇڏ. او ڪانئر! اُٿ ڪڙو ٿيءُ، هن طرح دشمن کان هار کائي گهر ۾ آرام نه ڪر. ائين ڪري تون سيني دشمنن کي آنند ڏيئي رهيو آهين ۽ تون غيرت کان خالي ٿي مِٽن مائٽن کي ڏک ۾ وجهي رهيو آهين."

جهڙي طرح موجوده دور ۾ هٿيارن واري ويڙهاند کان وڌيڪ ذهني جنگ جو سوڀ حاصل ڪرڻ ۾ وڏو هٿ آهي. دنيا جا وڏا وڏا ملڪ هڪ ٻئي تي رڳو ذهني جنگ وسيلي ئي برتري حاصل ڪري رهيا آهن. جيڪي فرد يا ٽولا ذهني ۽ عقلي جنگ بغير رڳو ويڙهاند تي سندرو ٻڌندا آهن، سي قوم کي ڪنهن به قسم جو ڇوٽڪارو ڏيارڻ بجاءِ، عادي ڏوهاري ٻڻجي رڳو، چوريون، ڦرون ڪرڻ ۽ ڌاڙا هڻڻ واري عمل ۾ مصروف ٿي ويندا آهن.

آڳاٽي دور ۾ نہ جنگيون رڳو تلوار ۽ فوج جي زور تي ڪونہ کٽبيون هيون پر ان وقت بہ علم، دانائي ۽ جنگي ڄاڻ جو سوڀُن ۾ وڏو هٿ هوندو هو. اڄ جي دور ۾ جنهن کي حالتن کي سمجهڻ، وقت جي نزاڪت سان اڳتي وڌڻ، پوئتي هٽڻ يا ڪجھ وقت خاموشي اختيار ڪرڻ چون، تنهن کي اُن وقت ۾ دشمن کي دوکو ڏيڻ چوندا هئا. جنهن تي جنگ جي ميدان ۾ سوڀارو ٿيڻ جو مدار هوندو هو. هيءَ راڻي عقل ۽ دانائيءَ ڪري اهڙين ڳالهين منجهان پوريءَ ريت واقف هئي تنهنڪري هن پنهنجي پٽ کي مثالن وسيلي اها ڳالھ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪهڙي ريت دشمن تي سوڀ حاصل ڪري سگهجي ٿي. هن ڪيس چيو ”جيئن نديءَ ندي ٿوري پاڻيءَ سان ائين ئي ڏسندي پرجي ويندي آهي ۽ ڪوئي جي مُٺ ٿوري اَن سان پرجي ويندي آهي. تيئن ئي ڪانئر کي ماٺ ڪرائڻ تمام سولو آهي. هو ٿوري تي راضي ٿي ويندو آهي، تون دشمن جا ڏنگيندڙ ڏند پيچيندي مري وڃ. جان وڃڻ جو ڪتڪو هجي تہ دشمن سان ناھ ڪرڻ ظاهر ڪر. آڪاس ۾ بي ڪتڪي اُڏامندڙ پکيءَ جيان جنگ جي ميدان ۾ ڦرندي، گجندي يا چپ رهي دشمن جون ڪمزوريون ڏسندو رھ“ هوءَ رڳو ان چوڻ سان خاموش نہ ٿي ويئي پر ڪيس وڌيڪ تنبيھ ڪندي چيائين: ”ڪانئر تون هن وڃ ڪان مري ويل مُردي وانگر هتي چو مُردار ٿيو پيو آهين بس اُٿ دشمن ڪان هارائي، هتي پيو نہ رھ تون ويچارو بڻجي سست نہ ٿي وڃ. پنهنجي بهادريءَ وارن ڪمن سان مشهوري ظاهر ڪر، تون وچولي، گهٽ خواھ ڪريل خيالن جو سهارو نہ وٺ، پر جنگ جي ميدان ۾ شينهن جيان گجگوڙ ڪندي جمي وڃ. تو کک جهڙي برندر ڪاني جيان ٻن گهڙين لاءِ بہ پڙڪي اُٿ، پر جيوت واري جوت جيان پنيٺ ڪر، باھ جيان دونهون نہ ڪر. (بہ گهڙيون بہ پنيٺ ڪري برندو رهڻ سنو پر دير تائين دونهون ڪيندي ڏُکڻ چڱو ڪونهي) ”سندس هيءَ چوٽي بنگال جي بهادر ٽيپو سلطان جي مشهور چوٽي ”گدڙ واري سؤ سالن جي زندگيءَ کان شينهن جي هک ڏهاڙي واري

زندگي بهتر آهي“ وارو مطلب ظاهر ڪري ٿي 'آزاد' ڪنهن به راجا جي گهر ۾ بلڪل ظالم يا صاف نرم سياءُ ٻالڪ جو جنم نه ٿيڻ گهرجي. بهادر ماڻهو جنگ ۾ جادوءَ سان اعليٰ صفتون ظاهر ڪري ڌرم جي فرض ڪان آجو ٿيندو آهي ۽ پنهنجي ڳالا ڪونه ڪرائيندو آهي.

هن عاقل عورت پنهنجي مجو ۽ ملول پُٽ کي وطن خاطر بنان خوف ۽ خطري، لالچ ۽ لوڀ جي مرڻ جي تلقين ڪندي چيو: ”غلام انسان کي گهربل ڦل جي حاصلات ٿئي يا نه ٿئي، هو ان لاءِ ڏک ڪونه ڪندو آهي. هو جيسين ساهه سان آهي، تيسين تائين چرپر ڪندو آهي ۽ پنهنجي لاءِ دولت جي آس ڪونه ڪندو آهي.“

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،

ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.

دنيا ۾ بهادر انسانن پنهنجي لاءِ هڪ ئي رستو اختيار ڪيو آهي. يا بهادريءَ سان جيئڻ يا پنهنجو پاڻ قربان ڪري ڇڏڻ. هو پنهنجي مقصد ماڻڻ ڪارڻ آخري گهڙيءَ تائين جدوجهد ڪندا آهن، پر پوءِ جيڪڏهن ناڪام ٿي پوندا آهن ته دشمن جي چنبي ۾ اچڻ ڪان اڳ پنهنجو انت آڻي ڇڏيندا آهن. هن بهادر عورت پنهنجي پٽ کي پڻ اهڙي هدايت ڪندي چيو: ”پُٽ! ڌرم کي اڳيان رکي يا ته مطلب ظاهر ڪر يا ته ان باهه جي حوالي ٿيءُ! چالاڪ جي رهيو آهين. ڪانئر! تنهنجا مهان ۽ اتم ڪرم ختم ٿي ويا، سمورو ناموس ڌوڙ ۾ ملي ويئي، هاڻي تون چالاڪ جي رهيو آهين. ماڻهو ٻڏندي وقت، مٿان ڪان هيٺ ڪرندي وقت به دشمن جي ڱنگ هر هال ۾ پڪڙي ۽ ائين ڪندي جيڪڏهن پنهنجي جان به هلي وڃي ته به ڪا پرواهه نه ڪري، سني ذات جا گهوڙا نه ته ٿڪجندا آهن ۽ نه ئي ڍِلا ٿيندا آهن. انهن جي ان ڪم کي ياد ڪري پنهنجي مٿان رکيل جنگ جو بار همٿ سان ڪڻ پٽ! تون صبر ۽ غيرت ڌار، پنهنجي مقصد کي سمجهه ۽ ان جي سهاري هن ٻڌنڙ قوم جو تون ئي بچاءُ ڪر. هن ڪيس وڏيڪ تلقين ڪندي چيو ”جنهن جي مهان ۽

حيرت انگيز مقصد ۽ سياءَ جي سپ لوڪ چرچا نہ تا ڪن، اهو ماڻهو پنهنجي طرفان فقط جنس وڃائيندڙ آهي. منهنجي نظر ۾ نہ اهو عورت آهي ۽ نہ ئي مرد! سخاوت، عبادت، سچ ڳالهائڻ، علم ۽ ڏن ڪمائڻ ۾ جنهن جي نانءَ جي هر هنڌ واڪاڻ ڪانہ ٿيندي آهي، اهو ماڻهو پنهنجي ماءُ پيءُ جو پٽ نہ پر ڏڪي جي مٽ برابر ئي آهي.

”جيڪو ديني علم ۽ عبادت، ڏن، دولت خواهہ پنهنجن خدمتن رستي بين کي جيتي تو وٺي، اهو ان ئي ڪم دوران ماڻهپي وارو ماڻهو سڏبو آهي.“

هن ڪيس وڏيڪ هن ريت هدايت ڪئي ”توڪي گدڙن، فقيرن، ڪرڙن ۽ ڪانئرن جي بيک وغيره گهٽ درجي واري ڳالهہ جو سهارو ڪڏهن نہ وٺڻ گهرجي، ڇوتہ اها بدنامي ڦهلائيندڙ ۽ دکدائي (ڳالهہ) ٿيندي آهي. جنهن بزدل ماڻهو جي دشمن جي پاسي جا ماڻهو تعريف ڪندا هجن، جيڪو سيني اڳيان بي مانو ٿيندو هجي، جيڪو ٿوري لالچ تي ئي وڪامجي حيرت ظاهر ڪندو هجي. جيڪو هر طرح هيٺو ۽ ڪنگال جيون گذارڻ وارو ۽ هلڪي سياءُ جو هجي اهڙي مائٽ کي حاصل ڪري ان جا مٽ مائٽ سکي ڪونہ هوندا آهن.“

”تون سچڻ ماڻهن جي وچ ۾ اڻ وڻندڙ ڪم ڪرڻ وارو آهين، قوم ۽ نسل جو مان ۽ عزت ناس ڪندڙ آهين. لڳي ٿو تہ تنهنجي روپ ۾ پٽ جي نالي مون ڪنهن ڪانئر ماڻهوءَ کي جنم ”ڏنو“ آهي. سنسار جي ڪابہ عورت اهڙي پٽ کي جنم نہ ڏئي جيڪو امرتا کان خالي، سچائي، بهادري ۽ محنت کان خالي تي دشمنن جو آنند وڌائيندو هجي.

اڙي! دونهين جيان نہ اُٿ زور زور سان باهہ وانگر پڙڪو ڪائي اٿ ۽ زور سان حملو ڪري دشمن جي فوج کي ناس ڪري ڇڏ. تون هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ دشمنن جي متي تي برندڙ باهہ ٻڌجي ڇانئجي وڃ. ديا، بي همتي ۽ ڊپ اهي ملڪيت جو ناس ڪندڙ آهن، بي همت ماڻهو ڪڏهن بہ ڪو اهميت وارو ڪم نٿو ڪري سگهي.

هار ڪائڻ ڪري جيڪا لوڪ ۾ تنهنجي بدنامي ۽ ندا ٿي رهي آهي، تن سيني ڪمزورين کان تون خود ئي پنهنجو پاڻ کي آجو ڪر ۽ پنهنجي دل کي لوهه جيان مضبوط بڻائي وري پنهنجي مقصد جي ڳولا ڪر. جڏهن بهادر ۽ بي ڊپو سؤرُوير ۽ شينهن جيان گجندڙ راجا جنگ ۾ اتفاق سان مري به وڃي ته به ان جي راڄ ۾ عوام سُکيو رهندو آهي.

هر ماءُ پنهنجي اولاد کي جيءَ ۾ جايون ڏيندي آهي. سندس آس هوندي آهي ته منهنجي ٻچي کي ڪڏهن به ڪوسو واءُ نه لڳي، جتي به هجي شال خوش گذاري. ان مامتا واري جذبي تحت اڪثر عورتون قومي فرض به وساري وهنديون آهن. جيئن موجوده وقت ۾ سنڌي عورت ڪري رهي آهي. حقيقت ۾ اها عورت جي بنيادي ڪمزوري آهي.

ودلا جي ڪمزور ۽ سست پٽ سنجيه کي جڏهن ماءُ ايتريقدر بي عزتو ڪيو، تڏهن هن سندس مامتا واري ڪمزوريءَ مان فائدو وٺڻ لاءِ ڪيس چيو ”امان، اگر تون مونکي نه ڏسين (يعني مان مري وڃان) ته هيءَ ساري پرٿوي ملڻ تي به توکي ڪهڙو سُک ملندو؟ منهنجي نه رهڻ تي توکي زيورن جي به ڪهڙي ضرورت پوندي.“

پُٽ جي اهڙي ڪانئرانه جواب تي راڻي ودلا پٽ کي هينئين ريت دليلن ۽ ثبوتن سان جواب ڏيندي چيو ”پٽ! اڄ ڇا ڪائبو؟ اهڙي پرڪار جي چنتا (ڳڻتي) ۾ پيل ڪنگالن جي جيڪا حالت ٿيندي آهي سا اسان جي دشمنن جي ٿئي ۽ هر هنڌ رسوا ٿيندڙ ماڻهن وانگر اسانجي دشمنن جي حالت ٿئي، سنجيه! نوڪرن چاڪرن کان خالي، ٻين جي اَنَ تي جيئندڙ هيئن بکين جي عادت نه ڏار.

پڪي ڦل واري وڻ جيان جنهن ماڻهو جو سهارو وٺي سڀ دنيا وارا گذارو ڪن ٿا ان جو ئي جياپو مطلب (مقصد) وارو آهي. جيئن اندر جي عبادت سان سڀ ديوتا سکي رهن ٿا. اهڙي طرح جنهن بهادر ماڻهو جي

طاقت ۽ همت سان سندن مِٽ مائٽ سک سان گذارو ڪن ٿا. هن سنسار ۾ انجو ئي جيون اوچو آهي.

جيڪو ڪتري پنهنجي جيون واري ڪوشش سان پڄندي ساري عبادت ڪري پنهنجي قابليت جي ڄاڻ نٿو ڏئي، ان کي سڀ چور سمجهندا آهن. جهڙي طرح مرڻ ڪنڌيءَ تي پهتل ماڻهوءَ کي ڪابہ دوا ڪم نہ ڪندي آهي تهڙي طرح هي دليل گڏ ۽ بهترين وچن بہ تنهنجي دل تائين نٿا پهچن.

ڏس سنڌو راڄ جو عوام ڪانئڻ خوش ڪونهي، تہ بہ تنهنجي ڪمزورين سبب اها اداس ويني آهي، ۽ ان تي مصيبت اچڻ جي واٽ ڏسي رهيا آهن، ٻيا راجا بہ تنهنجي همت ڏسي، هِتان هُتان خاص هٿ پير هڻي، پنهنجي طاقت ۾ واڌارو ڪري ان جا دشمن ٿي سگهن ٿا. تون انهن مڙني سان پنهنجائپ ڪري موقعي سارو پنهنجي دشمن تي آفت اچڻ جو انتظار ڪندي جبلن جي غارن ۾ گهمندو رهہ، چوتہ اهو سنڌوراڄ ڪو اجر، امر تہ آهي ڪونہ، ارادو مڪمل ڪر، ڪنهن جي اڳيان سِر نہ جهڪاءِ، توڪل جو ترهو ٿيندو آهي. ٻي وقت پلي مارجي وڃ پر ڪنهنجي اڳيان ڪنڌ هيٺ نہ ڪر.

ماءُ جي اهڙن غيرت ڏيارينڌڙ بهادرانہ قولن سنجي جي دل ۾ غيرت جو جذبو ضرور جاڳايو پر خطري ڪري سندس ڏيان دولت ۽ سپاهہ واري طاقت ڏانهن ويو. اهو سوچي هن ماءُ کي چيو، امان مون وٽ نہ تہ خزانو آهي ۽ نہ ئي پختا سپاهي پوءِ منهنجي سوپ ڪيئن ٿيندي. پنهنجي اهڙي هيٺي حال تي ويچار ڪري، مون راڄ جو خيال ختم ڪري ڇڏيو آهي..... (جي) تون ڪو اُتم اپاءُ ڏسين تہ پوءِ مان تنهنجيون سيئي اميدون پوريون ڪندس.

ودلا پنهنجي پٽ جي ڪانئرتا پروڙي ورتي تنهنڪري ڪيس وري بہ دل ٻڌائڻ ڪارڻ هينئين ريت هدايت ڪندي چيائين ”پٽ، اڳين ملڪيت لٽجي وئي آهي، اهو سوچي توکي پاڻ کي گهٽ نہ سمجهڻ گهرجي، چوتہ ڌن، دولت تہ ناس ٿي وري حاصل ٿيندا آهن ۽ حاصل ڪري وري بہ ناس ٿي

ويندا آهن. بهادرن کي فقط راين کان ڌن جي حاصلات لاءِ لالچ نہ ڪرڻ گهرجي.

پٽ! سيني ڪرمن جو ڦل ۾ سدائين خاطري نہ رهندي آهي، ڪڏهن ان جو ڦل ملندو آهي ۽ ڪڏهن نہ بہ ملندو آهي، ان ڳالهہ کي ڄاڻندي بہ عقلمند انسان جدوجهد ڪندا آهن، ۽ اهي ڪڏهن ڪامياب بہ ٿيندا آهن تہ ڪڏهن ناڪام بہ ٿيندا آهن پر جيڪي پورهئي لاءِ ڪوشش ئي نہ ٿا ڪن، اهي تہ ڪڏهن پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيندا. پورهئي کي ڇڏي ائين پيو رهڻ جو اهوئي نتيجو ٿيندو آهي تہ ماڻهوءَ جو مقصد ڪڏهن بہ پورو نہ ٿيندو پر پورهئي ۾ شوق سان لڳو رهڻ سان ئي مقصد حاصل ڪرڻ ممڪن ٿيندو، ڪڏهن ڪامياب ڪڏهن ناڪام، ڪاميابي آخر ٿيندي. اهڙوئي پختو ارادو ڪري، مسلسل بنا ڪنهن جي توکي جي هر وقت سجاڳ رهڻ ۽ سوڀ حاصل ڪرڻ وارن ڪمن ڪارين ۾ جنبي وڃڻ گهرجي. ان لاءِ توکي خاص ترڪيب ڪرڻي پوندي. جيڪي مخالف ڌر تي ناراض آهن، جن جي مَن ۾ ڌن (ملڪيت) جي لالچ هجي، جيڪي مخالف راجا جي ڪري هيٺا ٿي ويا هجن، جن کي پنهنجي ٻل ۽ مردانگيءَ تي ناز هجي يا جن جي تنهنجي دشمنن اڳيان بي عزتي ٿي هجي ۽ ڪانئس بدلو وٺڻ جي تاڙ ۾ هجن، تن سيني کي تون ساٿ ڏيندڙ ٻڌجي مانَ ۽ دان سان پنهنجي طرف ڏانهن ڪر. اهڙي ريت تون وڏي ۾ وڏي سينا کي بہ ٽوڙي سگهندين، جهڙي ريت تيز هوا ڪڪرن کي ٽوڙي ڇڏيندي آهي. تون انهن کي اڳوات ئي ڌن جو عيوضو ڏيئي ڇڏ.“

راڻيءَ، پٽ کي اجان وڏيڪ عاقلانہ نموني هدايت ڪندي ماڻهن جي دلين جيتڻ جو سبق هينئن نموني ڏسيو. ”صبح جو سوير اُٿ، ۽ سيني سان مِٺو ڳالهاءِ، ائين ڪرڻ سان ماڻهو تنهنجا همدرد ٿيندا ۽ پڪ توکي پنهنجو اڳواڻ بڻائيندا.

دشمن کي جيئن ئي معلوم ٿيندو آهي تہ ان جو مخالف حياتيءَ جي لالچ ڇڏي، جنگ لاءِ تيار آهي تہ پر ۾ رهندڙ، نانگ وانگر، اُن (دشمن) جي ڍپ کان ٿڌو ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن دشمن کي فتح مند سمجهي پنهنجي ڪمزوريءَ ڪري ان کي وس ۾ نہ ڪري سگهجي تہ ان کي پنهنجي پروسي جوڳن ماڻهن رستي سهارو ڏيڻ ۽ پئسي جي لالچ جو استعمال ڪري حالتن کي موافق بڻائڻ گهرجي. [ جيئن هو (دشمن) حملو نہ ڪري خاموش وينو رهي] ائين ڪرڻ سان بہ ڪجھ نہ ڪجھ ٿيندو آهي. اهڙي ريت دشمن کي خاموش ڪري ڇڏڻ سان بي خوف سهارو ملي ويندو آهي. جيڪو حاصل ڪري جهڳڙي ۾ نہ ڦاسڻ ڪري پنهنجي خزاني جو واڌارو ٿيندو آهي. پوءِ خزاني واري راجا جا ڪيترائي عزيز سهارو وٺندا آهن ۽ ان جي خدمت ڪندا آهن جنهن جي ملڪيت ۽ وقار ناس ٿي ويندو آهي، ان جا عزيز، ياٺر ۽ مائٽ بہ ان کي ڇڏي ويندا آهن. متس پروسو ڪونہ ڪندا آهن ۽ اهڙن جي گلا بہ ڪندا آهن.

پٽ! ڪهڙي بہ آفت چونہ اچي، راجا کي ڪڏهين خوف نہ ڏارڻ گهرجي، نہ ئي گهبرائڻ گهرجي، جيڪڏهن ڊنل هجي تڏهن بہ ظاهر نہ ڪري. راجا کي خوف ۾ ڏسي سندس رعيت جا سڀ ماڻهو گهبرائجي ويندا. حڪومت جو عوام، فوج ۽ سپاهہ بہ ٻيو ويچار ڪرڻ لڳندا آهن. انهن مان ڪي تہ راجا جي دشمنن سان ملي ويندا آهن، ٻيا ڪيس ڇڏي ويندا آهن ۽ ڪي، جن جي راجا هٿان بي عزتي ٿيندي آهي، سي ان حالت ۾ متس حملو ڪرڻ جو سوچيندا آهن. جيڪي فقط خاص همدرد هوندا آهن، اهي ئي اهڙي تڪليف جي وقت ان راجا وٽ رهجي ويندا آهن، پر اُهي بہ لاچار هئڻ ڪري ڪجھ بہ نہ ڪري سگهندا آهن فقط من ئي من ۾ ان لاءِ نيڪ خواهشون رکندا آهن.

سنجيہ! جيڪڏهن مان هي سڀ نيڪ چئي رهي آهيان ۽ جيڪڏهن تون بہ منهنجي ڳالهين کي پوري ريت سمجهي رهيو آهين تہ پنهنجو پاڻ مضبوط ٿي، فتح جي لاءِ اُٿي ڪڙو ٿيءُ. اسان وٽ اجان گهڻو خزانو آهي،

جنهنجي توکي ڄاڻ ڪانهي. مون کي ئي خبر آهي، ٻئي ڪنهن کي ڪانهي، اهو خزانو مان توکي سونپيان ٿي.

ماءُ جي ايتري هدايت ۽ تنبيهه ڪرڻ کان پوءِ پُٽ وراڻيو، امان، تنهنجا اهي امرت جهڙا خيال ڏاڍي ڪننائيءَ سان ٻڌڻ لاءِ مليا. هاڻ ڏِس مان دشمنن جي ختم ڪرڻ ۽ سوڀ لاءِ تياري ڪري رهيو آهيان.

مٿين سڄي بيان منجهان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته ڪيئن نه راڻي ودلا جي جرئت پيدا ڪندڙ عاقلانه گفتن، سست ۽ ڪاهل پُٽ ۾ بهادريءَ جا گُڻ پيدا ڪري ڇڏيا ۽ هو سستي ۽ ڪاهلي ڇڏي قوم جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو*

# راڻي دهشلا

قديم زماني ۾ جاٽ* (جت ( Jt ۽ ميد (Myd) نالي سنڌو درياءَ جي ڪناري ٻه قبيلا آباد هئا (1) تاريخي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هي اُهي قومون هيون جن آرين جي پکڙجڻ کان اڳ مختلف ملڪن ۾ قرلٽ ۽ قتل جي بازار گرم ڪري ڇڏي هئي. (2) اهي قبيلا (قومون) نا معلوم عرصي کان درياءِ سنڌ (3) جي ڪناري رهنديون هيون ۽ هڪ ٻئي جون دشمن هيون. ميدن ۽ جاٽن جون هڪ ٻئي سان گهرو لڙايون هلنديون هيون.

---

- جاٽ اصل ۾ جت جو بدليل روپ آهي. هي اصل ۾ هندو آهن. گنگارام سمرات لکيو آهـ: عرب هندن کي جاٽ چوندا آهن.“ (سنڌو سؤوير ص 187 )

(1) جت (Zt) ۽ ميد (Myd) هام جي ونش مان آهن. اهي سنڌ ۾ نديءَ جي ڪناري رهندا آهن جنهن کي بحر چوندا آهن. (سنڌو سؤوير ص 187)

ڊاڪٽر نبي بخش خان جو خيال ٻين کان مختلف آهي. سندس راءِ موجب بحر جا ڇاڙو جت نہ بلڪ ”سنڌ جا ميد غالبًا سنڌ جي ساموندي ساحل جا ميربحر هئا. (چچ نامو ص 437)

(2) مولوي نور محمد نظاماڻي جي خيال مطابق شايد سنڌ جا هي ميد بہ انهيءَ عظيم الشان ۽ مشهور قوم سان تعلق رکندا هجن جن اُسريا جي سلطنت کان اڳ واديءَ جي بلندي ۾ وڏي شان ۽ شوڪت سان هڪ سلطنت قائم ڪئي (تاريخ سنڌ ص 25)

(3) شري گنگارام نديءَ جو نالو ”پاهن“ لکيو آهي ۽ اڳيان سوال (؟) جي نشاني ڏني اٿس. جنهن جو مطلب آهي تہ ان جي اصل جاءِ معلوم ڪينهي. (سنڌو سؤوير ص687)

جيڪي وڏندي ان حد تائين وڃي پهتيون جو جاٽن کي مجبور ٿي درياءَ جي ٻي ڪنڌي وَسائڻي پيئي. ان تبديليءَ کان پوءِ ٻئي قومون هڪ ٻئي کان ڌار ٿي سُک سانت سان رهڻ لڳيون. پر جيئن تہ جاٽ ٻيڙين ناهڻ ۽ هلائڻ جا ماهر هئا ۽ ميد ان فن کان بي خبر هئا، تنهنڪري ان ڪمزوريءَ مان فائدو وٺندي، هو ٻيڙين تي چڙهي ميدن تي حملو ڪندا هئا ۽ سندن چوپايو مال پڪڙي ٻيڙين ۾ وجهي وڃي پار پوندا هئا. ڪافي عرصو اهو سلسلو هلندو رهيو، دريائي اڌ ڄاڻائيءَ ڪري ميدن کي مار ڪائڻي ٿي پيئي، سندن ڪو حيلو ڪونہ ٿي هليو، اهڙين حالتن ڪري ميد جاٽن کان پوري ريت دٻجي ويا ۽ نهايت مجبوريءَ واري حالت ۾ گذارڻ لڳا.

ميدن کي جنهن ريت مجبور ڪيو ويو ۽ کين جنهن حالت تي پهچايو ويو هو، ان حال تي جاٽن جي چڱي مڙس کي رحم آيو ۽ پنهنجي قبيلي کي ماضي ياد ڏياري احساس ڏيارائين تہ کين اهو وقت ياد ڪرڻ گهرجي جڏهن اهي ئي ميد سندن تي قابض هئا ۽ سندن نقصان ڪندا هئا. هن کين اهو بہ سمجهايو تہ وقت سدائين هڪ جهڙو رهڻو نہ آهي، ٿي سگهي ٿو تہ سڀاڻي

وقت بدلجي وڃي ۽ هو اسان (جاٽن) تي وري قابض ٿي وڃن اهڙي حالت ۾ پاڻ کي ڪيترو نه پڇتائڻو پوندو ان ڪري ڀنهي قبيلن جي ڀلائي اُن ۾ آهي ته پاڻ ۾ ناهه ڪري ٻئي ڌريون امن و امان جي زندگي گذاريون.

ان سردار سندن پرچاءُ ڪرائي ڀنهي قبيلن مان مُک ماڻهو چونڊي راجا ڌرت راشٽر جي پٽ (Dahrat) ڌريوڌن (Dajushon) [1] ڏانهن موڪليو ۽ ڪين اهو مشورو ڏنو ته راجا کي گزارش ڪئي وڃي ته "هو پنهنجي طرفان ڪنهن کي توهان تي راجا مقرر ڪري ۽ پوءِ جڏهن اهو ڌريوڌن جو نائب اوهان وٽ حاڪم بڻجي اچي تڏهن ٻئي ان راجا جي فرمانبرداري ڪريو."ب*

اهي ايلچي جڏهن ڌريوڌن جي درٻار ۾ پهتا تڏهن راجا انهن سان نهايت سهڻو سلوڪ ڪيو ۽ پنهنجي ڀيڻ دهشلا کي سنڌ ۾ موڪلي ڏنو. جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي ته هي راڻي هند (اصل سنڌ) جي راجا ڌرت راشٽر جي نياڻي هئي. ڌريوڌن سندس ڀاءُ هو.

سندس ڀاروتڻ جي ڪائي معلومات ٿي نه سگهي آهي. تاريخن مان صرف اهو پتو پوي ٿو ته هوءَ "سنڌ جي راجا جيدرٿ جي راڻي هئي."* راجا

---

[1] سنڌ ملڪ جون پراڻي زماني ۾ سرحدون وسيع رهيون آهن. ملڪ هڪ ئي نالي سان سڏبو هو. باقي هر حڪمران جون جدا جدا رياستون يا پرڳڻا هوندا هئا، جن تي اهي پنهنجي پنهنجي نموني راڄ ڪندا هئا. جيئن محترم شمس الدين رڪن الدين قديم سنڌ جي سرحدن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي: " سنڌ نالي وارو ملڪ اُتر ۾ سائبيريا کان وٺي، ڏکڻ ۾ موجوده بحرهند جي قديم ۽ موجوده ٻيٽن تائين ۽ الهندي ۾ درياءِ دجله کان وٺي، اڀرندي ۾ چين واري سمنڊ تائين پکڙيل هو. گويا ڌري گهٽ سارو ايشيا کنڊ سنڌ نالي وارو ملڪ هو." (آئينهٔ قديم سنڌ، عرض گذارش ص 1)

راجا ڌريوڌن ان ئي سنڌ ملڪ واري وسيع ايراضي جي ڪنهن حصي جو راجا هوندو جو گهڻي وقت بعد ٻولين جي مٽا سٽا جي ڪري هند سڏجڻ لڳو هوندو. (آزاد)

* تاريخ سنڌ، مولوي نور محمد نظاماڻي صفحه 27 سنڌ سؤوير جي لکت هن ريت آهي: ٻنهي ڌرين کي صلاح ڏنائين ته پنهنجا کي چڱا مڙس راجا ڌرت راشٽر جي پٽ ڌريوڌن وٽ موڪليو ۽ گهُر ڪريو ته ڪو راجا موڪلي جنهن جي ماتحت ٻئي ڌريون رهن." (ص 188)

جيدرت سان سندس ڪيئن سَگ ٿيو تنهن لاءِ پڻ ڪائي معلومات ملي نہ سگهي آهي.

## حڪومت جون ذميواريون:

متي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ جاٽن ۽ ميدن جي گذارش تي راڻي دهشلا ڪي سندس ڀاءُ ٻنهي قبيلن مٿان راڄ ڪرڻ خاطر روانو ڪيو. هن پنهنجي گاديءَ جو هنڌ اسڪلنده (Askaland) ۾ مقرر ڪيو.

هيءَ راڻي نهايت هوشيار ۽ وڏي لياقت واري هئي. سندس لياقت ۽ ڏاهپ جا قصا گهڻي قدر بيان ڪيا وڃن ٿا. ملڪ پڻ سُکيو ستابو هو، ملڪ جي اندر بهادر ۽ جنگجو قبيلا آباد هئا. مطلب تہ هر لحاظ کان سپت سنڌوديش جي هنڌين ماڳين هاڪ هئي. پر سڀ کان وڏي گهٽتائي جا راڻيءَ کي نظر آئي سا هئي بزرگ ۽ برهمڻن جو ملڪ ۾ نہ هئڻ. سندس خيال موجب هيڏي وڏي سکئي ستابي ملڪ ۾ برهمڻن جو ملڪ جي ڀلي خاطر هجڻ ضروري هو. "جن جي لياقت ۽ دانائيءَ سان هي ملڪ علمي عزت بہ حاصل ڪري سگهي ها."0 اهو سمورو حال هن پنهنجي ڀاءُ کي هڪ خط رستي موڪلي، برهمڻن موڪلڻ لاءِ چيو، جنهن تي سندس ڀاءُ ڏريوڌن "سڄي ڀارت مان 30 هزار برهمڻ ڪُنا ڪري مال ۽ سامان سوڌو ڀيڻ ڏانهن موڪليا."**

---

* آئينہ قديم سنڌ، شمس الدين ص 71

0 تاريخ سنڌ، مولوي نور محمد نظاماڻي ص 28

** سنڌو سؤوير ص 188

## نظامِ حڪومت:

راڻي دهشلا هوشيار ۽ نهايت نيڪ بخت راڻي هئي. هن اعليٰ صلاحيتن ۽ قابليت سان ملڪ جو انتظام اعليٰ نموني سان هلايو. سندس سٺي انتظام جي ڪري ملڪ ڏاڍو شاهوڪار ۽ اڳين ڪان وڌيڪ سکيو ستابو ٿي ويو. هن دانائي ڪري، جو برهمڻن کي گهرايو، تنهنڪري ملڪ ۾ جا علمي ڪوت هئي، سا پڻ پوري ٿي ويئي، ۽ هنن (برهمڻن) نيڪ انسانن جي برڪت سان ٿوري عرصي ئي اندر سنڌ جو ملڪ وڏي رونق حاصل ڪري ويو." (تاريخ سنڌ، مولوي نور محمد نظاماڻي ص 28)

سندس زندگيءَ ۾ هينيون ڳالهيون نمايان نظر اچن ٿيون.

هونئن ته راجائن جو مقصد راڄ ڪرڻ هوندو آهي ۽ اڪثر حڪمرانن جو مقصد ويڙهايو ۽ راڄ ڪيو پئي رهيو آهي. راڻي دهشلا کي ته حڪومت جون واڳون ئي اهڙي وقت ۾ مليون جو، هوءَ سخت رويو اختيار ڪري پئي سگهي. پر ان جي برعڪس هن عوام ۾ خونريزي پکيڙڻ بجاءِ، امن پسندانه ماحول پيدا ڪيو. هن ٻنهي قبيلن جو پاڻ ۾ ناهه ڪرائي سندن ورهين جا پراڻا جهڳڙا ختم ڪرايا. هن چيڙي نبيري ڪارڻ پئنچاتي نظام تحت ٻنهي قبيلن منجهان چڱا مڙس چونڊيا جن جي هٿ ۾ پنهنجي قبيلي کي صحيح نموني هلائڻ جو بار هو. هن جاٽ (جت) منجهان جنهن شخص کي مقرر ڪيو تنهن جو نالو جيدرت (Judrat) مليو آهي. [1] ( **تاريخ سنڌ، نظاماڻي ص 28، سنڌو سؤوير ص 188.**

ساڳي ريت ميدن منجهان پڻ خاص ماڻهو مقرر ڪيو ويو پر ان جو نالو ملي نه سگهيو آهي. انهن ٻنهي قبيلن کي ملڪ جا حصا ورهائي ڏنا ويا هئا جن ۾ هو پنهنجي اتي ويٺي اعليٰ نموني ڪندا هئا.

اڳتي هلي هند جي راجا ارجن ۽ سنڌين جي ويڙهاند ۾ هن راڻيءَ امن پسندانہ ڪردار ادا ڪندي، وچ ۾ پئي، عوام جي خونريزي بند ڪرائي. راجا ارجن سنگابنديءَ ۾ راڻي دهشلا جو سوٽ (ڀاءُ) ٿيندو هو.

ٿيو ائين جو راڻي دهشلا جي پتي راجا جيدرٿ جو پانڊون سان راجا دروپد جي ڌيءُ تان جهڳڙو ٿي پيو، جنهن ۾ راجا جيدرٿ جي بي عزتي ٿي. ان تان چڙي ”هن شنڪر کي راضي ڪيو مان سيني پانڊون کي جيتي سگهان، اهڙو ورهن شنڪر کان گهريو“ [2] ڪيس اهو آسرو مليو تہ هو ارجن کان سواءِ (غير حاضري ۾) [2] سنڌو سؤوير ص 183
باقي ٻين پانڊون کي فتح ڪندو. آخر ٿيو بہ ائين. ارجن جي غير حاضري ۾ هن پانڊون تي فتح حاصل ڪئي. جنهن تان ارجن واعدو ڪيو تہ ”سياڻ سج لهڻ کان اڳ مان جيدرٿ جو وڌ (قتل) ڪندس“ (سنڌو سؤوير ص 183.) آخر ڪافي حيلن ۽ اٽڪلن سان ارجن جيدرٿ کي مارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اڳتي هلي اهڙا سبب ٻڻيا جن جي ڪري ارجن ۽ سنڌين ۾ دوبدو لڙائي ٿي. ان موقعي تي راڻي دهشلا جو نهايت ڪارائتو ڪردار نظر اچي ٿو. سنڌين جي فوج تہ ان موقعي تي پنهنجي راجا جيدرٿ جو وڌ (قتل) ياد ڪري وڏي جوش، جذبي سان وڙهڻ لڳي پر پوءِ بہ سندس حالت هيٺي رهي، ان موقعي تي هن سنڌين کي سمجهايو ۽ پاڻ ”اهو حال ڏسي پنهنجي پٽ سرٿ جي پٽ (پوٽي) [1] کي ساڻ ڪري رَٿ تي سوار ٿي جنگ جي ميدان ۾ آئي“ سندس مطلب اهو هو تہ سڀ جنگ بند ڪن. ان لاءِ هوءَ ارجن وٽ اچي زار زار روئڻ لڳي. ارجن جي پڇڻ تي ڪيس چيائين: ”هي تنهنجي ڀاٽيجي (سرٿ جو پٽ دهشلا جو پوٽو) آهي. ڏس هي توکي پرڻام تو ڪري“ تڏهن ارجن پڇيو سرٿ (دهشلا جو پٽ) ڪٿي آهي؟ تنهن تي چيائينس، ”سرٿ ٻڌو هو تہ ارجن هٿان ئي پٽس (جيدرٿ) جو موت ٿيو هو. ان بعد جڏهن ٻڌائين تہ تون گهوڙي سان هتي پهتو آهين (جنگ لاءِ) تہ هو پيءُ جي موت کان دکي ٿي هراسجي مري ويو“..... ان ڪري هن ٻالڪ (سرٿ جي پٽ) تي ڪرپا ڪر. هن جو ڏاڏو

انارية نرشنس تنهنجو دشمن هو، ان کي پلجي وڃ. هن تي ڪرپا ڪر. اهو ٻڌندي ارجن به دکي ٿي پيڻ (سوٽ، دهشلا) کي دلداري ڏيئي گهر روانو ڪيو.“ [2]

اهڙي ريت ملڪ تان خوني ڪڪر سڪ، سانت سان اڪري ويا ۽ ارجن دهشلا جي صلاح سان سندس پوٽي (سرٿ جي پٽ) کي سنڌ جي گاديءَ تي وهاري پاڻ اڳتي روانو ٿي ويو.[3]

---

[1] معلوم ائين ٿو ٿئي ته اهو راڻي دهشلا جي پوڙهائپ وارو دور هو. حڪومت جون واڳون سندس هٿن ۾ نه هيون، پوين پنهنجي مرضيءَ مطابق چيڙي نبيري پئي ڪئي جنهن ڪري ملڪ ۾ ڦڏا فساد ٿيا. پاڻ پٽن، پوٽن واري ٿيڻ ڪري، گهر ڏياٽي ٿي ويني هوندي پر پوءِ به اوکي وقت ۾ ميدان ۾ نڪري آئي هوندي. ”آزاد“

[2] سنڌو سؤوير ص 186

[3] سنڌو سؤوير ص 186

## هوءَ اعليٰ صلاحيتن جي مالڪ هئي:

تاريخ اندر هن عورت جيڪي ڪارناما سرانجام ڏنا آهن ۽ جنهن نموني سان هن ملڪ ۾ سڌارا آندا، تن کي ڏسڻ کان پوءِ سندس ذهني صلاحيتن کي داد ڏيڻ کان رهي نٿو سگهجي. هن کي ملڪ خانہ جنگي واري ماحول ۾ مليو. ڊگهو عرصو جهڳڙو هلڻ ڪري ملڪ جي اقتصادي حالت تباه ٿي ويئي هئي. پر هن پنهنجي صلاحيتن سان ملڪ منجهان گهرو جهڳڙي جون پاڙون پٽي ڇڏيون. جهالت دور ڪرڻ لاءِ ٻاهران پڙهيل ماڻهو گهرايا ته جيئن مقامي ماڻهن جو به تعليم ڏانهن چاهه وڌي ۽ جهالت جو خاتمو ٿي سگهي.

اهري ريت هن ملڪ اندر نت نوان سڌارا آندا جنهن ڪري ملڪ وڌيڪ سکيو ستابو ٿي ويو. هن ڪافي شهرن جا بنياد وجهي نوان شهر جوڙايا.

هن جو دور حڪومت اوائلي تاريخ ۾ ساراهڻ جوڳو آهي. هيءَ حڪومت ويهن سالن ڪان ڪجهه مٿيرو قائم رهي. (قديم تاريخ ۾ هيءُ دور پارٿ ونشي سڏجي ٿو)

گنگا رام سمراٽ هن دور لاءِ لکيو آهي "هيءَ راجائي 15 هزار سالن تائين هلي" (سنڌو سؤوير ص 188)

پر راڻي دهشلا جي حڪومت جو دور تاريخن ۾ ويهن سان ڪان ڪجهه مٿيرو ملي ٿو. ان مان اها ڳالهه صاف ظاهر ٿئي ٿي ته هي اهوئي دور ليکيو وڃي ٿو جنهن ۾ راڻي دهشلا پنهنجو پاڻ راڄ ڪيو، ان بعد جيدرٿ جي پٽ سنجيہ (معلوم ٿئي ٿو ته جيدرٿ کي ٻي به راڻي هئي جنهن منجهان سنجيه هو) جو وارو آيو، تنهن بعد ستت ئي "راڻي دهشلا مان ڄاول پٽ سرٿ گاديءَ تي وينو" سنڌو سؤوير ص 185

سرٿ، ارجن جو جنگ ڪارڻ، اڇڻ جو ٻڌي راهه رباني وٺي ويو. جيدرٿ جي قتل جي بدلي ڪارڻ، سنڌين جي فوج ارجن جي سامهون ٿي. وڏي خونريزي ٿيڻ جو امڪان هو پر راڻي دهشلا جي حڪمت عمليءَ جي ڪري ملڪ تان اها آفت ٽري ويئي. تنهن بعد ارجن راڻي دهشلا جي اصرار تي سندس پوٽي (سرٿ جي پٽ) کي سنڌ جي حڪومت حوالي ڪئي. هن گهراڻي جو آخري بادشاهه ڪويا هورت هيو، جو ملڪي خانہ جنگيءَ جو شڪار ٿي ويو.

## پاندون گهراڻي جي تباهي:

مولانا آزاد لکيو آهي: "ايشيا ۾ هميشه پاليٽڪس (سياست) مذهب جي پردي هيٺ رهي آهي. هزارين خونريزيون، جي پوليٽيڪل سببن ڪري ٿيون

آهن، تن کي مذهب جي چادر پهرائي، ڏيکيو ۽ لکايو ويو آهي.“ اهڙي ريت هن گهراڻي جي تباهيءَ جو سبب پڻ مذهبي جنون ۽ ڪٽرپڻي تي ٻڌل آهي.

برهمڻ، جن ڪي شروعاتي دور ۾ راڻي دهشلا گهرايو هو، سي مذهبي پيشوا هئا. ڌرمي معاملا سندن حوالي هئا. هندو ڌرم ۾ ڳئونءَ کي ”گانءِ ماتا“ جو درجو هئڻ ڪري، فضيلت وارو درجو حاصل هو/ آهي. شايد پاندون گهراڻي وارن وٽ ڳئونءَ کي اهو درجو حاصل نه هو، ان ڪري ٿيو ائين جو هڪ ڏينهن پاندون گهراڻي جي ماڻهن ڪن اختلافن سبب برهمڻ جي گهران ڳئون ڪڍي ويا ۽ مارڻ جو ارادو ڪيائون. برهمڻ جي سامهون ٿيڻ تي هنن خار ۾ اچي برهمڻ کي ڳئون سوڌو ماري ڇڏيو. ان ڳالهه جڻ ته باهه تي پيٽرول جو ڪم ڏنو. ان برهمڻ جو جوان پٽ جنهن جو نالو برهمين هو، سو دنيا جي ماحول کان منهن موڙي وڃي جبل تي رهڻ لڳو هو. تنهن کي جو پيءُ جي مارجڻ جي خبر پيئي، سو پاندون خاندان کي تباهه ڪرڻ جو وچن ڪري جبل تان هيٺ لهي آيو. هن ڳئون واري قصي کي مذهبي رنگ سان هوا ڏني ۽ هڪ مذهبي پيشوا جي قتل کي ماڻهن ۾ مشهوري ڏياري عوام کي پاڻ ڏانهن راغب ڪرڻ شروع ڪيو. اهڙي ريت هن عوام جو ڪافي تعداد پاڻ سان شامل ڪري جنگ رستي پاندون خاندان جي حڪمراني ختم ڪئي. (هن سموري واقعي جو تفصيلي ذڪر شري رامچند ايس ڪتري جي ڪتاب **”شري هنگلاج جي ياترا“** ۾ آيل آهي. نه صرف هن خاندان جي حڪمراني ختم ڪئي پر برهمين هن خاندان کي ملڪ منجهان موراهين ختم ڪرڻ تي سندرو ٻڌي بيٺو ۽ ڪافي عرصو ملڪ اندر پاندون جو قتل عام جاري رهيو، آخر پول نالي پاندو جي ڌيءُ نڪولا برهمين جي دربار ۾ آئي، ۽ اچي معافي ورتي. تڏهن هنن تان ڏمر لٿو، پر پوءِ به هن سندن حيثيت کي ڪيرائڻ لاءِ اهڙا ته اوکا شرط وڌا جن جي ڪري هن گهراڻي کي ڪاسائي ۽ ميراسي بڻجڻو پيو. چون ٿا ته: ”هندو بانسري وڄائڻ وارا هنن جي نسل مان آهن.“ **(تاريخ سنڌ، نور محمد نظاماڻي ص 31**

باوجود ايتري سختيءَ جي جيدرث جو هال نالي پٽ جان بچائي ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، جنهن هند جي ڪنهن ٻئي ڀاڱي تي وڃي راڄ قائم ڪيو. هو پنهنجي سر وڏي اثر رسوخ وارو هو. هن سلطنت کي سهٽي نموني ٺاهيو. هن جي حڪومت ۾ اعليٰ درجي جو ڪپڙو ٺهندو هو، جنهن تي راجا زعفران سان پنهنجي پير جو ٺپو هڻندو هو. ان ٺپي لڳل ڪپڙي جي ڪشمير جي راجا پنهنجي راڻيءَ کي ساڙهي پاتل ڏني، راڻيءَ جي بدن تي پاتل ڪپڙي تي غير مرد جي پير جو نشان ڏسي ڪاوڙجي پيو ۽ هال جي حڪومت کي ختم ڪرڻ لاءِ حملو ڪيائين پر هن ڪيس زبردست شڪست ڏيئي واپس ڪري ڇڏيو. (سنڌو سؤوير ص 35)

## باب پهريون:

# راءِ ۽ برهمڻ دؤر

سنڌ تي چندر ونسي حاڪمن (يادون) جو لقب ”راءِ“ هو ۽ سندن تخت گاهه 'الور' جو شهر هو. هن گهراڻي جو آخري حڪمران راءِ ساهسي ثاني هو. ملڪ جو سرڪاري مذهب ٻڌ ڌرم هو، جو ڪمزور تي گهٽڻ ئي فرقن ۾ ورهائجي ويو هو، ملڪ اندر برهمڻ، ٻڌ ڌرم وارن جي مخالفت ڪرڻ ۾ رڌل هئا. (جنت السنڌ ص 73)

راءِ جو رام نالي وزير هو جنهن ملڪ جي وڏي پنڊت سيلائج جي پٽ چچ کي پاڻ وٽ محرم ڪري رکيو هو. چچ نهايت ذهين ۽ هوشيار هو، تنهن پنهنجي اعليٰ صلاحيتن سان راءِ وٽ پنهنجي لاءِ عزت ۽ مان مرتبو پيدا ڪري ورتو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ حڪومت جي اعليٰ عهدي تي فائز ٿي ويو. آخر راءِ جي موت بعد سندس راڻيءَ جي رضامنديءَ سان پاڻ تخت تي ويٺو. (راءِ بغير اولاد جي وفات ڪري ويو هو)

راجا چچ 662ع ۾ وفات ڪئي. ان بعد چندر تخت تي ويٺو، جنهن حڪومت جي اٺين سال 669ع ۾ وفات ڪئي. تنهن بعد مهاراجا ڏاهر تخت تي ويٺو.

ان دور ۾ هيٺين چئن عورتن جو نمايان ڪردار نظر اچي ٿو:

1. سونهن ديوي (چچ جي زال)
2. مائي ماين (ڏاهر جي ڀيڻ)
3. راڻي لاڏي (ڏاهر جي زال)
4. سريا ديوي ۽ پرمل ديوي (ڏاهر جون ڌيئر)

# راڻي (شوپا) سونهن ديوي

هيءَ راڻي سنڌ جي ناميارڻي حاڪم چچ جي راڻي هئي جنهن جي ڪُک منجهان سنڌ جو سر موڙ حاڪم مهاراجا ڏاهر پيدا ٿيو.

## حسب نسب:

هيءَ راڻي ذات جي اُهيرڻ يا اُپيرڻ هئي. چچ سان پلئہ ٻڌجڻ کان پهريان راءِ گهراڻي جي حاڪم راءِ ساهسي سان سندس شادي ٿيل هئي، راءِ گهراڻو ذات جو اُهير يا اُپير هو. هي اصل سنڌي هئا ۽ سنڌ ۽ هند جا ڪافي وقت حاڪم رهيا. (**محمد سومار شيخ جو مضمون ”سنڌ جون راڻيون“ ماهوار مارئي فيبروري** 1960ع.) راءِ سان راڻيءَ جا ڪڏهن پلئہ ٻڌا تنهن جي معلومات نہ ملي سگهي آهي. البت ايترو چئي سگهجي ٿو تہ راڻي، راءِ جي قبيلي مان هئي.

## جو راءِ وٽ اچڻ:

راءِ ساهسي جي راڄ ۾ زاهد ۽ پرهيزگار برهمڻ سيلاج رهندو هو، جيڪو عبادت ۾ مشغول هوندو هو. تنهن کي اعليٰ صفتن جو مالڪ، نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت، حسين ۽ جميل پٽ چچ نالي هو. هڪ ڏينهن چچ ڪنهن ڪم سانگي راءِ ساهسي جي وزير رام سان ملڻ ويو جنهن سندس علم ۽ عقل کي پروڙيندي پنهنجي سهولت خاطر ڪيس پنهنجو نائب ڪري رکيو. ڪجهہ وقت بعد رام جي مرڻ ڪري، وزارت چچ جي حوالي ٿي. اهڙي ريت هو راءِ جو خاص خدمتگار ۽ مددگار بڻجي ڪم ڪندو رهيو.

## چچ سان راڻيءَ جو عشق:

چچ کي جڏهن کان وزارت جو عهدو مليو، تڏهن کان هو ڪم ڪار سانگي هر وقت محل سراءِ ۾ ويندو رهندو هو. هڪ ڏينهن راجا راڻيءَ

سان وينو هيو جو هن خاص محرم دربان هٿ اچڻ جي اجازت گهري، راڻ
راڻيءَ کي پردي ۾ تيڻ لاءِ چيو پر راڻيءَ راجا کي اهو چئي خاموش ڪرائي
ڇڏيو ته : ”ڪيئي اوباش نوڪر پيا اچن، جيڪڏهن هڪ برهمڻ ايندو ته
منهنجو هن ڏانهن ڪهڙو توجه ٿيندو، يا هن کان ڪهڙو شرم ڪرڻ گهرجي،
جو ڪانئس لڪان! منهنجا هزار ساهه ساهسيءَ جي خاڪ تان قربان هجن
شال!“ **(چچ نامو ص 28)**

راڻيءَ کي به پنهنجو پاڻ تي فخر هيو پر عشق به ڪائي مذاق ته
نه آهي. لطيف چيو آهي : ”عشق آهي نانگ خبر ڪاڏن کان پڇو.“ چچ جن
ڪمن سان راڻ اڳيان آيو هو سي پورا ڪري واپس وري ويو پر راڻيءَ جي
اندر ۾ عشق جي آڳ لڳائي ويو. راڻي هن برهمڻ جو ايڏو حسن ۽ جمال
ڏٺو سو متيون منجهي ويس، ڪيس اهو به خيال نه رهيو ته وقت جي حاڪم
جو حرم آهيان. سندس سوچ ويچار ۽ عقل جا دروازا بند ٿي ويا. اهڙي
پريشان ڪن حال ۾ هن برهمڻ وزير کي پيغام موڪليو جنهن ۾ عشق جو
ڪلي دل سان اظهار ڪيائين. پر چچ بلند اخلاق وارو برهمڻ هو تنهن اهڙي
قسم جي حرڪت ڪرڻ گناهه جي برابر پئي ڄاتو ان ڪري راڻيءَ کي چوائي
موڪليائين: ”راجائن جي حرم ۾ خيانت ڪرڻ جان جو خطرو، آخرت جي
گرفتاري ۽ دنيا جي بدنامي آهي....“ **(چچ نامو ص 30)** چچ پاران اهڙي جواب
ملڻ تي راڻي ٻيو ڪو حيلو نه ڏسي اها گزارش ڪئي ته: ”هر روز پنهنجي
خيال ۽ جمال کان اسان کي بهره اندوز ته ڪندو رهج.“ **(چچ نامو ص 30)**
اهڙي ريت چچ سرڪاري ڪمن ڪارين سان ويندو رهندو هو ۽ راڻي به
خاموش رهندي پئي آئي.

## راءِ جو مرڻ ۽ راڻيءَ جو ملڪ بچائڻ:

چچ هوشيار ۽ قابل ماڻهو هو تنهن ڪري عوام هن مان هر طرح راضي رهندو پئي آيو. البت چتور جي حاڪم مهرٿ جون هر وقت راءِ ساهسي جي حڪومت ۾ اکيون هونديون هيون، ان ڪري راءِ خلاف مِتن مائتن کي پڙڪائيندو ٿي رهيو. جنهن ڳالهه کان راڻي پوريءَ ريت واقف ٿي چڪي هئي. راءِ کي ڪوبہ اولاد ڪونہ هيو، تنهن ڪري راجا مهرٿ جي فاتح بڻجي وڃڻ جا وڏا انديشا هئا. اهڙي وقت راڻيءَ عقل کان ڪم وٺندي نهايت هوشياريءَ کان ڪم ورتو، هن سنڌ ملڪ، چتور جي راجا جي هٿ هيٺ اچڻ کان بهتر ڄاتو تہ چچ جيڪو اڳ ئي ملڪ جي ڀلي لاءِ ڪيئي ڪارنامہ سر انجام ڏيئي چڪو آهي، تنهن جي هٿ ۾ واڳون ڏيئي ملڪ کي ڌارئي حملي آور کان بچائي وٺجي، اهو سوچي هن راءِ جي پوئين وقت ۾ راءِ جا اهي عزيز جي چتور جي حاڪم جي چُرچ تي ڪم ڪري رهيا هئا، تن کي راءِ سان ملاقات جي بهاني گهرائي، ڪن کي قيد ڪيو، ڪن کي ختم ڪرائي ڇڏيو. راءِ جي لاڏاڻي جي خبر بہ ڪجهه وقت تائين ٻاهر نڪرڻ نہ ڏني. ان وچ ۾ هن شاهي دربار منعقد ڪرائي ان ۾ پاڻ پردي پويان ويهي ٻڌيمن وزير جي معرفت راءِ پاران چچ کي نائب مقرر ڪرڻ جو اعلان ڪرايو. چچ منجهان عوام تہ اڳ ئي راضي هيو تنهن ڪري سيني ادب سان گوڏا کوڙيا ۽ زمين تي مٿا ٽيڪيا ۽ چيو"راءِ جي حڪم جا تابعدار آهيون ۽ چچ وزير (پڻ) بهرحال سهڻن ۽ وڻندڙ عادتن سان سينگاريل آهي ۽ سندس عقل جي بدولت ملڪ جو ڪاروبار درست (هلي رهيو) آهي." **(چچ نامو)** اهڙي طرح عوام جي اڪثريت راءِ سان چچ ملڪ جو حاڪم بڻجي ويو.

(مولائي شيدائي عرب تاريخدانن وانگر مقامي ماڻهن تي چوهه چنڊيندي راڻيءَ جي ڪردار جي باري ۾ لکيو آهي: "ساهسي ثانيءَ جو موت بہ هن خفيہ ياراڻيءَ جو نتيجو هو." **(جنت السنڌ ص 73)**

مولائي شيدائيءَ هتي اها ڳالهه لکي چچ جي تاريخي ڪردار کي ڏک رسائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حقيقت ۾ راجا جو انتقال قدرتي طور ٿيو هيو، جيئن مرزا قليچ بيگ چچ نامي ۾ لکيو آهي: ”نيٺ قضا ۽ تقدير جو حڪم غيب جي پردي مان ظاهر ٿيو. راجا بيمار ٿي پيو ۽ هنجي بيماريءَ گهڻو عرصو ورتو. آخر موت جا آثار هن جي منهن مان ظاهر ٿيڻ لڳا.“ ص 23. مٿين ڳالهه جي تصديق معصومي ص 48 مان پڻ ملي ٿي.

## ملڪ تي حملو ۽ راڻيءَ جي بهادري:

راءِ جي موت جي خبر ٿورن ئي ڏينهن ۾ عوام اندر پکڙجي ويئي پر عوام منجهان ڪنهن به قسم جي ردعمل جو اظهار نه ٿيو ڇاڪاڻ جو ملڪ جو عوام چچ جي صداقت، محنت ۽ ملڪ سان وفاداريءَ منجهان پوري ريت واقف هيو. چچ محنت ۽ جفاڪشيءَ سان عوام جون همدرديون حاصل ڪري چڪو هو. البت چتور جي حاڪم مهرت کي حملي ڪرڻ ڪرڻ جو پورو وجهه نظر آيو. مهرت ڄاتو ته چچ برهمڻ راهب آهي، سو تلوار منجهان چا ڄاڻي تنهن کي جلد فتح ٿو ڪري وٺان. هن فوج جو وڏو تعداد ساڻ ڪري جنهن ۾ مست هاٿي به شامل هئا، اچي اروڙ کان ٽن ميلن تي ڪئمپ هنئي ۽ چچ کي چوائي موڪليائين ته: ”ملڪ منهنجي حوالي ڪر ته توکي ساڳي وزيري ۽ نائبيءَ جي عهدي تي قائم رکندس.“ **(راجا مهرت جي مٿين جملن منجهان ائين ٿو معلوم ٿئي ته اصل حڪمران راڻي سونهن ديوي هئي. چچ کي نائبيءَ وارو عهدو هو، جنهن ڪري راجا سندس نائبي برقرار رکڻ جي آڇ ڪئي.) (آزاد)**

چچ پنهنجو پاڻ جنگ ڪرڻ جو اعلان نه ڪيو پر راجا طرفان موڪليل پيغام ڪٺي راڻي سونهن ديوي اڳيان حاضر ٿيو ۽ ڪيس چيائين ته: ”دشمن گهر جي در تي اچي پهتو آهي، ملڪ ۽ ميراث جي دعويٰ ڪري ٿو، هاڻي ڪهڙي صلاح آهي؟“ راڻيءَ سمجهي ورتو ته هن برهمڻ جو حال هيٺو ٿي پيو آهي. تنهن تي سندس دل ٻڌائڻ ۽ جذبي جاڳائڻ لاءِ ڪيس اهڙا جملا چيائين جو هو هڪدم جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. هن ڪيس چيو”مان پرده

نشين عورت آهيان، جيڪڏهن مون کي جنگ ڪرڻي آهي ته پوءِ تون منهنجا ڪپڙا پائي (گهر ۾) ٿي ويهه ۽ پنهنجا ڪپڙا مون کي ڏي ته ٻاهر نڪري وڃي جنگ ڪريان." (چچ نامو ص 37)

سنڌ ۾ اهو آڳاٽو رواج آهي ته مردن کي ميدانِ جنگ ۾ آڻڻ لاءِ ڪين رئو يا چوڙيون ڏياري موڪلبيون آهن، جنهن جو مطلب اهو هوندو آهي ته يا ميدان ۾ ڪُڏي ڪاهي پئو يا وري اهي اسان جا ڳهه ۽ ڪپڙا پائي گهر ۾ ٿي وهو. راڻي سونهن ديوي پڻ ساڳي ريت ڪيو. نه صرف ايترو پر هن چچ جي غيرت جاڳائڻ لاءِ کيس وڏيڪ به چيو: "جڏهن بادشاهي تنهنجي حوالي ۽ توڏانهن منسوب ٿي چڪي ته پوءِ منهنجي صلاح جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ تيار ٿيءُ ۽ گجندڙ شير وانگيان ميدان ۾ وڃي، دشمن جي دفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪر، چاڪاڻ ته عزت ۽ نالي سان مرڻ، پاڻ جهڙي آڏو، ذلت برداشت ڪرڻ کان بهتر آهي." (چچ نامو ص 37) راڻيءَ پاران اهڙي قسم جي جوش ڏياريندڙ جملن چچ جي دل تي ايڏو اثر ڪيو جو هو واقعي گجندڙ شينهن بڻجي راجا مهرت جي فوج تي ٽُٽو ۽ کيس شڪست ڏنائين.

## راڻيءَ جي ٻي شادي

راڻيءَ کي راءِ ساهسي مان ڪوبه اولاد ڪونه هو. تنهن ڪري راءِ جي وفات بعد هن ٻي شاديءَ جو اظهار ڪيو ۽ جيئن ئي چچ، راجا مهرت کي شڪست ڏيئي سوڀ حاصل ڪئي، تيئن راڻي شهر جي وڏن ماڻهن کي گهرائي کيس چيو: "جنهن صورت ۾ راءِ ساهسي گذاري ويو ۽ مون کي منجهائس ڪوبه فرزند ڪونهي، جو ملڪ جو وارث ٿئي ها، ۽ هي ملڪ راجا چچ جي هٿ آيو آهي، تنهنڪري مونکي صحيح ويڏي ۽ چٽي ڏاج سان چچ جي حوالي ڪريو." (چچ نامو ص 39)

اهڙي ريت مذهبي رسمن موجب راڻي چچ جي زال بڻجي ويئي.
چچ مان ڪيس هڪ ڌيءُ ماين ۽ ٻہ پٽ ڏاهر ۽ ـڌهرسين پيدا ٿيا.

# ماين

## پيدائش:

سنڌ جي تاريخ ۾ نمايان حيثيت رکندڙ هيءَ عورت سنڌ تان سِر گهور ڪندڙ مهاراجا ڏاهر جي سڳي ڀيڻ هئي. سندس وڏو ڀاءُ ڏهرسين هو. هيءَ برهمڻ گهراڻي جي باني، زاهد ۽ پرهيزگار بادشاهه چچ ڪي راڻي سونهن ديوي مان پيدا ٿي.

## وڏپڻ:

چچ بن سيلاج، 662ع ۾ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو، تنهن بعد سندس ڀاءُ چندر تخت تي ويٺو جنهن جي ست سال بادشاهي هلي ۽ انين سال ان پڻ ساز سنڀاريا. تڏهن سنڌ تي ٻه راجائون حڪومت ڪرڻ لڳا. اروڙ جي قلعي تي چچ جو پٽ راجا ڏاهر ۽ برهمڻ آباد جي قلعي تي چندر جو پٽ راج حڪومت ڪرڻ لڳو، جنهن جي حڪومت سال ڪن هلي، تنهن بعد برهمڻ آباد جو قلعو چچ جي وڏي پٽ ڏهرسين پنهنجي قبضي ۾ آندو. تاريخن ۾ اچي ٿو تہ جنهن وقت ڏهرسين برهمڻ آباد جو قلعو هٿ ڪيو، تنهن وقت مائي ماين ساڻس نهراڻ ڪري سندس بيعت ڪئي. (چچ نامو ص 73) ” متين روايت مان معلوم ٿو ٿئي تہ ڏاهر ۽ ڏهرسين جي پاڻ ۾ اٽبٽت هئي ۽ غالبًا اها حڪومت جي ورڇ تي ئي تي سگهي ٿي. چوتہ چندر بعد چچ جو وڏو پٽ ڏهرسين، تخت تي ويهڻ ڪپندو هو پر ان جي جڳهہ تي ڏاهر ويٺو. ان ڳالهہ لاءِ ڏهرسين جو برهمڻ آباد قلعي تي قبضو ڪرڻ پڻ متين ڳالهہ کي صحيح سمجهڻ ۾ مدد ٿو ڪري. ماين پاران هار مڃي، ڏهرسين جي بيعت ڪرڻ پڻ، ڄاڻائي ٿي تہ اڳ ماين ڏهرسينہ جي هم خيال نہ هئي بعد ۾ ساڻس ٺاهہ ڪيائين.“ (آزاد) اهڙي ريت بالغ ٿيڻ تائين ڏهرسين سان برهمڻ آباد جي قلعي ۾ رهڻ لڳي. اتي رهندي جڏهن ڏهرسين کي سندس بلوغت کي پهچڻ معلوم ٿيو، تڏهن ڪيس سندس شادي ڪرائڻ

جو ارادو ٿي پيو. جڏهن تہ برهمڻن ۾ ويجهي عزيز سان شادي ڪرڻ مذهبي عقيدي مطابق سخت گناهہ وارو ڪم هيو ان ڪري ڌهرسين کي ماين لاءِ وَرُ ڳولڻ هڪ مسئلو بڻجي پيو. اجان ان سوچ ويچار ۾ هيو تہ ڪجهہ ڏينهن بعد رمل جي راجا سوين راءِ ڀاٽيا جو ماين کي نڪاح ۾ آڻڻ لاءِ پيغام اچي پهتو. تاريخن ۾ اچي ٿو تہ ڌهرسين اگرچ وڏو هيو پر تڏهن بہ ماين جو ڏاجو شاهاڻي نموني سان تيار ڪرائي (جنهن ۾ اُٺ، گهوڙا ۽ نوڪر چاڪر جهجها هئا) پنهنجي ننڍي ڀاءُ ڏاهر ڏانهن موڪليا ۽ لکيو تہ هو ماين کي رمل جي راجا سوين راءِ ڀاٽيا جي حوالي ڪري ڏي. (متين روايت ۾ين مؤرخن بہ بيان ڪئي آهي، پر معلوم ائين ٿو ٿئي تہ مؤرني چچ نامي تان ئي مواد حاصل ڪيو آهي. هن روايت تي غور ڪرڻ سان معلون ٿو ٿئي تہ هتي چچ نامي جي صاحب يا تہ جاڻي واڻي غلط بياني ڪئي آهي يا وري ڪيس صحيح خبر نہ ملي سگهي آهي. چچ نامي اندر ”ماين“ ”ڏاهر“ ۽ سندس وڏي ڀاءُ ڌهرسين جي باري ۾ متضاد ڳالهيون لکيل آهن. جيئن ڌهرسين جو خود برهمڻ آباد جي قلعي تي قبضو ڪرڻ، ماين جو سندس اڳيان پيش پوڻ، ڀاءُ ڀيڻ شادي ڪرڻ وغيره. انهن اختلافي ڳالهين لاءِ ڪنهن بہ چندڻ چاڻ نہ ڪئي آهي، ورنہ اها ڳالهہ سمجهڻ ايتري ڏکي نہ ٿئي ها. سائين جي ايم سيد ان باري ۾ لکيو آهي: ”هندو برهمڻ ڀيڻ تہ ڇڏيو پر سوٽ سان شادي ڪرڻ بہ ناجائز ٿا سمجهن. تنهن ڪري ڀيڻ سان شاديءَ جو بهتان سراسر غلط معلوم ٿئي ٿو. ان لاءِ دليل اهو ڏنو وڃي ٿو تہ هڪ ننڍي راجا کي سَنگ نہ ڏئي پاڻ وٽ ڀيڻ کي وهاري ڇڏيائين. اها ڳالهہ هر ڪنهن کي معلوم آهي تہ هندن ۾ ذات پات جا فرق هئا.“ (سنڌ جا سورما ص 12) سيد صاحب جي متئين لکت کي نظر ۾ رکڻ کان پوءِ ماين سان لاڳو ڪيل ڳالهين کي رد قرار ڏيئي سگهجي ٿو.

## الزام ۽ تهمتون:

چچ نامي جي مؤرخ الزام هنيو آهي تہ ڏاهر ۽ ماين پاڻ ۾ شادي ڪئي هئي، جا سندس لکت مطابق رسمي هئي جنهن ۾ مباشرت کان سواءِ سموريون رسمون ادا ڪيون ويون هيون. (سنڌ جي تاريخ تي سڀ کان اوائلي ڪتاب چچ نامو مليو آهي ۽ اهو عرب فاتحن پاران ائين لکرايل آهي جيئن ۾ين فاتحن جي ياد ۾ ڪتاب جوڙايا هئائون. سنڌين سان وڏو ويل اهو ٿيل آهي جو اڄ تائين ڪوبہ غير جانبدار تاريخدان پيدا نہ ٿيو آهي. چچ نامي تي جن صاحبن تحقيق جو ڪم ڪيو آهي تن کي محمد بن قاسم جي لاڏيءَ سان

شادي ڪرڻ يا سندس ڪي حجاج پاران نندي عمر ۾ سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ ڏيءُ جو سَنگ آڇڻ تہ ٺيڪ نہ لڳو آهي جنهن ڪري انهن ڳالهين ڪي ور وڪڙ ڏيئي غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائون. پر مٿين ڳالھ تي ڪنهن بہ ڌيان نہ ڏنو آهي. حالانڪ تاريخ اندر ان ڳالھ تي تحقيق ڪرڻ جي ڪافي گنجائش موجود آهي. ڊاڪٽر بلوچ محمد بن قاسم جو بچاءُ ڪندي لکيو آهي تہ: ”محمد بن قاسم حجاج جو نياٽو نہ هيو.“ پر سنڌ جي هڪ ٻئي مؤرخ محترم محبوب علي چنا صاحب پنهنجي ڪتاب ”هڪ شخصيت بہ پهلو“ ۾ لکيو آهي: ”ڊاڪٽر بلوچ چچ نامہ سنڌي تعليقات ۾ لکيو آهي تہ محمد بن قاسم حجاج جو نياٽو نہ هو. ان سان مان متفق نہ آهيان. هو حجاج جو نياٽو هو.“ ص 70)

مٿين ڳالھ تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ عرب مؤرخ ان روايت لکڻ ۾ پڻ وڏاءُ غلط بيانيءَ کان ڪم ورتو آهي. مصنف اڳتي هلي راوڙ جي قلعي مان هٿ آيل ڏاهر جي عزيزن جو ذڪر ڪندي ڄاڻائي ٿو تہ اتان جيڪي قيدي هٿ آيا تن ۾ مهاراجا جي ڀاٽيجي پڻ قيد ٿي آئي هئي جنهن ڪي ڪعب بن مُخارق الرابسي نالي عرب سڃاتو. (چچ نامو ص 283. قلعي مان قيدي هٿ آيا تن جو تعداد ٽيهہ هزار هيو، جن مان ٽيھ راجائن جون ڌيئرون هيون. انهن ٽيهن قيدياڻين ۾ ڏاهر جي ڀاٽيجي حسنہ پڻ هئي، جنهن کي ڪعب جي هٿان عراق موڪليو ويو، جتان حجاج، ڏاهر جي سِر، چٽ ۽ ٻئي مال غنيمت سان گڏ کيس خليفي وليد جي حضور ۾ موڪلي ڇڏيو، جتي سندس شادي ڪرائي ويئي. چچ نامي جي لکت موجب: ”مائي 'حسنہ' صاحبہ نهايت سلڇڻي ۽ بلند اخلاق واري هئي تنهن ڪري ڪعب جي نڪاح ۾ اچڻ کان پوءِ زالون سندس کان دانائي ۽ نصيحت جون ڳالهيون پرائڻ ايندين هيون.“ ص 279. هتي سوچڻ جي ڳالھ اها آهي تہ ڏاهر جي ڀاٽيجيءَ جو سلسلو ڪٿان ٿو شروع ٿئي، جڏهن تہ ڏاهر کي هڪڙي ئي ڀيڻ هئي جنهن جي شاديءَ جو ثبوت راقم الحروف اڳ ئي ڏيئي چڪو آهي. ان حالت ۾ چئي سگهجي ٿو تہ اهائي راوڙ مان هٿ آيل ڇوڪري (حسنہ) ماين جي ڌيءُ هوندي، جنهن (ماين) جي شاديءَ جو ذڪر راجا سوين راءِ ڀاٽيا سان ٿي چڪو آهي. جن بہ تاريخدانن ماين جي ڏاهر سان شاديءَ جو ذڪر ڪيو آهي تن ان مسئلي کي پر اسرار ۽ عجيب و غريب ظاهر ڪرڻ لاءِ ڄاڻايو آهي تہ ڏاهر جي شادي ”حوس حڪومت“ جي ڪري ٿي هئي ان ڪري هن صرف نالي ماتر کيس پنهنجي زال بڻايو. جيڪڏهن چچ نامي جي ان ڳالھ کي تسليم ڪجي تہ ڏاهر ڀيڻ سان شادي ڪئي، جنهن ۾ مباشرت ڪانہ ٿي

تہ پوءِ پيلا حسنہ جيڪا ماين جي ڏيءُ ٻڌائي وئي آهي0 0 (حسنہ ڪي ڏاهر جي پاٽيجي نہ هئڻ ثابت ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر بلوچ چچ نامي جي تصحيح ڪندي عجيب رد ڏنو آهي. چوي ٿو: ”حسنہ نالو عربي آهي، ڏاهر جي پاٽيجي جو ٿي نٿو سگهي. ممڪن آهي تہ سندس نالو اهڙو هجي، جنهن جي معنيٰ عربي ۾ 'حسنہ' 'سهڻي' هجي، مگر فتح نامہ مان سواءِ ماين جي، ڏاهر جي، ٻي ڪنهن بہ پيڻ جو نالو ثابت ڪونهي ۽ انهيءَ ڪي پڻ راجا ڏاهر پنهنجي زال بڻايو. انهيءَ حالت ۾ راجا ڏاهر جي هيءَ پاٽيجي ڪٿان پيدا ٿي!“

جيستائين نالي جو تعلق آهي سو جيڪڏهن حسنہ عربي نالو آهي تہ ان جو اهو مطلب ڪونهي تہ اهو سنڌ جي هنداڻيءَ جو نٿو ٿي سگهي. حسنہ جنهن جي معنيٰ سهڻي آهي، تنهن ڪي هنديءَ ۾ ”هند“ چئبو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي خيال موجب، جيڪڏهن حسنہ عربي نالو هئڻ ڪري سنڌي، هندوءَ جو نٿو ٿي سگهي تہ پوءِ هند، هندي نالو عربن جو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. قديم زماني ۾ عرب جي ايرم (Eram) راجيہ جي چئن راڻين منجهان هڪڙيءَ جو نالو هند هو. مشهور شاعر ۽ حاڪم امراۋالقيس جي ماءُ ۽ پيڻ جو نالو هند هو. پيغمبر صلعم جي زال اُم – سلما جو نالو بہ هند هو. ابوصفيان جي زال جو نالو بہ هند هيو، هوءَ وڏي بهادر عورت هئي. هن ڪيترين لڙاين ۾ بهرو ورتو، جن مان هڪڙيءَ ۾ رسول اڪرم جو چاچو پڻ ماريو ويو. گنگارام جي خيال موجب عرب شاعرن ڪي هي نالو ايتري قدر پيارو هو، جو هو پنهنجي زالن ۽ پريم ڪائڻ جا نالا بہ هند رکندا هئا ۽ عربي شاعريءَ ۾ ان هند نالي جي اهڙي ئي حيثيت آهي، جهڙي فاسيءَ ۾ ليليٰ ۽ شيرين جي. (سنتو سؤوير ص 37) وڌيڪ ان ڳالهہ جي وضاحت ڪندي لکي ٿو: ”اسلام جي گهر عرب ديش جا رهواسي عرب، هر پارت واسيءَ ڪي اجا تائين هندو چوندا آهن ڪٿي اهو هندو (ڌرم جو مڃيندڙ) مسلمان، پارسي، عيسائي ڪير بہ هجي!“ ص 44.

عرب، جو هر هند واسي ڪي هند ڪري سڏيندا هئا، ان ڪري اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ عربن هن نينگر ڪي هند سان سڏيو هجي ۽ جيئن تہ چچ نامو عربيءَ لکيل آهي، ان ڪري ليکڪ، عربي معنيٰ وارو لفظ ”حسنہ“ لکي ڇڏيو هجي. ”آزاد“ اها ڪٿان پيدا ٿي، جڏهن تہ ڏاهر، بقول مصنف مباشرت ڪان پرهيز ڪندو هو. جيڪڏهن اهو دليل پيش ڪجي تہ ان مباشرت ڪئي هوندي تہ ان لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏاهر تي زور ڪهڙو پيو هو. جڏهن تہ پيڻ سان رسمي شادي لاءِ ملڪ جو مسئلو هئو. پر مباشرت لاءِ ڪهڙو مسئلو هئو. جڏهن تہ پيڻ سان رسمي شادي ڪرڻ سان ڪيڏو شرمسار ۽ پشيمان ڏيکاريو ويو آهي تہ هيڏي ساري گناهہ ڪرڻ

لاءِ هن کي ڪنهن پريشاني ۽ شرمساريءَ چونه ورتو! ۽ جيڪڏهن ماين کي ڏاهر منجهان ڏيءَ پيدا ٿي ته پوءِ مصنف ان کي ڏاهر جي پاٽيجي چو ڪري لکيو آهي ۽ ڏيءَ چونه ڪري پئي لکيائينس ۽ جيڪڏهن اها چوڪري (حسنه حقيقي ڏاهر جي پاٽيجي هئي ته پوءِ اها، ماين کي ڪنهن منجهان پئدا ٿي؟

هن کان پوءِ وري ٻن قسمن جا سوال ايرن ٿا:

**(الف) ماين پڻ سندس ان حوس حڪومت واري مسئلي تي متفق هئي ۽ سندس سان نالي ماتر شادي واري ڍونگ ۾ راضي ٿي ويئي هئي؟**

**(ب) ائين نه هئو، ماين سندس سان ان مها پاپ جهڙي ڪُڌي ڪم تي راضي نه هئي- اهو ڪم سندس مرضيءَ خلاف ٿيو هئو؟**

جڏهن ته مٿيون مسئلو ئي جڙتو ۽ من گهڙت آهي ان ڪري تاريخي واقعن ۾ اهڙو تصاد تو ملي جو ان کي آخر غلط ئي چوڻو پوي ٿو.

اسين غور ڪري ڏسنداسين ته ماين سان مٿين ٻنهي خيالن مان هڪ به نٿو ملي! ٻنهي راين مان ڪهڙو به ماين سان منسوب ڪيو وڃي. ان مطابق جيڪڏهن سندس پاڻ ”ڏاهر“ سان شادي ٿيل هجي ها ته پنهنجي زبان سان ڪڏهن به ڪيس پنهنجو مڙس تسليم نه ڪري ها، پر ساڳئي مصنف لکيو آهي ته قلعي فتح ٿيڻ کان پوءِ ماين سيني عورتن کي گڏ ڪري صلاح ڏني ته: ”منهنجي راءِ جي تقاضا آهي ته پاڻ کي باهه جي نذر ڪري هلي پنهنجي مڙسن سان ملون.“ **(چچ نامو ص** 283)

مٿين جملي ۾ ماين پاران مڙس لفظ استعمال ڪرڻ ڄاڻائي ٿو ته سندس پنهنجي مڙس ڏانهن اشارو آهي. هاڻي مسئلو آهي ته پيڻ جيڪڏهن حوس حڪومت لاءِ نالي ماتر شادي ڪرڻ تي راضي هجي يا سندس سان سختيءَ سان شادي ڪئي ويئي هجي ٻنهي حالتن ۾ واضح لفظن ۾ ان کي پنهنجي زبان سان مڙس ڪيئن چوندي؟ ان ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سندس اشارو پنهنجي مڙس طرف هيو جو ڏاهر نه بلڪ پاتيا ئي ٿي سگهي ٿو.

هتي آءٌ مٿين ڳالھ کي سمجھڻ لاءِ سنڌن شجرو پيش ڪريان ٿو:



هي شجرو ڊاڪٽر نبي بخش خان جو جوڙيل آهي.

متيون نسب نامون ڏسڻ سان پڙهندڙن کي معلوم ٿيندو ته ڏاهر کي قريبي رشتيدار به اها ئي هڪ عورت هئي ته ڀيڻ به اهائي. تڏهن سندس پاٽيجي به يقينًا ماين منجهان ئي پيدا ٿي هوندي.

## اصل حقيقت:

ماين ۽ ڏاهر جي شاديءَ جو ذڪر ڪندي مصنف ڄاڻايو آهي ته نجومين ڏاهر کي ماين جي بخت جي باري ۾ ٻڌايو ته هيءَ سنڌ کان ٻاهر نه ويندي ۽ اهو شخص جو هن نينگريءَ کي پَلَؤ ونندو سو هن ساري ملڪ جو مالڪ ٿيندو. پر حقيقت ڪجهه هن طرح آهي. ڏاهر نهايت هوشيار ۽ دلير، بهادر ۽ جوان مرد مڙس هو، جنهن جي مقابلي جو ان وقت هند، سنڌ ۾ ثاني نه هئو. سندس بهادريءَ لاءِ تاريخن ۾ اچي ٿو ته شڪار ڪندي شينهن جي مٿان وڃي پيو ۽ هٿين وڙهي پورو ڪيائينس، جڏهن ته ٻيا سمورا شڪاري ڪيس اڪيلو ڇڏي ڀڄي ويا هئا. چچ نامي جو صاحب ڏاهر جي آخري جنگ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته جڏهن ٻين ساٿين ڪيس صلاح ڏني ته هند جي ٻين بادشاهن کان عربن خلاف مدد وٺي، تڏهن جواب ڏنائين: "منهنجي راءِ جي تقاضا آهي ته هنن سان سامهون ٿي جنگ ڪريان، ۽ جنگ (پوري) ڪوشش ۽ سعيي سان ڪريان. جيڪڏهن انهن تي غالب ٿيس ته پوءِ هو سڀ ذليل ٿيندا ۽ منهنجي بادشاهي مضبوط ٿيندي، ۽ جيڪڏهن ننگ ۽ ناموس خاطر ڪُنو ويس، تڏهن به هيءَ خبر عرب خواهه هندوستان جي ڪتابن ۾ لکي ويندي، ۽ بزرگن جي واتان دنيا جي بادشاهن جي ڪَن پوندي ته راجا پنهنجي ملڪ خاطر دشمن جي مقابلي ۾ پنهنجي پياري جان فدا ڪئي."
متين ڳالهه مان ظاهر ٿو ٿئي ته ڏاهر ڪيترو نه بلند حوصلي جو مالڪ،

جوانمرد، دلير ۽ مڙسيءَ وارو مڙس هو. اهڙو مڙس جو مرڻ قبولي ٿو پر پاڙي وارن کان مدد وٺڻ پنهنجي لاءِ ڪُڌو ڪم ٿو ڄاڻي، تنهن کان پيڻ سان شادي ڪرڻ جهڙو حد کان وڌيڪ ڪريل ۽ برهمڻي مذهب جي خيال کان سخت گناهہ وارو ڪم ڪيئن ٿو ٿي سگهي. ڪي ماڻهو چوندا آهن تہ حڪومت جي لالچ ۾ اچي (جيئن مسلمانن ظاهر ڪيو آهي) اهو ڪم ڪيو اٿائين. انهن لاءِ مٿيون جواب ڪارگر ٿي سگهي ٿو. ”پاڙي جي مدد“ کان ”پيڻ سان شادي“ ڪرڻ جيڪڏهن وڌيڪ خراب ڪم آهي تہ پوءِ اهو ماڻهو جنهن کان حڪومت جي لالچ جي ڪري ايڏو وڏو مذهبي ۽ دنوي ڪُڌو ڪم سر انجام ٿئي ٿو، سو ان کان گهٽ حيثيت رکندڙ لاءِ وري پنهنجي شان ۽ عزت جي گهٽتائي ڪيئن ٿو ڄاڻي. يا ائين چئجي تہ ان خسيس ڳالهہ (ٻين کان مدد) سان پنهنجي حڪومت، بچائڻ کي خراب سمجهندڙ شخص پيڻ سان صرف ان ڪري شادي ڪندو جو ڪيس مستقبل ۾ حڪومت جي بچڻ جي اميد هجي. پيڻ سان شادي ڪرڻ لاءِ ڪيس مستقبل بعيد ۾ حڪومت وڃڻ جو خوف ٿي ڏياريو ويو، پر هتي تہ هن ڪم 'ٻين کان مدد' نہ ڪرڻ سان ڪيس حال ۾ ئي خطرو نظر پئي آيو. پوءِ جو ماڻهو پنهنجي اصول تي قائم رهندي حال کي قربان ڪري سگهي ٿو، سو مستقبل بعيد ۾ ٿيندڙ خطري جي خوف کان ايڏو وڏو پاپ ڪيئن ٿو ڪري سگهي.

اسان جڏهن سنڌ جي ماضيءَ کي جاچڻ جي ڪريون ٿا تڏهن سنڌ جو ماضي صرف عربن تائين ملي ٿو. ان کان اڳ واري دور لاءِ ڪائي مستند تاريخ نہ ملي آهي ۽ نہ وري عرب حاڪمن جي آمد ۽ ڪارنامن بابت ڪائي تاريخ ملي ٿي. ائين پيو ڀانئجي تہ ڄڻ سنڌ اندر ان وقت يا ان کان اڳ ڪوبہ اهڙو شخص يا ادارو موجود ڪونہ هيو جنهن وقتي حالتن تي ڪائي لکت ڇڏي هجي. حالانڪ سنڌ پهريون ملڪ آهي جنهن ۾ سڀ کان پهريان ڪتاب تصنيف ٿيو آهي. اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ دنيا جي مهذب

ترين ۽ متمدن، سڌريل ۽ تهذيب واري جيڪڏهن سڀ کان اڳ ڪا سرزمين ملي ٿي ته اها سنڌ آهي.

هن سرزمين تي سمورن مذهبن، اصولن ۽ نظرين جي ارتقا ٿي آهي، جڻ هيءَ سرزمين پوري دنيا جي تهذيبي ۽ تمدني لحاظ کان قيادت جي ثبوت پيش ڪري رهي آهي. هن ڌرتيءَ جي علمي صلاحيتن بابت علامه نعماني جو چوڻ آهي: "سنڌ علم جو مرڪز آهي، جتان ايران ۽ يونان تائين علم پهتو آهي، يوناني به علمي طور تي سنڌ جو شاگرد آهي." ان حالت ۾ اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو ان وقت تصنيف ۽ تاليف جو ڪم نه ٿيو هجي. پر حقيقت ڪجهه هن ريت آهي، مولانا گرامي صاحب ڄاڻايو آهي: "عربن هڪ ته سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن کي باهيون ڏنيون، جنهن ۾ سنڌ جو ان وقت جو علم، فن ۽ ادب جلي رک ٿي ويو، ٻيو ته مذهبي طور تي عربن حملا ڪيا آهن، اتي جي ڪتبخانن کي هنن باهيون ڏيئي ناس ڪيو آهي."
**(هفتيوار برسات جلد 2 شمارو 6 سال 1975ع)**

جڏهن به ڪائي قوم ڪنهن ٻي قوم تي غالب پوندي آهي تڏهن اها مغلوب قوم کي دائمي مفتوح رکڻ لاءِ ڪيس ماضيءَ کان ڪَٽڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، ان لاءِ هو ڪتبخانن ۽ ادارن کي تباهه ڪندا آهن. قومي سورمن ۽ عالمن کي مارائيندا آهن ته جيئن هلندڙ نسل پاڻ کي غلامانه زندگي گهارڻ تي آماده ڪري ۽ ايندڙ نسل پاڻ کي ورهين کان غلاميءَ ۾ ويڙهيل ۽ وڪوڙيل ڏسي آزاديءَ جو نالو وٺڻ به وِهه جو وٽو پيئڻ برابر ڄاڻي خاموش رهي. اهوئي سبب آهي جنهن ڪري پاڻ کي عربي دور لاءِ صرف ئي صرف خود سندن لکيل ڪتاب فتح نامو عرف چچ نامو تي ئي اختتام ڪرڻو ٿو پوي. جڏهن ته "فتح نامہ سنڌ" عربن جي سورهيائي ظاهر ڪرڻ ۽ سندن ياد تازي رکڻ لاءِ سندن ثناگو مؤرخ لکيو آهي. ان ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته ان ۾ ملڪي غلام ٻڻائڻ وارا طريقا لازمي استعمال ٿيا آهن چوته عربن جي پوري دور ۾ ڪڏهن به سنڌي خاموش نه

وينا آهن. سنڌ جي حدن مان وڙهندي هڪاليا ويا آهن تڏهن بہ ڌارين ايراضين مان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ مختلف وقتن تي ڪوششون ڪيون اٿائون. ڪاڪي پيرومل لکيو آهي: ”اروڙ جي قلعي فتح ٿيڻ کان پوءِ ڪيترائي هندو پنجاب ۽ ٻين علائقن طرف ڀڄي ويا جن اتي وڃي اروڙ ونسي سڏايو ۽ ڪجھ وقت بعد حالتون هموار ڏسي وٽاڻن تي واپس وريا.“ **(سنڌي هندن جي تاريخ ص 221.)**

تاريخن مان ملي ٿو تہ ڏاهر جي پٽن پڇاڙيءَ تائين آڻ نہ مڃي آهي ۽ مختلف جڳهن تان گڏ ٿيندا ۽ وڙهندا رهيا آهن تان جو سنڌ جي حدن کان ٻاهر نڪري ويا آهن ۽ وري اتان وڃي محاذ ڪڙو ڪيو اٿائون. ان ڪري چئي سگھجي ٿو تہ عوام منجهان سندن ”ڏاهر وارن“ لاءِ عزت ۽ احترام ختم ڪري نفرت ۽ حقارت پيدا ڪرڻ لاءِ ماين ۽ ڏاهر وارو من گھڙت قصو جوڙايو ويو هجي، ۽ ان ڪي وزندار بڻائڻ لاءِ چچ نامي جي مؤرخ ويهي هٿ نوڪيا قصا گھڙيا هجن، جيئن ماين لاءِ هڪ جاءِ تي ڏاهي جي زباني ڄاڻايل آهي تہ هوءَ سندس ڀيڻ آهي جنهن ڪري ان لاءِ نجومين کان پڇا ڪرايائين پر اڳتي هلي، ڌهرسين جي خط و ڪتابت ۾ ڏاهر جي زباني ڄاڻايو ويو آهي تہ اها چوڪري (ماين) جٽڻ آهي. اها ۽ اهڙيون ٻيون متضاد ڳالهيون مصنف پاران قصن گھڙڻ جو ثبوت ڏين ٿيون. مشهور مصنف ميڪاولي فاتحن جي باري ۾ لکيو آهي: ”هر فاتح جو پهريون ڪم اهو آهي تہ فتح ڪرڻ بعد پراڻن حاڪمن کي يا تہ پاڻ سان شامل ڪري يا بلڪل ختم ڪري ڇڏي.“ معلوم ائين ٿو ٿئي تہ ان اصول مطابق عمل ڪندي ڏاهر جي خاندان مان ڪن کي ماريو ويو تہ ڪن کي اهڙي نموني بدنام ڪيو ويو.

# بهادرانه وصفون:

**بهادري ۽ سورهيائي ڪنهن دين ۽ ڌرم، قوم ۽ ڪلچر، رنگ ۽ نسل يا جنس جو ورثو نه هوندو آهي. اها هڪ اهڙي ڏات آهي جا ڪهڙي به قوم ۽ نسل ۾ ٿي سگهي ٿي،** جيئن ڀِٽ ڌڻيءَ فرمايو:

ڏات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي.

پنهنجي معاشري ۾ عورت کي ڪم ذهن، بي همٿ ۽ سست ڄاتو ويندو آهي. ۽ ان کي عجيب و غريب ٽوٽڪن ۽ ٽوٽڻ وسيلي گهٽ ظاهر ڪيو ويندو آهي. جيئن چوٽي آهي ته ”عورت کي کُڙيءَ ۾ عقل سو به سج لٿي کان پوءِ ليبي ئي ڪونه!“ صدين کان مغلوب هجڻ ڪري عوام جي وڏي حصي مان شعور ۽ ساڃاهه گم ٿي ويندي آهي ۽ اها قوم پنتي ڊِڪبي رهندي آهي. ان ڪري قومي وصفن کي جاچڻ ڪارڻ ڏاهن جو چوڻ آهي ته ان قوم جي ادب ۽ آرٽ مان ئي قومي اصليت کي پرکي ۽ پروڙي سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت سنڌي قوم جي شاعرن پنهنجي سمورن داستانن جو هيرو عورت کي نهرائي سندن سورهيائي ۽ سچائي، بهادري ۽ دليري جو اعليٰ نمونو پيش ڪيو آهي. ان ڪري اهو چوڻ غلط ٿيندو ته عورت کان مرد اعليٰ يا مٿاهون آهي. اهڙي ريت تاريخي ورقن ورائڻ مان معلوم ٿو ٿئي ته مائي ماين جو پڻ نهايت اهم، بهادرانه ۽ دليرانه ڪردار آهي. جتي عربن جي دٻدٻي ۽ دهشت ڪري ماڻهن جو وڏو تعداد ڪين پيش پوندو پئي ويو ۽ مهاراجا ڏاهر پڻ شهيد ٿي چڪو هو، اتي هن مائيءَ پنهنجي پيائتين سان گڏجي جنگ کي جاري رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي.

## قوم تان قربان ٿي انت آڻڻ:

قوم تان قربان ٿيڻ وارن مختلف طريقن مان اهو به هڪڙو طريقو آهي جنهن ۾ ٻيو ڪو سهارو ۽ حيلو وسيلو نه ڏسي دشمن جي ور چڙهڻ کان پنهنجو پاڻ کي مارڻ بهتر سمجهيو ويندو آهي. اهو سلسلو صدين کان هلندو پيو اچي. پر سنڌ اندر ان جي شروعات مائي ماين کان ٿئي ٿي. هيءَ پهرين عورت هئي جنهن نه صرف پنهنجو پاڻ قربان ڪيو آهي پر ٻين کي پڻ ان جي تلقين ڪئي اٿس. جڏهن به ڪائي قوم مفتوح ٿي ويندي آهي تڏهن ان جي عوام ۾ بزدلي ۽ حراس پکڙجي ويندو آهي. پر هن عورت کي پڙهڻ مان پتو پوي ٿو ته اهو سندس بلند حوصلو ئي هيو جو باوجود ايڏي پئماني تي ٿيندڙ قتل و غارت جي، ڪنهن به وقت هيٺو حال نه ڪيو اٿس، سندس پختي عزم ۾ ترِ برابر به لچڪ نه آئي آهي ۽ قلعي اندر سيني عورتن کي ڪَٺو ڪري عربن خلاف حقارت ظاهر ڪندي چيو: ”بيشڪ اسان کي هنن ڳئون ڪائڪ چنڊالن کان ڇوٽڪارو ڪونه ٿيندو، اسان جي عزت برباد ٿي چڪي ۽ مهلت پوري ٿي. جڏهن ڇوٽڪاري جي اميد ڪانه آهي، تڏهن ڪانيون، ڪپاهه ۽ تيل گڏ ڪرڻ ڪرڻ گهرجي. منهنجي راءِ جي تقاضا آهي ته پاڻ کي باهه جي نذر ڪري هلي پنهنجي مڙسن سان ملون. جنهن کي به امانَ وڻٽي هجي ته پلي وڃي ممڪن آهي ته ڪيس نجات ملي وڃي.“ (**چچ نامو ص 283**)

متين لکت ڏيکاري ٿي ته هن **”ماين“** جو ڪجهه ڪيو آهي سو سمورو ئي وطني جذبو پيدا ڪندي تلقين رستي ڪيو آهي. نه ڪرڻ واري حالت ۾ ڪنهن به قسم جي ڏاڍ ۽ جبر جو استعمال نظر نٿو اچي. اهڙي ريت ماين جي راءِ تي قلعي اندر سموريون سنڌياڻيون عربن جي ور چڙهڻ بجاءِ باهه جو ٻَک ٿي قوم تان قربان ٿي ويون.“ (**جنت السنڌ جي صاحب فتوح**

**البلدان جي حوالي سان ڄاڻايو آهي تہ: ”قلعي ۾ داخل ٿيڻ تي، ٻائي ' ماين ' پاڻ کي قلعي جي ديوار تان هيٺ ڪيرائي خودڪشي ڪئي.“ پر اها ڳالھ بي بنياد پيئي معلوم ٿئي.**

**تاريخ ۾ حصو:**

شيخ مبارڪ تاريخي شخصيتن جي باري ۾ لکيو آهي: ”هيرا تاريخ ناهيندا آهن يا تاريخ هيرا ناهيندي آهي، اهو ڏکيو سوال آهي، باقي غلط هيرا تاريخ جو بيڙو ٻوڙيندا آهن.“ **(ڪپر تو ڪُن ڪري)** شيخ صاحب جو ان جملي منجهان ڪهڙو مقصد آهي سا ڪيس ئي ڄاڻ هوندي. البت منهنجي خيال ۾ تاريخ جي جوڙجڻ ۾ شخصيتن جو وڏو ڪردار آهي. ان ڪري ئي تاريخ جا ورق سروينچن ۽ سورمن جا محتاج آهن، تاريخ تيستائين تاريخ نہ آهي جيستائين ان ۾ سورهين جو دخل نہ آهي. اهڙي ريت سنڌ جي تاريخ اندر هيءَ مائي عورتاڻي انقلاب جو سڀ کان پهريون ۽ نمايان ڪردار نظر اچي ٿي. جنهن عورتاڻي انقلاب جو آغاز ڪيو آهي، ان ڪري جنهن بہ تاريخ ۾ هن مائيءَ جو ذڪر نتو ٿئي سا حقيقت ۾ اڻ پوري آهي. اهي شخصيتون جي محنت ۽ مشقت، جفا ۽ وفا سان تاريخ ساز بڻيون آهن تن جي علم ۽ عقل، دانش ۽ دورانديشي جهڙن ڪارنامن ۽ ڪارگذارين کي سهيڙڻ ۽ سموهڻ ڪارڻ موؤرخ ڳولائو ۽ آتا هوندا آهن. اهڙي ريت تاريخي چندچاڻ مان سنڌ اندر عورتاڻي انقلاب ۾ هن مائيءَ جو وڏو عمل دخل نظر اچي ٿو، جنهن کان ڪوبہ حقيقت پسند انڪار ڪري نتو سگهي.

# راڻي لاڏي

هيءَ سنڌ جي سورمي جنهن جو سنڌ جي آزاديءَ واري جدوجهد ۾ نمايان ڪردار آهي، سا سنڌ جي مهاراجا ڏاهر جي ٻيو نمبر راڻي هئي. تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته پهرين راڻي جا لوهاڻي حاڪم اگهم جي ڌيءُ هئي، **(تاريخ ۾ اچي ٿو ته لوهاڻي جي حاڪم اگهم جي ڌيءُ ڏاهر جي ڀاءُ ڌهرسين جي زال هئي، تنهن سان ڀاءُ جي مرڻ کان پوءِ ڏاهر شادي ڪئي. چچ نامو ص** 92 ) تنهن مان جيسين پُٽ ڏاهر پيدا ٿيو. راڻي لاڏيءَ منجهان ٻي ڌيئر سريا ديوي ۽ پرمل ديوي هيون. پُٽن جي سلسلي ۾ تاريخدانن جا الڳ الڳ رايا آهن. ڪن جو خيال آهي ته جيسين کان سواءِ هڪڙو پٽ ڌهرسين به هيو **(ڏاهر سان جنگ ۾ ٻئي پُٽ جيسين ۽ ڌهرسين گڏ هئا. ”مختصر تاريخ سنڌ“ از مرزا قليچ بيگ ص** 13) پر وري ٻي جاءِ تي وڪو ۽ گوپي نالي وارا پڻ ڏاهر جا پٽ ڄاڻايا وڃن ٿا. **(اها ڳالهه چچ نامي، معصومي، تحفة الڪرام ۾ بيان ٿيل آهي.)** ٽين جاءِ تي چچ پُٽ ڏاهر پڻ ملي ٿو. **(چچ پٽ ڏاهر بلاذري، فتوح البلدان ۾ ڄاڻايو آهي.)** متين لکت مطابق مهاراجا کي جملي پنج پُٽ ٿيندا، جيئن ته جيسين جي ڄمڻ سان مهاراجا جي اڳين راڻي دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويئي هئي ۽ اهو سندس وڏو پُٽ هيو ان ڪري چئبو ته راڻي لاڏيءَ منجهان ڪيس چار پُٽ ٿيا، پر تاريخدانن جي اڪثريت سندس ٽن پُٽن تي متفق آهي ۽ جنگ کان اڳ ۽ پوءِ واري دور ۾ نمايان طور ٽن جو ذڪر ملي ٿو ان ڪري اسان پڻ ان ڳالهه کي درست ٿا سمجهون. ان خيال سان راڻي لاڏيءَ منجهان مهاراجا کي به پُٽ ٿيا.

هن تاريخ ۾ سونن اکرن سان لکجندڙ سنڌڻ جي وڏيڪ حسب نسب جي ڪائي خبر نه پئجي سگهي آهي سواءِ ان جي جو سمورن تاريخن

۾ ملي ٿو ته مهاراجا ڏاهر جي راڻي هئي. ڪنهن جي ڌيءُ هئي؟ راجا سان ڪيئن ۽ ڪڏهن پرڻي، ان بابت ڪا ڄاڻ نه ملي سگهي آهي.

## بهادرانه وصفون:

تاريخ منجهان معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن به بلند حوصلو رکندڙ ڄاڻو ۽ قابل شخصيت ۾ جيڪي خوبيون هئڻ گهرجن تن سمورين جو هيءَ عورت مجموعو هئي. عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ ڪان پوءِ ڏکهي عرصي تائين جيسين سان گڏ مختلف قلعا (جي سنڌ جي ئي حدن ۾ هئا) متائيندي پُٽ جي ٻانهن ٻيلي ٿي عربن خلاف جنگ ڪرڻ ڪارڻ فوج تيار ڪندي رهي. آخرين قلعو برهمڻ آباد جو هيو جنهن ۾ فوج کي گڏ ڪيائين ۽ تلقين ڪرڻ سان گڏوگڏ اهو پڻ احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪيائين ته هيءَ ئي جاءِ پنهنجو آخري سهارو آهي جنهن تان ٻيهي پاڻ کي وطن واپس ورڻو آهي. هن جرئت مند عورت قلعي ۾ گڏ تيل وڙهندڙن کي چيو: ”هيءُ مضبوط قلعو ۽ عيال ڪيئن ڇڏينداسين؟ اسان کي لاچار هتي رهڻ گهرجي، جيئن دشمن تي غلبو حاصل ڪريون ۽ اسان جو مُلڪ ۽ گهر سلامت رهي.“ نه صرف ايترو پر ڪين ڪڏهن به هار نه مڃڻ وارو سبق ڏيندي چيائين: ”جيڪڏهن عرب جو لشڪر غالب رهيو ته پوءِ ڪا ٻي تدبير ڪنداسون.“ **(چچ نامو ص 301)**

## چچ نامي جي غلط بياني:

هن تاريخ جي صفحي 268- 269 تي هڪ روايت ۾ لاڏيءَ جي زباني بيان ڪئي وئي آهي ته جڏهن ڏاهر جي قتل کان پوءِ ڏاهر جي زال لاڏي گرفتار ٿي تڏهن محمد بن قاسم هن سان نڪاح ڪيو، لاڏي ام ولد (نڪاح ۾) ٿي تڏهن محمد بن قاسم کانئس پڇيو: ”تون ڪيئن ڏاهر جي پوئلڳن سان گڏ گرفتار ٿيئنءَ؟ ۽ ڏاهر کان ڪهڙي سبب ڌار ٿينءَ؟“ لاڏيءَ

جواب ڏنو تہ: ”جڏهن اسلامي لشڪر راجا ڏاهر جي سامهون ٿيو، تڏهن هن هر هڪ زال جي مٿان سخت نگران ڇڏي ڇيو تہ جيڪڏهن اسلامي لشڪر غالب ٿئي ۽ ڪافر شڪست کائين تہ هنن زالن کي ڪُهي ڇڏجو مٿان مسلمانن جي هٿان گرفتار ٿين. پوءِ انهيءَ نگران چوبدار، راڻي لاڏيءَ ڏانهن ڏسي پئي چيو: ”تہ تنهنجي منهن جو بشرو اهڙو ڪليل آهي جو (معلوم ٿو ٿئي تہ) تنهنجي دل عرب جي بادشاهہ ڏانهن مائل آهي ۽ تون ضرور انهيءَ جي راڻي ٿيندينءَ.“ آخر جڏهن اسلام جي لشڪر حملو ڪيو ۽ مشرڪ ڀڄي ويا تڏهن هر هڪ نگران سندس حوالي ڪيل راڻيءَ کي ڪُنو (اهو حال ڏسي) مان پاڻ کي اُٺ تان هيٺ ڦِٽو ڪيو ۽ وڃي جنگ جي (ميدان) وچ ۾ پيس، منهنجو نگران منهنجي ڪُهڻ جو خيال ڇڏي وڃي ڀڳو. پوءِ مسلمانن اچي مون کي گرفتار ڪيو ۽ امير محمد بن قاسم مون کي خريد ڪري پنهنجي نڪاح ۾ آندو.“ اها روايت جا راڻي لاڏيءَ سان منسوب ڪئي ويئي آهي سا حقيقت ۾ بلڪل غلط، جڙتو ۽ بي بنياد پيئي معلوم ٿئي، جنهن کي تصحيح ۽ تشريح ڪندڙ پڻ لنوائي ويا آهن. مون کي مٿين روايت کي غلط سمجهڻ لاءِ هيٺيون ٻہ ڳالهيون نظر اچن ٿيون:

**(الف)** روايت ۾ راڻيءَ جي زباني ٻڌايو ويو آهي تہ: ”جڏهن اسلام جي لشڪر حملو ڪيو ۽ مشرڪ ڀڄي ويا تڏهن هر هڪ نگران (جي خاص بيهاريل هئا) سندن حوالي ڪيل راڻيءَ کي ڪُنو.“ مٿيون ذڪر ثابت ڪري ٿو تہ سواءِ لاڏيءَ جي جنهن پالڪيءَ مان هيٺ ٽپو ڏنو ٻين راڻين کي مقرر ڪيل نگرانن ڪُهي ڇڏيو پر وري اڳتي راوڙ جي قلعي مان هٿ آيل مال جو ذڪر ڪندي ساڳيو مصنف ڄاڻائي ٿو تہ: ”هٿ آيل ٻانهين مان ٽيهہ راجائن جو ڌيئرون هيون.“ **(ڇچ نامو ص 283)** هتي مسئلو اهو آهي تہ جيڪڏهن راجا عورتن کي ڪُهڻ لاءِ ماڻهو مقرر ڪيا تہ پوءِ هي ٽيهہ راجائن جون ڌيئرون ڪيئن بچي ويون. پر جيڪڏهن ائين ڪٽي ڇئجي تہ اهي ٽيهہ ڏاهر جي ٻين مائٽن جون هونديون ۽ هن پنهنجين کي ڪُهرايو هوندو، تڏهن

ﺑﻪ اُها ڳالهه غلط ثابت ٿيندي ڇوتہ سندس ويجهن واسطيدارن مان سندس ٻئي ڌيئر گرفتار ٿيون، پاٽيجي قيد ٿي، پيڻ ماين ڏاهر جي مرڻ کان پوءِ بہ جنگ ڪرائيندي رهي، آخر ڪو چاڙهو نہ ڏسي راوڙ جي قلعي ۾ ڪيترين ئي ٻين عزيزياڻين سان گڏجي پنهنجو انت آندائين. آخر اهي ايتريون ساريون ڏاهر سان واسطو رکندڙ عورتون ڪيئن ڄلادن جي چنبي کان بچي نڪتيون.

(ب) ٻي ڳالهه جا متين ڳالهه کي غلط ثابت ڪرڻ پيش ڪري سگهجي ٿي سا آهي راڻي لاڏيءَ پاران سندس پٽ جيسين سان گڏجي برهمڻ آباد جي قلعي تي قبضو ڪرڻ ۽ اتان وطن واپس ونڻ لاءِ ڪوششون ڪندي گرفتار ٿي وڃڻ. ساڳيو مصنف اڳتي هلي لکي ٿو: ”جڏهن برهمڻ آباد جو قلعو هٿ آيو (مراد جيسين پُٽ ڏاهر کي هٿ آيو) تڏهن ڏاهر جي زال لاڏي، جا ڏاهر جي قتل ٿيڻ کان پوءِ ڏاهر جي پُٽ سان برهمڻ آباد ۾ (جنگ لاءِ تيار ٿي) بيٺي. روايت ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ ڏاهر جي قتل ٿيڻ سان جيئن ئي فوج ۾ ڀاڄ پئي تيئن لاڏي جان بچائڻ ڪارڻ اُٺ تان ٽپو ڏنو ۽ گرفتار ٿي پر ساڳئي مصنف جو اڳتي برهمڻ آباد ۾ لاڏي پاران جنگ لاءِ تياري ڪرڻ ظاهر ڪري ٿو تہ پهرين روايت غلط ۽ بي بنياد آهي.

## جيڪڏهن روايت غلط تہ ڇو؟

پيش ٿيل روايت کي تاريخ جا ڄاڻو ۽ پڙهندڙ غلط ئي ڄاڻندا پر ان غلط بياني ڪرڻ جا بہ ڪي سبب ٿي سگهن ٿا. منهنجي خيال ۾ ان غلط بياني ڪرڻ ۾ سواءِ ان جي ٻي ڪائي رمز رکيل ڪانهي جو ان مختلف قسمن جي غلط بيانن سان مهاراجا ڏاهر جي شخصيت کي ڇيهو رسايو وڃي. چالاڪ فاتح جو اهو پهريون ڪم هوندو آهي تہ مختلف نمونن سان مفتوح قومن منجهان سندن روح جي آواز برابر رهبرن ۽ ليڊرن جو عزت ۽ احترام ختم ڪيو وڃي. ائين ڪرڻ سان ئي هو آسانيءَ سان پنهنجو قبضو قائم رکي سگهندا آهن. مهاراجا تي مڙهيل اڪيچار الزامن ۽ تهمتن منجهان

هيءُ به هڪ اهڙو ئي جڙتو قصو سندس ئي راڻيءَ جي زباني پيش ڪيو ويو آهي.

**قربانيءَ جو جذبو:**

قومن مٿان قربان ٿيڻ وارين جي وصفون ڳڻايون ويندون آهن، تن سان پڻ راڻي لاڏي سرشار نظر اچي ٿي. وطن ونڻ وارين ڪوششون ڪندي ڪڏهن به حال هيٺو نه ڪيو اٿائين اجان به ٻين کي همٿائيندي نظر اچي ٿي. جڏهن ٻيا سڀ رستا بند ٿيندي نظر اچنس ٿا تڏهن اها تجويز پيش ڪري ٿي ته: ”جيڪڏهن قلعو فتح ٿيو ته مان پاڻ کي ٻارن ۽ پوئلڳن سميت ساڙيندڙ باهه جي خوراڪ بڻائيندس.“ **(چچ نامو ص 303)** قورو فاتحن کان بچڻ ڪارڻ، پنهنجو پاڻ انت آڻڻ وارين ڪاروايون آخرين سهارو هونديون آهن، جي پڻ ڪن ڪان سرزد ٿيندي‌ون آهن! راڻي لاڏي پڻ انهن ۾ شمار ٿيڻ ٿي چاهيو پر افسوس جو اوچتو قلعو فتح ٿي ويو ۽ ڏاهر جي واسطيدارن کي هڪدم گرفتار ڪيو ويو، اهڙي ريت سنڌ جي هيءَ عورت **وڙهندي ۽ وڙهندڙن جي قيادت ڪندي برهمڻ آباد جي قلعي ۾ قيد ٿي ويئي.**

**عربن جي چنبي ۾:**

برهمڻ آباد جو قلعو فتح ٿي ويو. راڻي لاڏي نڪري نه سگهي ۽ نه وري باهه جو ٻَڪ ٻڌجي سگهي. فاشي فاتحن جي چنبي ۾ اچي ويئي. قلعي فتح ٿيڻ ڪان پوءِ، جي ماڻهو عربن اڳيان پيش پيا تن کي محمد بن قاسم شرطيه امان ڏيندي چيو: ”ڏاهر جا لاڳاپيدار جتي به هجن انهن کي هٿ ڪندا.“ **(چچ نامو ص 303)** تڏهن پوءِ باقي برهمڻن سان امان ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو جن مان ڪن کي پنهنجي مذهب ۾ آندائون ۽ ڪن تي مختلف طريقن سان ڍل مقرر ڪيائون پر انهن ۾ ڏاهر جي واسطيدارن جو خاص خيال رکيو ويو. **[يعني ڏاهر جي واسطيدارن کي معافي به ملي نه سگهي.**

**کن جو خيال آهي تہ معافي ورتائون ئي نہ پئي. ڪجھ بہ هجي پر عربن جي لکت موجب معافيءَ دروازا سندن لاءِ بند هئا.]** ”**آزاد**“ تاريخن ۾ اڃي ٿو: ”برهمڻن هن مضبوط عهدنامي جي بناءِ تي ڏاهر جي زال لاڏي کي ٻُهري مان ٻاهر ڪڍيو ۽ باقي ماڻهن تي رسول الله صلي الله عليه وسلم جي طريقت موجب ڏل مقرر ڪيائين.“ (**چچ نامو ص304**) تنهن بعد جڏهن باقي قيدين کي آندو ويو جن ۾ راڻي لاڏي پڻ شامل هئي. تڏهن محمد بن قاسم سندس سونهن تي موهجي پيو ۽ ڪيس پنهنجي نڪاح ۾ آڻڻ لاءِ حجاج کي خط لکي اجازت گهري. (**متين ڳالھ** ”اجازت گهرڻ واري“ **پڻ بي بنياد پئي معلوم ٿئي چوتہ ان وقت پيغامن پهچائڻ وارو ڪم گهوڙن ۽ ٻيڙن رستي ٿيندو هو جنهن ۾ وڏو عرصو لڳندو هو. فاتح ڪنهن مفتوح تي موهجي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ويهي انتظار ڪري. سا ڳالھ سمجھ کان ٻاهر معلوم ٿئي ٿي تنهن کان سواءِ گهٽي وقت کان عربن اندر اهڙي قسم جون حرڪتون هلندڙ هيون جنهن ۾ هو غلامن کي بغير نڪاح جي پڻ وهاري ڇڏيندا هئا.)** چچ نامي جي لکت مطابق حجاج اهڙو احوال خليفي وليد جي خدمت ۾ عرض ڪري لاڏيءَ جي خريد ڪرڻ جي فرمان ڏيڻ جي خواهش ڏيکاري. (**چچ نامو ص 278**) اهڙي ريت محمد بن قاسم کي دارالخلافت مان لاڏيءَ جي خريد ڪرڻ جو حڪم مليو ۽ هن ڪيس پنهنجي نڪاح ۾ آڻي زال بڻايو. **(مولانا دين محمد وفائي پنهنجي ڪتاب نو مسلم هندو راڻيون ۾ تصديق ڪندي ڄاڻايو آهي تہ محمد بن قاسم ڪيس مسلمان بڻائي شادي ڪئي ۽ سندس اسلامي نالو ”خديجہ“ رکيو ويو.)** ”**آزاد**“ بعد ۾ جيڪي برهمڻ آباد جي پسگردائيءَ ۾ فتحون ڪيون اٿائون تن ۾ معلوم ائين ٿو ٿئي تہ لاڏي سندس سان شامل آهي پر انهن ڪاروائن ۾ لاڏيءَ جو ڏار ڪوبہ ڪردار ڪونہ آهي، تان جو مهاراجا ڏاهر جي تخت گاھ اروڙ جي قلعي کي ويجهو پهتا جتي ڏاهر جو پٽ گوپي قبضو ڄمايو وينو هيو جنهن کي پيءُ جي مري وڃڻ واري ڳالھ تي ويساھ نہ پئي آيو ۽ ڪيس يقين هو تہ ڏاهر هندوستان

جي ٻين بادشاهن کان مدد وٺڻ ويو آهي جو اجهو ڪي آيو. محمد بن قاسم هڪ مهينو انهيءَ قلعي سامهون هڪ ميل پنڌ تي ڇانوڻي هڻي ويٺو رهيو. (**چچ نامو ص** 327) هوڏانهن گوپيءَ ڪي پيءَ جي زنده هئڻ جو يقين ويٺل هو ان ڪري سنڌس ماڻهو قلعي جي مٿان نعرا هڻندي، عربن کي ڏيڄاري رهيا هئا ته: "توهان کي جان ۽ مال جي معافي ڪانه ملندي، جو ڏاهر مدد وٺيو پيو اچي، هاٿين سوارن ۽ پيادن جو بي انداز زبردست لشڪر توهان جي پويان ايندو ۽ اسين قلعي کان ٻاهر نڪري توهان جي لشڪر کي شڪست ڏينداسون. (**چچ نامو ص** 327) پوءِ جڏهن محمد بن قاسم سنڌين جي اهڙي سورهيائي ۽ جانفشاني ڏٺي ۽ سندن مقابلي کي نظر مان ڪڍيائين تڏهن قلعي وارن کي ڏاهر جو ڪسجي وڃڻ قبول ڪرائڻ لاءِ ڪيڏ ڪيڏي راڻي لاڏيءَ کي اُت تي چاڙهي پنهنجي اعتماد جهڙن (**هيءَ ڳالهه سومرين تاريخن ۾ ملي ٿي ۽ ان مان ظاهر ٿو ٿئي ته راڻيءَ سان زور تي شادي ڪئي وئي هئي جنهنڪري اعتماد پڻ پورو پُنو هوس. "آزاد"**) ماڻهن سان قلعي جي دروازي تي ڪين سمجهائڻ لاءِ موڪليائين جنهن ويجهو وڃي بلند آواز ۾ ڪين چيو: "اي قلعي وارؤ! توهان کي چڱائي چوٽي اٿم، سامهون اچي ٻيهو ته چوان." (چچ نامو ص 327) سندس سڏڻ تي قلعي وارن ڪيس سڃاتو ۽ خاص ماڻهن جو گروهه سندس ڳالهه ٻڌڻ لاءِ قلعي جي پٽ تي چڙهي آيو جن کي ڏسي راڻيءَ هن ريت قصو بيان ڪيو: "مان آهيان ڏاهر جي زال لاڏي، اسان جو راجا ڪسجي ويو ۽ سندس سِر جهنڊن سان گڏ عراق ڏانهن ۽ ڇَٽ دارالخلافت ڏانهن موڪليائون، توهان پاڻ کي بربادي ۾ نه اڇلايو." (چچ نامو ص 327) ان ڳالهه ٻڌائڻ کان پوءِ هوءَ ٻيحد رُني آهي. (**هتي روئڻ واري ڳالهه ڏيکاري ٿي ته راڻيءَ کي زوريءَ نڪاح ۾ آندو ويو هو. هن کي جا ديس وارن سان محبت هئي، تنهن ڪيس روئڻ تي مجبور ڪيو ورنه شاديءَ ۾ راضي هجي ها ته روئي ڇا جي لاءِ ها؟**) پر تڏهن به قلعي جي محافظن سندس ڳالهه تي اعتبار نه ڪيو ۽ ڪيس ڪوڙو چوندي گاريون ڏيئي چوڻ لڳا: "تون

پڻ هنن چندالن ۽ ڏکي ڪائيندڙن سان ملي هڪ تي ويئي آهين، اسان جو راجا اجا جيئرو آهي." (**چچ نامو ص** 328) اهڙي ريت جڏهن عربن جي اها چال بہ نہ هلي تڏهن قلعي فتح ڪرڻ لاءِ زور شور سان تياري ڪرڻ لڳا.

## وطن واسين لاءِ سندس ڪردار:

راڻي لاڏيءَ جي چوڻ تي في الحال تہ قلعي وارن اعتبار نہ ڪيو پر بعد ۾ ان ڳالھ تي سوچڻ لڳا ۽ ان ڳالھ جي حقيقت ڪي جاچڻ جي ڪوشش ڪيائون. آخر ۾ هڪ جادوگرياڻيءَ کان معلوم ڪيائون جنهن کين ٻڌايو تہ ڏاهر هن جهان مان يقينًا لاڏاڻو ڪري چڪو آهي، جنهن تي قلعي وارا دلشڪستہ ٿي پيا ۽ عربن اڳيان پيش پوڻ جو پڪو پھ ڪيائون. اهو حال ڏسي گوپي راتو رات واسطي دار ماڻهن کي پاڻ سان وٺي قلعي مان نڪري ويو، جا خبر علافين مان اروڙ ۾ رهندڙ هڪ ماڻهوءَ لکي تِير رستي موڪلي تہ ڏاهر جو پُٽ قلعي مان نڪري فرار ٿي چڪو آهي. هيڏانهن عربن تياريون زور شور سان ڪيون هيون پر حملي ڪرڻ جي جرعت ڪين پئي ٿين پر جڏهن ڪين تِير رستي خط پڳو تڏهن قلعي تي حملو ڪري ڏنائون. جنهن تي قلعي وارن معافي وٺڻ لاءِ پيغام موڪليو. ان ڳالھ ڪي محمد بن قاسم پنهنجو فخر ڄاڻندي ڪين چيو: "مون اوهان ڏانهن پيغام ڪونہ موڪليو هو، ۽ نہ وري ڪو قاصد روانو ڪيو هو توهان پاڻ ۾ اتفاق ڪري امان گهرو ٿا ۽ پڪو انجام ڪريو ٿا. جيڪڏهن توهان جو اسان جي خدمت ڏانهن لاڙو ۽ رضامندو سچو آهي تہ جنگ کان هٿ جهليو ۽ پڪي انجام ۽ پوري اعتماد سان لهي اچو." (**چچ نامو ص** 332) اهڙي اعتماد جوڳي ڳالھين تي قلعي وارن قلعو عربن جي حوالي ڪيو. اندر داخل ٿيڻ کان پوءِ محمد بن قاسم کان پنهنجو ڪيل واعدو ڇڻ تہ وسري ويو ۽ حڪم ڪيائين تہ: "لڙائي ڪندڙ ماڻهو اگرچ فرمانبرداريءَ لاءِ ڪنڌ جهڪائين تہ بہ ڪين نہ

ڇڏيو وڃي.“ **(چچ نامو ص 324)** ان جاءِ راڻي لاڏيءَ جو تمام نيڪ نيتي وارو ۽ اهم ڪردار ادا ڪيل نظر اچي ٿو جنهن جي ٻن اکرن ڪري ڪيترن سنڌين جون جانيون بچي وڃن ٿيون. محمد بن قاسم جو حڪم ٻڌي راڻي لاڏيءَ عقل ۽ فهم سان ماڻهن جو بچاءُ سوچي ڪيس صلاح ڏني تہ: ”هن ملڪ (قلعي) جا ماڻهو رازا آهن ۽ ڪي واپاري آهن. هيءُ شهر انهن جي ڪري ئي آباد ۽ سرسبز آهي. سندن ئي ڪمائي ۽ ڪيتيءَ ڪري خزاني ۾ مال موجود ٿو رهي. جيڪڏهن انهن کي قتل ڪندين تہ تنهنجو مال هليو ويندو. (چچ نامو ص 334) محمد بن قاسم جو راڻيءَ جي جمال تي اکن چڪن ٿيو عشق ۾ ٻڏو پيو هو تنهن راڻيءَ جي راءِ کي ٽارڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ حڪم ڪيائين تہ: ”راڻي لاڏيءَ هيءُ فيصلو ڪيو آهي تہ انهن سيني کي جڻ امانَ ڏنائين.“ **(چچ نامو ص 334)** تنهن بعد راڻيءَ جو ڇا ٿيو تنهن باري ۾ ڪٿي بہ ذڪر ملي نہ سگهيو آهي.

# سريا ديوي ۽ پرملا ديوي

**حسب نسب:**

هي ٻئي نينگريون سنڌ جي حاڪم مهاراجا ڏاهر ڪي ٻئي نمبر زال (راڻي لاڏيءَ) منجهان پيدا ٿيون.

**پيدائش ۽ پرورش:**

جو ڪجهه تاريخي مواد ملي سگهيو آهي، تنهن منجهان هنن ڇوڪرين جي پيدائش ۽ پرورش جو ڪوئي پتو نٿو پوي. هنن جو ذڪر ڏاهر جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ ئي ملي ٿو، جڏهن عربن هٿان برهمڻ آباد جي قلعي مان سندن ماءُ لاڏيءَ سان گڏ گرفتار ٿين ٿيون.

سنڌ کان عرب دنيا تائين:

چال (شال) مَ ڇجي ڪا، منجهان وڳر ڪونجڙي،
ميڻ مُلا ماءِ، جيئري جدا مَ ٿئي.

(خليفو صاحب)

برهمڻ آباد جي قلعي مان گرفتار ٿيڻ کان پوءِ هنن سان ڪهڙي روش اختيار ڪئي ويئي هوندي. هتان کين ڪهڙي ريت عرب دنيا ڏينهن نيو ويو، تنهن لاءِ پڻ ڪائي تصديق ڪانه ٿي ملي، البت اهو معلوم ٿيو آهي ته ڏاهر جي اولاد کي ٻين گرفتار ٿيلن کان ڌڌي تي ئي جدا ڪيو ويو. جيئن گرفتار ٿيڻ وقت ڄاڻايل آهي ته کين هڪ خادم جي حوالي ڪري جدا وهاريو ويو. (**چچ نامو ص 302**) سمورين تاريخن منجهان اهوئي ملي ٿو ته محمد بن قاسم کين پنهنجي آقائن ڏانهن ڏياري موڪليو. چچ نامي ۾ آهي ته: ”محمد بن قاسم حبشي غلامن هٿان بغداد ڏانهن دارالخلافت جي درٻار ۾ موڪلي

ڏنيون ويون هيون.“ **(چچ نامو ص 363)** اتي پهچي کين سرڪاري واڙي يعني حرم السراءِ ۾ ڪجهه ڏينهن رکيو ويو، معلوم ٿئي ٿو ته خليفي صاحب کين ڏسڻ کان سواءِ ڪجهه ڏينهن آرام واسطي عورتن ۾ موڪلي ڏنو، اهڙي ريت ڪجهه ڏينهن بعد خليفي جي وحشياني خواهش بيدار ٿي تڏهن کيس سندن ياد آئي ۽ هڪ رات ٻنهي کي گهرائڻ جو حڪم ڏنائين. **(سرڪاري واڙي منجهان اها ڳالهه صاف ظاهر ٿئي ٿي ته عورتن کي غلام بڻائي، عيش عشرت ڪارڻ وهارڻ سندن مشغلو هو. جيئن چچ نامي جي ليکڪ ڏاهر جي ڌيئرن جي ذڪر ۾ اها ڳالهه کولي بيان ڪئي آهي. لکي ٿو: ”وقت جي خليفي غمخواريءَ خاطر کين (ڏاهر جي ڌيئر) حرم السراءِ جي حوالي ڪيو ته ٻه- ٽي ڏينهن آرام وٺي ”خلوت“ جي لائق ٿين.“ ص 363)**

## خليفي جي حضور ۾:

جڏهن ٻئي ڄڻيون خليفي جي دربار ۾ حاضر ٿين ٿيون، تڏهن هن (خليفي) پنهنجي چيلي جنهن لاءِ چچ نامي، ترجمان لکيو آهي، تنهن کي حڪم ڪيو: ”معلوم ڪر ته هنن مان وڏي ڪير آهي ته انهيءَ کي روڪيو وڃي ۽ سندس ڀيڻ پيڻ کي وري ڪنهن ٻئي وقت گهرايو وڃي.“ **(چچ نامو ص 363. مٿين ٻنهي واقعن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هو ڪيڏو نه عيش عشرت ۽ زناڪاري ۾ مبتلا ٿي چڪا هئا ۽ اسلامي قانون جو ڪوئي خيال ڪونه ٿي ڪيائون. (آزاد)** خدمتگار نالن جي پڇا ڪئي وڏيءَ چيو ته منهنجو نالو ”سريا ديوي“ آهي. خليفي صاحب ننڍيءَ کي واپس ڪرڻ جو حڪم ڏيندي کيس پنهنجي پاسي ۾ ڪري وهاريو ۽ جيئن ئي منهن تان نقاب پري ڪيائين تيئن سندس سوپيا ڏسي اکم چڪن ٿي پيو ۽ هي خانه بدوش قوم جو ڪماندر هن نازڪ نازنين جي حسن تان فدا ٿيڻ جو سوچي وينو.

**اندر جي آڳ اجهائڻ:**

خليفي هن سونهن سان سرشار مظلوم قيدياڻيءَ جي جسم سان کيڏڻ لاءِ جڏهن کيس پاڻ ڏانهن ڇڪيو تڏهن راڻي جي ذهن ۾ هڪ خيال ايريو! ۽ ”اهو هو ديس جي دشمن کان وير وٺڻ.“ اهو سوچي هن خليفي صاحب کي چيو: ”بادشاهه سلامت رهي! آءٌ غلام، بادشاهه جي خلوت جي لائق ٿي نٿي سگهان، ڇاڪاڻ ته امير عادل عمادالدين محمد بن قاسم اسان کي ٽي ڏينهن پاڻ وٽ رکي پوءِ دارالخلافت جي خدمت ۾ موڪليو آهي، شايد توهان جو دستور ائين آهي؟ بادشاهه لاءِ هيءَ خواري جائز نه آهي.“ **(چچ نامو 364)**

حوس جي آڳ، اهڙي ته آهي جنهن سان هر شيءِ جلي رک ٿي وڃي ٿي. ان ويل هوش ۽ حواس، عقل ۽ ذهن سيئي هوس جي اڳيان نيچ ٿي ويندا آهن. اهڙي وقت فاعل ٻي ڪائي ڳالهه نه ڄاڻندي صرف پنهنجي مراد ماڻڻ گهرندو آهي. پوءِ جيڪڏهن سندس راهه ۾ ڪائي رڪاوٽ ايندي آهي ته هو وحشيانه روپ ۾ اچي سخت کان سخت قدم کڻڻ کان به نه ڪيٻائيندو آهي. عربن جي امير تي پڻ راڻي ”سريا ديوي“ جي حسن ۽ جمال جادو ڪري ڇڏيو. هڪ غلام ٽيل ۽ ٻيو وري بيحدحسين من موهيندڙ نو عمر! شڪار چنبي ۾ اچي وڃي ۽ ان ويل اوچتو ڪائي رڪاوٽ پيدا ٿئي، ان ڳالهه خليفي جي جابرانه جذبي کي اياريو ۽ هن محمد بن قاسم کي سخت سزا ڏيڻ لاءِ حڪم جاري ڪيو: **(عرب صدين کان وٺي بدويانه زندگي بسر ڪندا آيا آهن، تنهن ڪري اها سندن اڳيان ڪا وڏي ڳالهه ڪانه هئي جو هڪڙي، جيڪڏهن ڪنهن عورت کي خلوت ۾ آندو ته ٻيو، ساڳيو عمل ورجائڻ گناهه ڄاڻي. هنن ۾ ته اهو عمل ويجهن رشتيدارن ۾ به ورجايو ويندو هو. پر هتي خيلفي صاحب جي ڏمر جو صرف هڪ ئي سبب نظر اچي ٿو جنهن ڪري ايترين فتحون ڪرڻ واري کي ان نموني واپس ٿيڻ جو حڪم ڏنائين. اهو هو محمد بن قاسم پاران هن جي اجازت کان سواءِ**

مال غنيمت استعمال ڪرڻ! عربن جي فتحن ۾ اهو رواج پئي رهيو آهي ته فتح ٿيل مال خليفي صاحب جي حوالي ڪيو ويندو. پوءِ ڪيس جيئن سمجهه ۾ ايندو هو تيئن ڪندو هو ۽ مال جي ورهاست پڻ ٿيندي هئي جيئن ڏاهر جي پاڻيجي لاءِ حڪم ٿيو ته عباس ڪيس پنهنجي نڪاح ۾ آڻي. پر هنن ڇوڪرين لاءِ محمد بن قاسم ائين نه ڪيو هو، سنڌن (ڇوڪرين جي) سونهن ڪيس ايترو ته ڇريو ڪري وڌو هو جو ان ڪان پنهنجو فرض به وسري ويو ۽ هن ڪين پهريان پاڻ استعمال ڪيو. اهو ئي هيو خليفي جي ڪاوڙ جو سبب! ”آزاد“ ) ”محمد بن قاسم جتي به پهتو هجي ته ڪيس ڳهرجي ته پاڻ کي ڪچيءَ ڳل ۾ بند ڪري دارالخلافت ڏانهن واپس ٽئي.“

مٿيون حڪم محمد بن قاسم کي اوڏپور ۾ پهتو ۽ ان وقت هن خليفي جي حڪم جي تعميل ۾ پاڻ کي ڳل ۾ بند ڪري قاصدن جي حوالي ڪري ڇڏيو. واٽ تي سفر دوران ئي سندس انت اچي ويو، پر ان سبيل ڳل کي قاصدن آڻي دربار ۾ حاضر ڪيو.

## خليفي کي ذليل و خوار ۽ پشيمان ڪرڻ:

جڏهن اها سبيل ڳل دربار ۾ آندي ويئي ۽ امير، امرائن جي موجودگيءَ ۾ ڳل کي کولرايو ويو، خليفي جي هٿ ۾ ان ويل مورڙئي جي سائي ٽاري هئي، جا محمد بن قاسم جي ڏندن تي هٽندي پنهنجو غرور ڏيکارڻ لاءِ راجا جي ڌيئرن کي (هتي معلو ٿئي ٿو ته خليفي ٻنهي ڀينرن کي گهرايو آهي. پهريان ته وڏي ”سونهن ديوي“ کي گهرايو ويو هو ۽ ان تي ئي نظر ڪرم پئي فرمايائين، ان ڪري ڇئبو ته ڪيس بيوقوف بڻائڻ لاءِ پهرين حرفت وڏيءَ نينگريءَ جي آهي. ۽ پوءِ جيڪي واقعا سرزد ٿين ٿا تن مان معلوم ٿو ٿئي ته اهي ننڍيءَ جا ڪارناما آهن. ”آزاد“) مخاطب ٿي چيائين: ”اي راجا جون ڌيئرو! اسان جو حڪم پنهنجي ڪامورن تي اجهو هن طرح جاري آهي انهيءَ لاءِ ته سيئي منتظر ۽ تابعدار رهندا اچن. جيئن ئي قنوج ۾ اسان جو هيءُ حڪم ڪيس پهتو ته پنهنجي پياري جان اسان جي حڪم تي فدا ڪيائين.“ (چچ نامو ص 365)

خليفي جي ان ذکر ڪرڻ بعد، هنن خليفي کي وڏيڪ خراب ڪرڻ لاءِ ڪيس چيو: ”داناءَ بادشاهه تي لازم آهي ته جيڪي به دوست يا دشمن کان ٻڌي سو عقل جي ڪسوٽيءَ تي ۽ دل جي صلاحڪار سان پرکي ۽ پيٽي ڏسي، جڏهن صحيح ۽ بيشبه ثابت ٿئي، تڏهن عدالت جي رستي تي حڪم فرمائي ته جيئن خدائي غضب ۾ گرفتار ۽ انساني طعنن جو شڪار نه ٿئي. توهان جو حڪم برابر هلي ٿو، پر دل مبارڪ حڪمت ۽ سمجهه کان خالي آهي.“ (چچ نامو ص 366) هنن پنهنجي چڙ ڏياريندڙ ڳالهه کي اتي پورو نه ڪيو پر ڪيس دل جلائيندڙ، اندر واري ڳالهه کان پڻ آگاهه ڪندي چيائون: ”جنهن صورت ۾ هند ۽ سنڌ جي بادشاهه کي برباد ڪري، اسان جي ابن ڏاڏن جي بادشاهي ويران ۽ ضايع ڪيائين، ۽ اسان ٻندن کي بادشاهيءَ تان (ڪيرائي) غلاميءَ جي درجي تي پهچايائين، تنهنڪري انتقام خاطر ڪيس مناسب بدلي ڏيڻ لاءِ ۽ سندس بربادي ۽ دفع ڪرڻ واسطي، خليفي جي خدمت ۾ ڪوڙ ۽ ملاوت ذريعي اسان کي هٿرو انتقام حاصل ٿيو، ۽ خليفي قطعي حڪم جاري ڪيو. جيڪڏهن خليفي جو عقل شهوت جي پردي ۾ ڍڪجي نه وڃي ها، ۽ (پهريائين) جاچ ڪرڻ واجب سمجهي ها، ته هن پشيماني ۽ ملامت سان نه پرجي ها.“ (چچ نامو ص 366 کان 367)

هن ڇوڪرين جي ايتري هوش ۽ وير ونڻ واري حوصلي جي ڪري، خليفو صاحب ايڏيون وڏيون فتحون ڪندڙ ۽ مال ملڪيت، ٻانها ۽ ٻانهيون ميڙي ڏيندڙ سالار وڃائي وينو. ان عمل سندس حوصلا خطا ڪري ڇڏيا. چچ نامي ۾ اچي ٿو ته ان وقت هو بي ساخته ٿي ويو جو هٿ جي پُنيءَ کي چِتن وانگر چڪ هڻڻ لڳو. (چچ نامو ص 167)

## جرئت ۽ حوصلو:

عربن جي ظلمت جا قصا ته اڳ ئي مشهور هئا، تنهن کان سواءِ ڇوڪرين واري ڳالهه خليفي کي ڪهڙي حد تائين پهچايو هوندو تنهن جو

اندازو ”هَٿن کي چِڪن هڻڻ“ مان لڳائي سگهجي ٿو. ويتر هي غلام ٽيل عورتون جن کي هو رپئي، ٻن ٽي وڪٽندا ۽ خريد ڪندا هئا تن جو اهڙي ريت ڪين خراب ڪرڻ ڪيڏو نه چيڙائيندڙ هيو ۽ اُن جا ڪيڏا نه اُگرا نتيجا نڪري ٿي سگهيا، پر انهن سيني ڳالهين هنن سنڌي سورمين جي جرئت ۽ حوصلي ۾ ترِ َبرابر به ڦير نه آندو. هنن ساڳي ئي دليري ۽ حوصلي منجهان وري خليفي جي اندر ۾ ٻرندڙ باهه تي پيٽرول هاريندي چيو: ”بادشاهه وڏي غلطي ڪئي آهي، جو ٻن ٻانهين خاطر اهڙي ماڻهوءَ کي (برباد ڪيائين) جنهن اسان جهڙيون لکين پرده نشين قيد ڪيون، هند ۽ سنڌ جي ستر بادشاهن کي تخت تان جنازي جي تختي تي ليٽايو، بتخانن جي بجاءِ مسجدون ۽ منبر اَڏايا ۽ منارا نهرايا.“ (چچ نامو ص 167)

## واقعي جي حقيقت:

اسان جي عزت مآب مورخن مذهبي فرض ادا ڪندي ڪوشش ڪئي آهي، ته اصل ڳالهين کي پاسي تي رکي، روايتن کي عربن جي فائدي ۾ بيان ڪيو وڃي. ان ڪري هن واقعي کي به غلط نهرايو ويو آهي ۽ ڄاڻايو ويو آهي ته محمد بن قاسم سليمان طرفان قيد ٿي ويو هو جتي جيل ۾ مشڪلاتون ڪائي مري ويو ۽ ان متئين واقعي سان سندس واسطو ڪونه هو. پر ڏاهر جي ڌيءُ جا هينيان لفظ: ”جيڪڏهن هن ڪان ڪا ٿوري بي ادبي يا ڪا اڻ وڻندڙ حرڪت ٿي به هئي، ته به هڪ مطلبي ماڻهوءَ جي چوڻ تي محمد بن قاسم کي برباد ڪرڻ نه گهربو هو.“ (چچ نامو ص 367) ٻڌائين ٿا ته اهو ڪم محمد بن قاسم کان ئي ٿيو آهي. ”ڪن تاريخن محمد بن قاسم جي گرفتاري ۽ موت واري واقعي جو سبب حڪومت جي تبديلي بيان ڪيو آهي.“

**موت :**

ڏاهر جي وڏي نياڻيءَ جو حرفت سان محمد بن قاسم کي مارائڻ، مٿان ننڍي نينگريءَ جي احوالن خليفي جي ڦٽن تي لوڻ ٻرکيو تنهن خار ۾ ڪاوڙ وچان حڪم ڪيو ته ٻنهي کي جيئري پِٽ ۾ لِنبايو وڃي. (چچ نامو ص 367) معصوميءَ واري لکيو آهي ته ڏاهر جي ٻنهي ڌيئن کي گهوڙن جي پُڇن سان ٻڌي، شهر جي چوڌاري ڦيرائي وڃي دجله نديءَ ۾ اڇلايو ويو. ص 37.

اهڙي ريت هنن سنڌ جي نياڻين، نماڻين جو بيدرديءَ سان انت آندو ويو.

**تاريخ ۾ حصو:**

غلامن جو جيڪو حشر ٿيندو آهي سا ڳالهه ڪنهن کان به ڳجهي ڪانهي. هي نينگريون پڻ غلام ٿيل هيون، جيڪڏهن ڪنهن جي به بستري جو سينگار ٿي وڃن ها، تڏهن به رت چوسجڻ بعد هڪاليون وڃن ها! ۽ ذلت جي زندگي بسر ڪرڻي پوين ها. پر سندن ان ڪارنامي کين تاريخ ساز بڻائي ڇڏيو ۽ پنهنجي اندر جي آڳ اجهائڻ ۽ بدلي وٺڻ سان گڏوگڏ تاريخ جي ورقن ۾ امر ٿي ويون، جنهن کي صدين کان پوءِ به ڪوئي وساري نه سگهندو، سندن جرئت ۽ حوصلي کان متاثر ٿي سنڌ جي شاعر شيخ مبارڪ ”اياز“ هنن نينگرين جي شان ۾ هن ريت ”نظم“ رستي پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيو آهي:

# راجاڏاهر

تنهنجون نياڻيون
سهڻيون سياڻيون

ڪنهن هئن آنديون!
ماندڙيون! ٻانديون!

چيلهه ۾ رسَا
چڪبا چوتا
اڳتان گهوڙا

پٺ تان پاريون
راج ڪماريون
ننگيون ساريون!

ها پر آهي
پوءِ بہ انهن جي

منهن تي نفرت
عظمت، جرئت

آهن منهنجون
چڙ ڪوتائون.

(اياز شيخ، ”**ڪلهي پاتر ڪينرو**“ حيدرآباد. اداره آواز ادب 1963 ص 79)

# سومرادؤر

سنڌ جي آزاد حڪمران مهاراجا ڏاهر ڪي 711ع ۾ شڪست آئي ۽ سنڌ مٿان عربن جو غلبو ٿي ويو، جو بنو اميه خليفن ۽ محمود غزنوي ڪان ٿيندي 340 ورهين گذرڻ بعد 1051ع ۾ سنڌ جي اصل رهاڪو سومري خاندان جي هٿ ۾ آيو.

هن قبيلي محمود غزنوي، قطب الدين ايبڪ ۽ التمش جي هٿ هيٺ رهندي آخر پنهنجي الڳ حڪومت قائم ڪري ورتي. پوئين دور ۾ هو پوري ريت خودمختيار هئا. ايتري قدر جو اهڙيون روايتون به ملن ٿيون ته جڏهن چنيسر دودي جي ست ستاءَ ڪرڻ ڪان پوءِ به واپس نه وريو ۽ دودي ڪي اها پڪ ٿي ويئي ته هو دهليءَ جي حاڪم ڪي سنڌ تي چاڙهي ايندو، تڏهن هن مکيه اميرن سان ان ڳالهه تي صلاح ڪيائين ته: ”چنيسر جو حملو ڪرائي ان ڪان پهريائين اسين چونه دهليءَ تي ڪاهي هلون.“

جڏهن به ڪوئي ملڪ سڌي يا اڻ سڌي طرح ڌارئي تسلط هيٺ اچي ويندو آهي، تڏهن سواءِ ملڪي استحڪام جي ٻيو ڪوبه مسئلو ڪائي اهميت نه رکندو آهي. اهڙي حالت ۾ لطيف سائينءَ جي چواڻي: ”وئي ويچارن وسري خوشي ۽ خريد.“ غلاميءَ واري عالم ۾ هر قسم جي ميٺ محبت ختم ٿي ويندي آهي.“

پر جڏهن به ملڪ ٻاهرين خوف ۽ خطري ڪان آجو هوندو آهي تڏهن عوام سُک جو ساهه ڪٽي اندروني تعمير ڪرڻ لڳندو آهي ۽ آزادانه ماحول هئڻ ڪري رس رهاڻيون ۽ قرب ڪهاڻيون ٿيڻ لڳنديون آهن ۽ محبت واري ماحول ۾ هر ڪا دل محبوب جي قدمن تي سر جهڪائڻ لاءِ ڪوشان هوندي آهي. پر ان جي بر عڪس جڏهن به ملڪ غلاميءَ هيٺ اچي ويندا آهن تڏهن عوام جو آرام ۽ سُک چين ختم ٿي ويندو آهي. اهڙي ماحول ۾ پيار جون

پرستار اکڙيون ألا ٻڄي ديس جي دشمن جي هر شيءِ تباهه ڪرڻ واري راهه اختيار ڪنديون آهن ۽ اهي ئي هٿ، جي محبوب جي زلفن سنوارڻ لاءِ هر وقت ڪوشان رهندا آهن، سي مضبوطيءَ ۽ مستقل مزاجيءَ سان اسٽين گن جي مُنئي کي پڪڙيندا آهن.

سومرا دور سنڌ جو نهايت عاليشان دور هو. هن دور ۾ سنڌ سکيو ستابو ملڪ هو جنهن جو واپار سمنډ رستي هرمز، قيس، بحرين، عدن، گجرات، ملبار، ڪارو منڊل ۽ چين سان هلندڙ هو. ٻين ملڪن جي دولت سنڌ جي بندر لاهري ڏانهن ڇڪجي ايندي هئي. (جنت السنڌ ص 331)

ٻاهر ويندڙ سامان ۾ ريشمي ڪپڙو، خوشبودار شيون، سچا موتي، تراريون، گهوڙن جون زينون، خوشبودار مصالحا ۽ گهوڙا شامل هئا.

غلاميءَ واري طوق کان آزاد هئڻ ڪري قوم ۾ عشق ۽ محبت جو سَلو انگورجڻ لڳو هو جنهن ڪري سنڌ جي عشقيہ داستانن جو وڏو تعداد هن دور جي پيداوار آهي. جهڙوڪ: مومل ۽ مينڌرو، ليلا ۽ چنيسر، عمر ۽ گنگا، عمر ۽ مارئي وغيره. هي سونهري دور ساڍا ٽي سؤ سال هليو. (پراٽو پارڪر ص 83- سائين جي ايم سيد هن ريت ڄاڻايو آهي: "هيءَ حڪومت اٽڪل ٽي سؤ ورهيہ ڪن هلي." (سنڌ جا سورما ص 16)

هن دور ۾ هيٺين عورتن جو وطن جي ڀلي ڪارڻ نمايان ڪردار نظر اچي ٿو.

1. تارا ٻائي (دودي پهرين جي ڌيءُ)
2. همون ٻائي (سنگهار جي زال)
3. ٻاگهل ٻائي (دودي ٽئين جي ڀيڻ)
4. ساران (محمد سومري جي زال)
5. ڪويل (ننگر سومري جي مَگّ)
6. مالها (هاسي سوڍي جي زال

# تاراپائي

سنڌ ملڪ مختلف وقتن تي، آزاديءَ ۽ غلاميءَ جا ڏينهن پئي ڏٺا آهن. جڏهن بہ هيءُ ملڪ غلام ٿيو آهي، تڏهن هتان جي عوام هڪ ڏينهن بہ خاموشيءَ سان نہ گذاريو آهي. هر گهڙي هر پلڪ آزاديءَ جي تلاش ۾ رهيا آهن، جنهن بہ وقت ڪين وجهہ مليو آهي، تڏهن آزاديءَ جي مومل ماڙي پوءِ سُک جو ساهہ ڪنيو اٿائون.

برهمڻ گهراڻي جي تباهيءَ کان پوءِ سنڌ جدا جدا گهراڻن جي غلاميءَ هيٺ رهندي آئي، جا آخرڪار غزنوي گهراڻي جي هٿن تائين پهتي. هن گهراڻي جي هاڪاري حاڪم سلطان محمود غزنوي 31 سال حڪومت ڪرڻ بعد 60 سالن جي عمر ۾ 23 ربيع الاول 421هه تي وفات ڪئي. (منتخب التواريخ ص 41) تنهن بعد شهنشاهيت جي تباهيءَ جا آثار شروع ٿيڻ لڳا. آخر حڪومت ۽ بادشاهيءَ تي عبد الرشيد بن سلطان مسعود بن سلطان محمود جو وارو آيو، "تڏهن هو عيش ۽ خوشيءَ جون مجلسون قائم ڪري، خوشي ۽ عياشيءَ جي رسمن ۾ مشغول ٿي، حڪومت جي ڪاروبار کان غافل رهيو، اهڙي وقت ڏوراهين سرحدن جا ماڻهو سرڪشي شروع ڪري فرمانبرداري کان نڪري ويا."

ان دور ۾ سنڌ مان سومرن (جنت السنڌ جي صاحب سمينہ قومن جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن مان اهو اندازو ٿئي ٿو تہ اهو حاڪم صرف سومرن پاران مقرر ڪيل نہ هو پر ان کي حاڪم مقرر ڪرڻ ۾ پين ذاتين جو پڻ هٿ هو جن کي گڏي شايد سمينہ قوم چيو ويندو هجي.) ٿريءَ جي آس پاس سومري نالي هڪ شخص کي حڪومت جي گاديءَ تي وهاريو. (ڊاڪٽر بلوچ صاحب اهو نالو ابن سومار ڄاڻايو آهي. سندس خيال موجب "سومار راءِ" سومرن جي حڪومت جو باني هو، جنهن جو پٽ، ابن سومار سنہ 423هه موجب 1032ع ۾ سلطان مسعود غزنوي جي عهد حڪومت ۾ زنده هو.) جنهن پنهنجي خداداد صلاحيتن سان ملڪ جي پسگردائيءَ جي فسادن کي صاف ڪيو ۽ هن صاد نالي هڪ زميندار سان

صلح جون ڳالهيون ڪري سندس نياڻي نڪاح ۾ آندي، جنهن مان ڪيس يونگر نالي پُٽ ڄيو. پيءُ جي وفات بعد يونگر حڪومت تي وينو. جنهن پندرهن ورهين بعد 1068ع ۾ وفات ڪئي. تنهن بعد سندس وڏو پٽ دودو (پهريون) تخت تي وينو. هي پنهنجي وقت جو بهادر ۽ هوشيار حاڪم هو. هن پنهنجي حڪومت جي حدن کي لاڙ کان وٺي نصرپور تائين وڌايو. (جنت السنڌ ص 318) سندس بهادريءَ جا ڪارناما سنڌ جي آکاڻين ۾ بيان ڪيل آهن. هن مضمون جو مرڪزي ڪردار سورمي تارا ٻائي ان بهادر شخص جي ڌيءُ هئي.

## حڪومت ملڻ:

دودو بن يونگر 24 سال حڪومت ڪرڻ کان پوءِ سن 485ھ (1092ع) ۾ وفات ڪري ويو. دودي جي وفات وقت سندس پٽ سنگهار اجان صغير هو. پر رواج مطابق سومرن پوءِ به پڳ ڪيس ٻڌائي، پر حڪومت جو ڪاروبار سندس ڀيڻ تارا ٻائي هلائڻ لڳي.

هندوستاني تاريخ جا ڪيترا مؤرخ رضيه سلطانه کي پهرين خاتون حڪمران ڪري لکندا آهن پر اها ڳالهه درست نه آهي. رضيه سلطانه 624ھ (1236ع) ۾ دهليءَ جي تخت تي وينې. (جنت السنڌ ص 319) پر تارا ٻائي ان کان ڪافي اڳ ٿي گذري آهي. هيءَ نهايت هوشيار ۽ بهادر عورت هئي. هن سياست جي ميدان ۾ وڏي جرئت ۽ مردانگي سان ڪم ڪيو. سومرا ساڻس وفادار ۽ سندس فرمانبردار هئا. ان ڪري دودي جي موت بعد جا ملڪ ۾ شورش پيدا ٿي پيئي، تنهن کي هوءَ آسانيءَ سان ختم ڪري سگهي. ان وقت تائين دٻدٻي سان راڄ ڪيائين، جيستائين سنگهار وڏو ٿيو.

الوحيد "سنڌ آزاد" نمبر ۾ سومرن جي باري ۾ سنڌي زبان ۾ شايع ٿيل هڪ رسالي جو ذڪر ڪيل آهي، جنهن جو نالو ڄاڻايل ڪونهي. ان رسالي واري صاحب سومرن جي حاڪمن جي لسٽ تيار ڪئي آهي. تنهن مطابق:

دودو (اول) 466ھ
تاري ڏيءُ دودو 481ھ
سنڪار (سنگھار) 491ھ (الوحيد سنڌ ”آزاد“ نمبر ص 87

دودي جي موت (466ھ) کان وٺي سنگھار جي وهڻ تائين (491ھ) جملي 25 سال ٿين ٿا.

پر ان جي ابتڙ ٻين سمورين تاريخن ۾ تاريءَ جو نه نالو ئي ڪينهي پر دودي ۽ سنگھار بابت پڻ مختلف سن لکيل آهن. جيئن:

دودو بن يونگر 461ھ
سنجر ”سنگھار“ 485ھ

بعد ۾ ٿيل تحقيق کي جيڪڏهين نظر ۾ رکجي ته ان مطابق دودي ۽ سنگھار جي وچ ۾ 24 سال ٿين ٿا. پر رسالي ۾ آيل شجري مطابق دودي ۽ سنگھار وچ ۾ 25 سال ٿين ٿا ۽ انهن مان 15 سال دودي حڪومت ڪئي باقي ڏهه سال تاريءَ راڄ هلايو، تنهن بعد سنجر (سنگھار) 491ھ ۾ گاديءَ تي وينو.

سمجھ ۾ ائين پيو اچي ته ٻين مؤرخن تاريءَ جو سن وار ذڪر نه ڪيو آهي، پر سنجر (سنگھار) جي راڄ جو سن، سال به تڏهن کان شمار ڪيو آهي، جڏهن کان هو وڏو ٿي حڪومت تي وينو، نه ته ان وقت کان جڏهن کان پيڻ ”تاري“ سندس پاران راڄ جون واڳون هٿ ڪيون. ان مان به اها ڳالھ ظاهر آهي ته دودي موت (466ھ) کان پوءِ سنجر (سنگھار) جي گاديءَ تي وهڻ تائين جيڪو عرصو ٿئي ٿو تنهن ۾ تاريءَ جو راڄ هو، پوءِ پراڻي شجري مطابق 10 سال هجي يا نئين لکت مطابق 9 سال ٿئي.

# همون ٻائي

تاريخ ريگستان جي ليکڪ، ڪافي چند چاڻ ڪان پوءِ منتخب التواريخ واري سومرن جي شجري کي درست قرار ڏنو آهي. ان موجب دودي جي پٽ جو نالو سنجر لکيو ويو آهي، جيڪو سنگهار ئي آهي. سنگهار جي پيءُ دودي 466ھ ۾ وفات ڪئي.

پيءُ جي وفات وقت سنگهار صغير هو، جنهن ڪري ان وقت تائين سندس پيڻ تاريءَ حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ هيٺ رکيون، جيستائين سنگهار حڪومت هلائڻ جهڙو ٿيو. سنگهار وڏي جرئت ۽ بهادريءَ سان راڄ ڪرڻ بعد 1106ع ۾ بنا اولاد مري ويو.

سنگهار جي بي اولاد مري وڃڻ ڪري، حڪومت جون واڳون سندس گهر واري همون ٻائيءَ کي پنهنجي هٿ ۾ کڻڻيون پيون. هي نهايت ذهين، هوشيار ۽ بهادر عورت هئي. هن حڪومت جون واڳون ملڻ سان درڪ جي قلعي کي پنهنجو تخت گاهه بڻايو ۽ انتظامي سهوليتن خاطر پنهنجي ڀائرن مان هڪڙي کي محمد طور تي حاڪم مقرر ڪيو ۽ ٻئي کي ٿري شهر ۾ رکيائين ۽ پاڻ ٻنهي جي نظرداري ڪرڻ لڳي. هن جي حڪومت ڏکڻ ۽ اتر سنڌ تي قائم هئي. هن اعليٰ صلاحيتن سان ملڪ ۾ چؤطرف امن امان وارو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو. ايتري ۾ دادو (فتح خان) نالي هڪڙو سومرو سردار؛ جو دودي پهرين جي اولاد مان هو، جيڪو ان وقت وڳهه ڪوٽ جو حاڪم هو تنهن پنهنجا مِٽ مائٽ گڏ ڪري، همون ٻائيءَ خلاف اعلان بغاوت ڪيو، جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ هوءَ پنهنجي ڀائرن سان گڏ ميدانِ جنگ ۾ نڪري آئي. مولائي شيدائي جي لکت موجب همون ٻائي سومري سردار سان ميدان ۾ مقابلو ڪندي، پنهنجي ٻن ڀائرن سميت شهيد ٿي ويئي.

الوحيد جي سنڌ آزاد نمبر ۾ سومرن جي سلسلي لاءِ جنهن پراڻي رسالي جو ذڪر ڪيو ويو آهي، تنهن ۾ سنڪار (سنگهار) جو گاديءَ تي وهڻ 491ھ ڏيڪاريل آهي ۽ ان بعد همونءَ جو ذڪر آهي ئي ڪونہ! بلڪ پوءِ وري فتح خان 504ھ ڏيڪاريو ويو آهي. دراصل اهڙي قسم جو شجرو ناهيندڙن، همونءَ جي دورِ حڪومت جو ذڪر ان ڪري نہ ڪيو آهي، جو هوءَ سومري نہ هئي. حالانڪ تاريخي احوالن منجهان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ سنگهار ۽ فتح خان جي وچ واري عرصي ۾ ڪجھ سال همونءَ جي حڪومت قائم هئي.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ آخر مقامي ماڻهن جي پنهنجو پاڻ ۾ لڙائي ڇو لڳي؟ ان جو سبب پڻ ڏارين منجهان شادي ڪرڻ ئي ٿي سگهي ٿو. همون سومري نہ هئي. ان ڪري سومرن ڪيس نٿي سَنو ۽ سندس خلاف اعلانِ جنگ ڪيائون. اهو ان ڪري جو همون پنهنجي پيائرن کي مختلف عهدن تي مقرر ڪري، پنهنجي قبيلي کي قوت ۾ آڻڻ پئي گهريو، ان وقت جي قبائلي روايتن موجب سومرن کي اها ڳالھ خراب لڳي. ان ڪري هنن بنا سوچ ويچار ڪرڻ ۽ همونءَ جي صلاحيتن کي ڏسڻ جي، سندس خلاف اعلان بغاوت ڪري ملڪ جون واڳون پنهنجي هٿ ڪري ورتيون، اهڙي ريت سنڌ ملڪ تي سومرن جو پراڻو راڄ برقرار رهيو.

# باگهل بائي

## حسب نسب:

سنڌ جي هيءَ عظيم عورت، سنڌ جي قديم قبيلي سومرن مان هئي. جنهن قبيلي جي فردن هر دور ۾ ديس جي ننگ ۽ ناموس تان قربان ٿي، پنهنجي پاڻ ملهايو آهي.

هيءَ سورمي سومرن جي نامياري حاڪم پونگر راءِ جي ڌيءُ (ڏاڏي پوٽيءَ مان) ۽ دودي جي سڳي ڀيڻ هئي.

پونگر راءِ کي ٻه گهر هئا. پهرين گهر واري سومري هئي. بعد ۾ گجر قبيلي مان روپا نالي ڇوڪريءَ سان 640ھ ۾ عشق مان شادي ڪيائين. (ڪن روايتن ۾ روپا جي ذات لُهر بيان ڪئي ويئي آهي، پر حقيقت هن طرح آهي ته روپا جا مائٽ اصل ۾ گجر هئا پر جيئن ته لوهڻ جي پرسان اهي سنيون تلوارون ۽ ٻيو جنگي سامان ٺاهيندا هئا، ان ڪري لوهر سڏجڻ لڳا. (آزاد)

پونگر کي انهن ٻنهي گهرن مان هن ريت اولاد ٿيو. سومريءَ مان پهريائين ”باگهي“ پوءِ گجر مان ”چنيسر“ پوءِ وري سومريءَ مان ”دودو“ پيدا ٿيو. ڪن روايتن موجب پهريائين چنيسر، پوءِ باگهي ۽ آخر ۾ دودو پيدا ٿيو. (منشي اڌارام جي ڳالهه) ڪيئن به هجي پهريائين باگهي پيدا ٿي هجي يا چنيسر، پر سمورين روايتن منجهان اها ڳالهه صاف ظاهر ٿئي ٿي ته باگهي دودي جي سڳي ڀيڻ هئي.

## اعليٰ صفتون:

هن عظيم عورت جي پرورش ن سنڌي عورت جو اعليٰ ڪردار ان وقت عوام اڳيان اچي ٿو، جڏهن 678ھ ۾، پونگر راءِ هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ٿو وڃي ۽ راڄ ڀاڳ ۾ حاڪم مقرر ڪري پڳ ٻڌائڻ جو مسئلو اُٿي ٿو.

سومرن جي سرداريءَ هيٺ ڪيئي بهادر ۽ جنگجو قبيلا هئا. جهڙوڪ: جاڙيجا، سما، سوڍا، پٽي، گجر، راجڙ، هولياڻي، خفيف وغيره. پونگر راءِ جي فوت ٿيڻ بعد قبيلن جا چڱا مڙس اچي گڏ ٿيا ته پڳ ڪنهن کي ٻڌائجي چنيسر کي يا دودي کي؟

منڊ ۾ اهو معاملو دودي ۽ چنيسر جي وچ ۾ ڪونه هو مگر (صرف راڄن جي وچ ۾ هو. (منشي اڌارام جي ڳالهه) جيئن ته دودو ڏاڏي پوٽيءَ مان هئو ۽ چنيسر لوهارڻ (گجر) ڏاريءَ مان، انڪري راڄ فيصلو ڪيو ته پڳ دودو ٻڌي. پوءِ يڪراءِ فيصلو ڪري سيني گڏجي يا منجهائن ستر چونڊ چڱن هلي اچي دودي کي چيو ته: ”تون پڳ ٻڌ“ پر دودو داناءُ هو تنهن انهن چڱن جي سَٿ ۾ ويهي چيو ته: ”پڳ چنيسر ٻڌي جو جو وڏ ڀاءُ آهي.“ (سومرن جو دور ص 22. ڪن روايتن مطابق راڄ پهريائين چنيسر کي پڳ ٿي ٻڌائي پر هو راڄ کي وهاري ماءُ سان صلاح ڪرڻ ويو ته پوئتان راڄ فيصلو بدلائي ڇڏيو. ڇي ”جيڪو پڳ ٻڌڻ لاءِ به ماءُ کان پڇڻ ويو آهي سو اڳتي ڇا ڪندو!“ (آزاد) دودي ته گهٽو ئي چاهيو ٿي ته جيئن ملڪ اندر انتشار نه پکڙجي تنهنڪري ڪي هن راڄ کي صلاح ڏني ته ”چنيسر وڏو آهي ان کي پڳ ٻڌائي وڃي.“ پر عام راءِ کي وڏي اهميت هوندي هئي. تنهن ڪري دودي جي ڪنهن به نه ٻڌي. آخر راڄن پنهنجي ڳالهه پوري ڪرڻ لاءِ، دودي کي نشو ڏيئي پوءِ پڳ سندس مٿي تي رکي. (سومرن جو دؤر ص 30. تي سگهي تو دودي جي چوڻ تي چنيسر کي پڳ لاءِ چيو ويو هجي پر سندس اهو جواب ڏيڻ تي ته (امان کان پڇي اچان) پوءِ راڄ فيصلو تبديل ڪيو هجي ۽ دودي کي شراب پياري پڳ سندس مٿي تي رکي ويئي هجي. ڊاڪٽر بلوچ هن طرح چاڻايو آهي: ”جيئن ئي راڄ دودي تي زور رکيو، تڏهن چيائين ته پلا ترسو، تڪڙ نه ڪريو، جيستائين چنيسر اچي. چنيسر شڪار تي ويل هو. دودي ماڻهو موڪلي ڪيس سڏايو، چنيسر جيئن ئي ٻاهران آيو ته دودي ڪيس پڳ ٻڌڻ لاءِ چيو ۽ سيني راڄن کي به سمجهايائين، جن به سندس چوڻ نه موٽايو. چنيسر اچي ويٺو ۽ ڪيس پهريون وَر دودي ڏنو.“ تڏهن چنيسر ماءُ کان پڇڻ واري ڳالهه ڪئي ۽ اتان قصو ڊهي پيو.

ڪن روايتن ۾ ته ائين به آهي ته ٻاڳهي ڀائرن کان وڏي هئي تنهن ڪري پهريائين پڳ ان کي پئي ملي پوءِ هن اها وڏي ڀاءُ چنيسر کي ڏياري. پر هو جو ماءُ کان پڇڻ ويو ته راڄ فيصلو ڦيرائي ڇڏيو. (آزاد)

اتي هن عظيم عورت جو صلح پسندانه ۽ ذهانت وارو گڻ ظاهر ٿئي ٿو. هن نٿي چاهيو ته پڳ جو معاملو ايتري قدر وڌي وڃي جو ڀائر پاڻ ۾ وڙهي پون ۽ راڄ حصن ۾ ورهائجي وڃي، ڇوته اهڙي ريت قومي شيرازي ڪمزور ٿيڻ جو انديشو نظر پئي آيو. هن کي جڏهن اها خبر پيئي ته دودي کي نشو ڏيئي پڳ ٻڌائي ويئي آهي ۽ چنيسر ڪاوڙيو پيو وڃي، تڏهن ٻاگهيءَ اچي دودي کي اتاريو ۽ چنيسر کي واپس ورائڻ لاءِ چيائين:

ٻاگهي روئندي آئي، اچي پاڪر پاتائين پاءُ،
پتراٽي پير ڪري، سُتين کهڙي ساءِ،
ڀاءُ وڃئي تو ڀَر منجهان، پوئي سياءُ ڪونه سماءُ،
سنڌ سُڃي ڪيو سومرو، وڃي سندو راٽين راءِ.

دودي کي نشي مان جاڳائي، چنيسر کي ڏارئي در وڃڻ کان روڪائي، پوءِ هن ٻنهي ڀائرن کي پاڻ ۾ پرچي صلح سانت سان گڏجي راڄ هلائڻ جي تلقين ڪئي. دودي کي اهو احساس ڏيارڻيائين ته چنيسر وڏو آهي تنهنڪري توکي ان جي تابع رهڻ گهرجي، ۽ چنيسر کي چيائين: ”ادا جي دودي کي ڀائن پڳ ٻڌائي آهي ته هيءُ سڄو ملڪ تنهنجو آهي، ان کي هٿ سان ٺُڪر ڏي ۽ هٿ سان اُٿار ويهار، ڀائر آهيو پاڻ ۾ تنازع نه وجهو ۽ وڙهو نه. (دودو چنيسر ص 416) دودي کي جا پيڻ هدايت ڪئي، تنهن تي دودي به ڀاءُ کي چيو: ”ڀائر آهيون پاڻ ۾ مونکي ڀائرن (راڄ وارن) پڳ ٻڌائي آهي، مون زور سان ڪانه ٻَڌي آهي. ملڪ سڄو تنهنجي حوالي آهي. مان به تنهنجي حڪم هيٺ هلندس، مگر ڪاوڙجي نه وڃ.“

تنهن تي چنيسر چيس: ”ڏئين ته پڳ موٽائي ڏي. جي پڳ موٽائي نه ڏيندين ته وڙهنداسين.“

آءٌ ويندس دهلي شهر ڏانهن، ايندس چليون چلائي،

دودو ۽ دودياڻيءَ کي، مان ايندس رُڪ چبائي،
ننڍيون وڏيون سومريون، مان بہ ايندس رلائي.

(دودو چنيسر ص 417)

ائين چئي چنيسر دهليءَ روانو ٿيو. پوءِ بہ دودي کيس پرچائڻ لاءِ راڄن ڀاڳن ۽ نياڻين سياڻين جون ميڙيون پويان موڪليون پر هو نہ موٽئو هو، سو نہ موٽيو.

هتي هڪ ڳالهہ بحث طلب آهي تہ باوجود سومرن پاران ايترين منٿن ڪرڻ جي، پوءِ بہ چنيسر پنهنجي هَٺَ تان نہ لٿو ۽ اهوئي پئي چيائين تہ: ”آءٌ سومريون رُلائي ايندس.“

## آخر ائين ڇو؟

جيڪڏهن تاريخي طور تي ڏسبو تہ ان ڳالهہ جي پنيان سوچيل سمجهيل منصوبي تحت، سومرن کان حڪومت کسرائي، ملڪ ڌارين جي چنبي ۾ ڏيڻ واريون ڪاروايون ڪارفرما نظر اينديون.

چنيسر جي ماءُ گجر قبيلي مان هئي. سندس پيءُ جو نالو ”لاڏڙو“ هو، جو گجر قبيلي جو چڱو مڙس هو. گجرن ۽ سومرن جي ورهين کان پاڻ ۾ اٽڪٽ هلندي پئي آئي. سنڌ جي تاريخ ۾ سومرن جي دور جي روايتن جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو تہ اندازاً سومرن جي اوائلي دور جي ڏيڊ سؤ سالن (1250- 1100ع) واري عرصي ۾ سومرن جون گجرن ۽ واگهيلن سان لڙايون ٿيون ۽ انهن لڙاين ۾ سوڀ سومرن جي ٿي. (سومرن جو دؤر ص 252)

تاريخ جي ورقن اندر سومري جي پري، پيڙهيءَ ۾ دودي نالي تي مڙس ملن ٿا جي ٺيئي هڪ ٻئي جو مَٺُ هئا ۽ ٻاگهيون بہ ملن ٿيون. ٻنهي ٻاگهين تان جنگ لڳي آهي ۽ سومرن غيرت جو ثبوت ڏيندي سر گهور ڪيا آهن.

هڪ جُوءِ ٻي جوءِ، ڇڏين ڪين جوان،

اهڙا پي انسان، جيکي ننگن تان نثار ٿيا.

(سچل)

روايتن جي روشنيءَ ۾ پهريون ڪارو دودو ٿيو، جنهن وڳهه ڪوٽ جي بادشاهي ورتي. ڪڇ جي ڏکڻ ۽ اوپر طرف وارن ملڪن ۾ گهڻو آڳاٽو گُجرن جي حڪومت هئي. وڳهه ڪوٽ اصل گجرن جو هو پوءِ اهو سومرن هٿ ڪيو ۽ ان کي پنهنجي گاديءَ جو شهر ڪيائون. (سومرن جو دؤر ص 261) ٻيو دودو جيڪو نهري دودي سان مشهور آهي، اهو سومرن جي وچئين دور ۾ پيدا ٿيو ۽ ان جي ئي دور ۾ سومرن گُجرن سان لڙايون لڙيون ۽ کين شڪستون ڏنيون. ٽيون دودو ان کان پوءِ ٿيو جيڪو چنيسر جو ڀاءُ هيو ۽ دهليءَ جي فوج سان وڙهندي شهيد ٿيو.

اهيجاڻن مان اهڙي تصديق ٿئي ٿي ته گجرن جون رياستون سنڌ جي سرحد سان لاڳيتو هيون ۽ پڻ گجر سومرن سان سڱيٽا هئا. (سومرن جو دؤر ص 257) روايتن ۾ آهي ته جئيسنگ گجر جوڳين کان پڇيو ته: ”اوهين ملڪ پيا گهمو، منهنجي جوڙ جيس ڪا عورت ڪٿي ڏٺوَ؟“ جوڳين جواب ڏنو ته: ”ٻي ڪا عورت ته جوڳي اسان کي ڪانهُ سجهي، باقي وڳهه ڪوٽ ۾ شهزادي ٻاڳهي (پهرين) تنهنجي لائق آهي.“ اهو ٻڌي گجر ميڙ ڪري وڳهه ڪوٽ ۾ حاڪم پونگر راءِ سومري وٽ ٻاڳهيءَ جي سَنگ لاءِ آيا، پر اڇي پنهنجي طاقت ڏيکاريائون ۽ سنگ لاءِ زور رکيائون، پونگر ڪجهه ڏينهن جي مهلت وٺي، دودي ڏانهن نياپو ڪيو جو ڪاوڙجڻ ڪري پر واري بادشاهي ۾ رهندو هو. ان اڇي گجرن سان جنگ جوٽي، ڪن روايتن ۾ اڇي ٿو ته پاڻ پونگر جنگ جوٽي ۽ گجرن کي شڪست ڏنائين. پونگر جي وقت ۾ گجر هارائي ڀڳا پر پونگر جي مرڻ کان پوءِ گجر وري وڳهه ڪوٽ تي ڪاهي آيا، تڏهن ٻاڳهي (پهرين) دودي (وڏي) ڏانهن قاصد موڪليو. (سومرن جو دؤر ص 264) ۽ انهيءَ اڇي جنگ لڙي.

اهڙي ريت ان سلسلي ۾ مختلف روايتون آهن پر سيني جو مرڪزي خيال وڏي ڀاڱيءَ تان گجرن ۽ سومرن جي جنگ تي مبني آهي. اها اٿبٽت دودي ٽئين جي دور تائين هلندي آئي.

ساڳي ريت سومرن جي واگهيلن سان پڻ اٿبٽت هئي. واگهيلا اوير ڪڇ جا حڪمران هئا. ”سنبت 1238 کان پوءِ واگهيلا ڪڇ ۾ حڪمران ٿيا. سومرن واري دؤر ۾ ڪڇ ۾ آباد سنڌ جي قبيلن ۽ ڪڇ جي واگهيلن جي وچ ۾ صلح ۽ سنڱابندي جا رشتا پڻ هئا.“ (سومرن جو دؤر ص 251) سومرن جي اوائلي دور جي ڏيڍ سؤ سالن واري عرصي ۾ سومرن جو واگهيلن سان لڙايون لڳيون، جن ۾ سومرن سوڀون ڪيون.

مٿي بيان ڪيل جهيڙن ۽ اختلافن جي ڪري ٻنهي قبيلن (گجر ۽ واگهيلن) جي سومرن سان دشمني تي پيئي هئي. ڏکهي ويڙهه وڙهڻ کان پوءِ هنن سڌي طرح سامهون ٿيڻ کان شايد لهرايو پئي، ان ڪري پلاند وٺڻ خاطر هنن اها چال هلي جو پونگر (چنيسر جو پيءُ) بادشاه سان مِٺي ڪري في الحال خاموش ٿي ويا. پونگر بادشاه 640ھ ۾ روپا سان لائون لڌيون ۽ 678ھ ۾ وفات ڪيائين. ان حساب سان 38 سال هو بلڪل خاموش رهي، اندروني انتشار وجهڻ لاءِ سومرن سان سنڱابنديون ڪري شرارتون سِٽيندا رهيا. ان منصوبي تحت چنيسر جي ماءُ پنهنجي نُنهن يعني چنيسر جي زال بہ گجرن مان ورتي. چنيسر جي زال مريم، محمد نالي گجر سردار جي، جو دودي جو دوست هو، ڀِڻي هئي. (سومرن جو دؤر ص 259)

اهڙي طرح هو سومرن ۾ گهرو انتشار وجهڻ ڪارڻ راهون هموار ڪندا رهيا ۽ پوءِ پونگر جي وفات ڪرڻ بعد اصل ڪاروائي شروع ڪري ڏنائون. انهن ڪاروائين ۾ واگهيلا سندن مددگار هئا. جيئن روايتن ۾ ملي ٿو تہ چنيسر ڪرن واگهيلي جي وزير ماڌوراءِ سان گڏجي دهليءَ روانو ٿيو ۽ ان جي ئي معرفت بادشاه جي دربار تائين پهتو. (شاهي لشڪر 698ھ/ 1208ع ۾ گجرات فتح ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ڏانهن رُخ رکيو، سنڌ تي لشڪر ٻن هنڌن تان حملو ڪيو. هڪ بکر

کان ۽ پيو ننگرپارڪر کان. ننگرپارڪر واري حملي ۾ ماڌوراءِ جو وڏو هٿ هو.) ڪافي وقت اڳ گجرن چنيسر کي سومرن کان بدظن ڪري وڌو هو ۽ انهن جي چُرچ تي سپهه سالار سبڙ تان سندس اعتماد ختم ٿي ويو هو.

ڀَڳ تان اٽبٽت ٿيڻ وقت، چنيسر جو ماءُ کان پڇڻ لاءِ وڃڻ اهو ظاهر ڪري ٿو ته گجرن ڪيتري قدر نه چنيسر کي چنبي ۾ ڪري ورتو هو، ۽ چنيسر جي ماءُ ۽ زال ٻئي پنهنجي قبيلي (گجر) جي مفاد ڪارڻ ڪم ڪري رهيون هيون. اهوئي سبب آهي جو ڀڳ واري اختلاف کي دودي ۽ ٻاگهيءَ ختم ڪرڻ ٿي چاهيو، چنيسر به ان تي راضي ٿي ويو هو پر عورتن ڪيس طعنا ڏيئي دهليءَ وڃڻ تي مجبور ڪيو. (ڪن روايتن ۾ ائين آهي ته هن اختلاف ڪيو ئي ڪونه، جڏهن ڪيس اهو معلوم ٿيو ته ڀڳ دودي کي ٻڌائي اٿن تڏهن چيائين: "شڪر ڪريان الله جو، آئي اسان جي گهر ڏانهن." دودو چنيسر ص 794. ذاتي طور تي هو (چنيسر) تحمل وارو ماڻهو هو جو پهريائين چيائين ته: "جي دودي کي ڀڳ ملي ته چڻ اسان جي گهر آئي." (سومرن جو دؤر ص 31.)

چنيسر مُلڪ مٽان ڌاريو وني اچڻ ٻڏي مرڻ جي برابر سمجهيو ٿي. هن نٿي چاهيو ته ڪنهن ڌارئي کي آٽي مُلڪ پيلائجي، ان ڪري جڏهن طعنن تپائي ڏنس ته لاچار ٿي چيائين:

اڳي وجان ته ٻڏي مران، ٿي پويان ساڙي ٻاهه،
اڳيان آهن دور درياءَ جا، ٿو پويان ٻري آڙاهه،
ضايع ٿيان زمين ۾، مون کي ڌرتي ڏئي جاءِ.

چنيسر جي ڪانهه هلي، جوٽس ۽ ماٽس گڏجي ايترا ته طعنا ڏنس جو، آخر مجبور ٿي دهليءَ روانو ٿيو ۽ ٻاءُ ڏانهن نياپو ڪيائين:
منهنجا دودل ٻاءُ کي، ساري سلام ڏجانءِ،
ته طعنن ماريس سومرا، هاٽي عالادين آٽيان.

مٿين ڳالهه جي تصديق هينين روايت مان پڻ ٿئي ٿي.

جڏهن چنيسر روانو ٿيو ٿي ته پٽس محمد پڇيس، تڏهن چيائين:

ڏاڏهين جي مهڻن کان، وڃ ماريس تنهنجي ماءُ،

چيم ماڻهين جي مهڻن کان وڃي، پالين ٽنگايان پاءُ.

گجر تلوارون سنيون ناهيندا هئا. وزير ماذوراءِ جي معرفت چنيسر هينيون ڪم ته ناهي ورتو، پر جيستائين شاهي فرمان نه پئي ٿيو، تيستائين ڪجهه به ٿي نٿي سگهيو. چنيسر به هڪ طعنن جو تپايو، ٻيو وري ميڙن منٿن ڪي پڻ موٽائي ڇڏيو هئائين سو چپ ڪري وهڻ يا موٽي وڃڻ وارو ڪونه هو، تنهن پنهنجي ڳالهه اڳي ڪرڻ لاءِ عالادين کي ٻاگهيءَ جو سَنگ ٻاسي راضي ڪيو. (دودو چنيسر مستي نالي شاعر جي روايت ص 33)

مڙني روايتن مان ائين معلوم ٿو ٿئي ته چنيسر جي چوڻ تي به عالادين راضي ڪونه پئي ٿيو، پر چنيسر هڪڙي ٻي اٽڪل ڪئي، جنهن کي عالادين پنهنجي عزت جو مسئلو ڪري سمجهيو. چنيسر عالادين کي چيو ته: ”منهنجي پيءُ ٻاگهي توکي ڏيڻ لاءِ وصيت ڪئي هئي پر دودو نٿو ڏئي.“ آخر گجر (چنيسر) سومرن کان انتقام وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. (مختلف روايتن جي روشنيءَ ۾ گمان ڪري سگهجي ٿو ته عالادين پوئين پيڙهيءَ ۾ گجرن جو ويجهو مِٽ هيو. عالادين ۽ ڪڇ ۾ رهندڙ گجرن جي پيڙهي پوئتي ترڪن سان ٿي ملي تنهن ڪري عالادين به سنڌ ۾ گجر ۽ ترڪ پنهي قبيلن سان سڏيو ويو آهي. جيئن سومرن کي ملڪ تان آزار ٽارڻ جي صلاح ملي ته ٻاگهيءَ بجاءِ نوڪرياڻي ڏيئي جند ڇڏايو، تنهن تي دودي وراڻيو:

ڳولي ويندين گجرين، سڏبي دودي ڀيڻ،

سومريون ڏيندم مهڻا، جن جا وڃن مونکي ويڻ،

هو تُرڪ اسين سومرا، ڪيئن سما ٿيڻ سيڻ.

۽ عالادين سنڌ تي چڙهائي ڪئي.

مٿين سموري بحث ڪرڻ مان مطلب اهو ظاهر ڪرڻ هيو ته عالادين ڪهڙن سببن ڪري سنڌ تي ڪاهه ڪئي. منهنجي نظر ۾ اهو هڪ قبيلي جو ٻئي قبيلي کان انتقام وٺڻ جو نتيجو هو. ان سلسلي ۾ اهو پڻ نظر اچي ٿو

تہ چنيسر ٻاگھيءَ لاءِ جتي بہ ذڪر ڪيو آهي، اتي ٻاگھي دودي جي ڀيڻ ڪري ڇيو اٿس. پنهنجي ڀيڻ هئڻ جو ذڪر ڪٿي ئي ڪونہ ٿو ڪري! جيئن هڪ هنڌ عالاادين ڪي مخاطب ٿي چوي ٿو: ”ڀڳ ونئي ڏنئي تہ وڳھ ۾ دودي جي ڀيڻ ٻاگھيءَ جو سَنگ بہ ڏيندوسئين.“ (دودو چنيسر ص 126)

## قوم خاطر قرباني:

قومي عزت ۽ غيرت اها وَٿ آهي جنهن تان ڪيئي جانيون قربان ٿي وڃن تڏهن بہ پرواھ ناهي ڇوتہ عزت ۽ غيرت آهي ئي قومي (سموري قوم جي) ذاتي عزت، (ڪنهن هڪ فرد جي) قومي عزت جي ڀيٽ ۾ ڪائي حيثيت نٿي رکي. ان سلسلي ۾ ٻاگھيءَ جو ڪردار تمام مٿاهين درجي تي آهي. قربانيءَ واري راھ ۾ ٻاگھيءَ جو ٻنو ڪردار نظر اچي ٿو.

## (الف) قومي عزت بچائڻ خاطر ذاتي عزت جي قرباني:

قومي وقار جي سلسلي ۾ ٻاگھيءَ جو ڪردار اٿليءَ جي مونا وانا سان ملندڙ آهي. مونا وانا اٿليءَ جي پسا پرڳڻي جي حسين، جميل، من موهندڙ عورت هئي. سندس پرڳڻي تي فلورينس وارن حملو ڪيو. مونا وانا وارن جي لشڪر جو سپھ سالار سندس مڙس وانا هو ۽ فلورينس جو اڳواڻ پرنزي هو. جنگ ۾ مونا وارن جو بارود تباھ ٿي ويو خوراڪ کٽي ويئي، جنهن ڪري مجبور ٿي هنن صلح جون ڳالهيون ڪيون. صلح جي ڳالهين ۾ پرنزيءَ هڪ شرط رکيو. ڇي: ”هڪ رات لاءِ مونا وانا منهنجي حوالي ڪئي وڃي.“ وانا اهو ٻڌي باھ ٿي ويو پر مونا وطن جي بچاءَ خاطر اهو شرط قبول ڪيو ۽ هن پنهنجي عزت تان هٿ ڪنيو. مونا جي ان قربانيءَ ڪي ڏسي پرنزي اُن شرط تان دست بردار ٿيو ۽ مونا جو مول غلاميءَ کان بچي ويو.

سومرن ۽ دهليءَ جي حاڪم وچ ۾ هلندڙ جنگ ۾، هاسي سوڍي جي مارجڻ کان پوءِ جڏهن دودي جنگ جي تياري ڪئي، تڏهن سندس زال، ٻاگهيءَ کي طعنو هڻي چيو: ”هي معاملو سيوئي جو ٿيو آهي سو توتئون ٿيو آهي. جيڪڏهن دودو تنهنجو سڳ بادشاه کي ڏئي ته جهڳڙو لهي پوي.“ (دودو چنيسر ص 22) اها ڳالهه ٻاگهيءَ کي ذهن ۾ ويني ۽ کيس احساس ٿيو ته مون هڪڙيءَ جي ڪري پوري قوم چو تي تباه ٿئي هيءَ سون ورني ڌرتي چاڪاڻ تاراج ٿئي. تنهنڪري دودي کي گهرائي چيائين:

مون پائڙا دودل، ڳالهه سڻيج،
جو ڏرُ پائين ڏاڪڙو، تِتي مون کي ڏيج،
وير م هڏم ڪيج، متان پوي ڏولاهو راڄ ۾.

(دودو چنيسر ص 22)

ٻاگهيءَ جي ان چوڻ تي دودي راڄ مان پريا مڙس گڏ ڪيا ۽ انهن کان پڇيائين ته: ”چا اڳ به ڪنهن سومري اِئين سنگ ڏنو آهي؟“ تڏهن ڀاڳ نالي مڱڻهار چيس: ”اڳ ته ڪنهن ڪونه ڪيو آهي پر جي اوهان ڪيو ته مرضيءَ وارا آهيو.“ اهڙيءَ ريت دودي ڪافي ماڻهن کان صلاح مصلحت کان پوءِ اهو فيصلو ڪيو ته: ”اهو قومي ننگ ۽ ناموس جي خلاف آهي جو دشمن کان ڊڄي سندس عذاب کان بچڻ لاءِ، کيس پنهنجون عورتون آڇيون وڃن. آخر سنڌ جي سيني راڄن جو اهو فيصلو ٿيو ته مڙس ٿي ننگن تان نثار ٿبو. ان فيصلي کان ٻاگهيءَ کي به آگاه ڪيو ويو ته اهو رڳو تنهنجو مسئلو نه آهي بلڪ سڄي قومي ننگ ۽ ناموس، عزت ۽ غيرت جو سوال آهي، تڏهن ٻاگهي مسئلي کي پوري ريت سمجهي ويئي ۽ خاموش رهي.

**(ب) ذاتي عزت بچائڻ سان قومي عزت جو بچاءُ:**

ٻاگھيءَ لاءِ ٻهريون مرحلو اهو هيو تہ پاڻ ڏيئي قوم بچائي پر پوءِ جيئن حالتن ڦيرو ڪاڌو تہ نوبت بدلجي ويئي. پوءِ حالت اها هئي تہ قومي ننگ ۽ ناموس بچائڻ لاءِ هن کي پنهنجو پاڻ بچائڻ اولين فرض ۾ شامل هو.

عالادين سان جنگ ۾ سنڌي سورهيہ شهيد ٿيندا ويا. دودو، جو وڳھ ڪوٽ جو آخري وسيلو هئو، تنهن بہ آخر شهادت جو جام پيتو. تڏهن چنيسر پنهنجي لاءِ حالتون هموار ڏسي ٻاگھيءَ ڏانهن نياپو ڪيو تہ: ”اسان تنهنجو سڱ عالادين کي ڏيٺو ڪيو آهي، اميد تہ تون انڪار نہ ڪندينءَ.“ ٻاگھيءَ کي ان ڳالھ تي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ پنهنجي غدار ڀاءُ کي چوائي موڪليائين: ”اسان سنڌ جا رهاڪو ڪنهن ٻئي ملڪ، يا ٻي ذات واري سان ڪڏهن بہ مائٽي نہ ڪندا آهيون. عالادين جيئن تہ اسان جي ملڪ، قوم ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان، هر حالت ۾ ڌاريو آهي، تنهنڪري آءٌ پنهنجو ست وڪڻي، پنهنجي ملڪ تي اِهو ڪارنهن جو ٽِڪو هرگز نہ لائيندس.“ (صبح سنڌ 6 سيپٽمبر 1970ع)

ٻاگھيءَ مٿيون جواب ڏيئي قومي وقار کي برقرار رکيو ۽ اهو سندس دليري، بهادري ۽ قومي غيرت جو زندھ ثبوت هو. لطيف سائين اهڙن ئي ڪردارن لاءِ چيو آهي:

هڏ نہ پڙان هيڪڙي، ٿوري ٿر ڇاين،
مون کي ماروئڙن، ميري ڪري نہ مٽيو.
(شاھ)

**بلند حوصلو:**

عورت کي اڪثر ڪري ڪمزور، ڪم عقل ۽ سست شمار ڪيو ويندو آهي پر ٻاگھيءَ جو ڪردار ان سلسلي ۾ بلڪل انوکو ۽ نرالو آهي.

قديم توري جديد دور ۾ اها جنگي حڪمت عملي رهي آهي تہ دشمن کي پنهنجي وسيلن ۽ مال ملڪيت منجهان فائدو ونڻ نہ ڏجي، ان ڪري جتي دشمن قابض ٿي ويندو آهي تہ اتي هر شيءِ پهريان تباهہ ڪئي ويندي آهي. ٻاگهي پڻ ان وقت ساڳيو ڪردار ادا ڪيو، هوءَ سنڌين جي شڪست جي خبر ٻڌي سست نہ ٿي بلڪ بلند حوصلي جو مظاهرو ڪندي، هن ”سڄي شهر ۾ هيرن جا جند ڏرايا ۽ ٻي ملڪيت ساڙي، شهر مان رواني ٿي.“ (رڪيل راڃڙ جي روايت ص 253)

## ابڙي ڏانهن سام ٿي وڃڻ:

سام پوڻ جو قديم اخلاقي رواج صرف سنڌ سان وابستہ آهي، جنهن موجب هارائيندڙ ڌر جي، عورتن جي عصمت جي نگهداشت ڪندڙ ڌر تي لازم هئي، يا وري جنگ ڪندڙ حاڪم جو دوست انهن عورتن جي ذميواري قبول ڪندو هو، جنهن جي پوئواري هر قسم ۽ نقصان جي حالت ۾ لازم هئي. (صبح سنڌ 6 سيپٽمبر 1970ع )

جيستائين ڪٽندڙ ڌر پاران هارائيندڙ ڌر جي عورتن جي نگهداشت جو سوال آهي تہ اهو سنڌي ماڻهن جو ثقافتي ورثو هيو پر دودي جو جيئن تہ مقابلو ڌارئي حاڪم سان هيو تنهن ڪري هن اهوئي بهتر سمجهيو تہ سامون ڪنهن دوست ڏانهن موڪليون وڃن جيڪو سامن تان سِر ڏيڻ جهڙو جوان هجي. ان لاءِ دودي ڪافي سوچ ويچار ڪان پوءِ اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ سامون ابڙي ڏانهن موڪلبيون. ان ڪري جيئن ئي دودي جي موت جي خبر پهتي تيئن ٻاگهي ملڪيت ساڙائي رواني ٿي.

روايت آهي تہ ابڙي ڏانهن سامون نيڻ لاءِ ڪوئي ڪونہ هيو تڏهن ٻاگهيءَ پَٽڪو ٻڌي (ڪن روايتن ۾ نوڪر ساڻ ڪري لکيل آهي) سامون وٺي ابڙي ڏانهن هلي. (دودو چنيسر ص 640)

ڏِٻُسَ جن جا سون جا، ڪاجاوان آرٽِ،
سام وجي ابڙي ڏي، ڇڏي چانوَ ۽ ڪٽ،
گهر، ماڙيون ۽ پٽ، ساڙي هليون سومريون.

سومريون ابڙي ڏانهن ويون پئي ته واٽ تي سبڙ سامن کي مليو تنهن کي ٻاگهيءَ چيو:

ابو ياڻيان ابڙو، سبڙ ياڻيان ياءُ،
دود ڇڏيم سنڌ ۾، آيس ادل مٿاءُ.

سبڙ جواب ڏنس:

ابو تنهنجو ابڙو، سبڙ تنهنجو ياءُ،
هوندا جاڙيجا جوءِ ۾، ته ڏسي پوءِ ڏينداءِ.

تنهن تي ٻاگهيءَ کيس چيو:

نڪي جاڙيجا جوءِ ۾، هيڪڙين اسين.

سبڙ جواب ڏنو:

جهجها جاڙيجا جوءِ ۾، اجهي آياسون،
سومريون سلطان کي سمجهي ڏينداسون.

(دودو چنيسر ص 331 — 332) عورتن جي تعداد متعلق تاريخ ريگستان ۾ چاٽايل آهي ته: ”سومرن جو ڪٽنب 140 راجائي ڪل جي زالن سميت، ڪڇ ڏي ڄام ابڙي وٽ پناهه لاءِ موڪليو“ ص 63

اڳتي هلي ٻاگهيءَ ابڙي ڏانهن نياپو ڪيو ته: ”سام اچي ٿي، تون جهليندي يا اسين پنهنجي موتي وجون؟“

تڏهن ابڙي اوني چاڙهيو، پاڻان يلو ياءُ،
ته سُرنجڻ سومرين جو، ادا وني آءُ.

ابڙي جو ياءُ هار سينگار ۽ تيل سرما ڪري سامن اڳيان آيو تنهن تي ٻاگهيءَ کي خار لڳي. (دودو چنيسر ص 461) چي: ”اها اسان تي ننول آهي، تنهن

ڪري اڳتي نہ وڃبو.“ ابڙي ياءُ موڪلڻ ڪان پوءِ خيال ڪيو، مان پليو آهيان، ياءُ تہ موڪليو اٿم پر پاڻ اتي وڃان. تڏهن ابڙي پاڻ اچي سامن ڪي پرچائي واپس ورايو.

تڏهن اڏ ۾ آيو، ابڙو هيئور هلائي،
ٺوَ سَوَ سومري گڏي، تو ڳر ڳچيون لائي.

اتي ٻاگهيءَ ابڙي کي چيو:

ابو اسان جو ابڙو، سبڙ پانيون پاءُ،
ڳوري لاٽو ڳهٽو، ٻاگهل هار ڳواڙ،

تہ هيترو وٿ اسان جو، توکي سوپان ڏيندو

الله (دودو چنيسر ص 389)

ٻاگهي ڀيهر ابڙي کي چيو:

ڌڄي ڏيج م ابڙا، سومريون سلطان،
جي تو سام آئيون، وَرُ مارائين پاڻ،
ڏسي مَرُ جهان، تہ ابڙي پاڻ ملهائيو.

تڏهن ابڙي چيو:

ساھ تہ منهنجو سومرين، جي مون سامون آئيون،
آءُ پڻ ڪارڻ تن، جنگيون ڪيان جُهد مون.

انهن سوالن جوابن ڪان پوءِ سومريون ابڙي جي محل ۾ ويون. عالاڏين جي اچڻ تي جنگ لڳي ۽ پهريان اَبُلَ ابڙي جو پٽ مَمَٿُ ۽ پوءِ سبڙ جنگ تي چڙهيا. جنهن وقت ابڙي جو پٽ ممٿ مارجي ويو تڏهن ٻاگهي پار ڪدي روئڻ لڳي:

ممٿ منهنجا پائڙا، مون پانيو هڏ نہ ائين،
تون ويندين هليو، جيئن دودو ويو تيئن،
هاٽي ڪنديس ڪيئن، دلبر بنا ديس ۾.

آهستي آهستي ٿي ابڙا بہ يارن دوستن سميت ماريا ويا. آخر ۾ جڏهن اَبُل ابڙو بہ مارجي ويو، تڏهن ڏونگر راءِ نالي ابڙي جي پٽ کي سومرين چيو: ”پڻهين مري ويو هاڻ عالادين پيو اچي.“ تڏهن هو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ چيائين: ”اجان آءٌ زنده آهيان.“ ان دليرانہ وصف کري لطيف سائين کيس هن طرح ياد کيو آهي:

بئن مڙني ڏنيون، ڏي نہ ڏونگر راءِ،
اڻ ڏنين آڏو قري، ڏنيون ڏي کئاءِ،
لوڙيون لک مٿاءِ، ان مٿيري موٿائيون.

## جرئت منديءَ جو مظاهرو:

باوجود ايترين تکليفن اچڻ ۽ شڪستن ملڻ جي، هن حوصلي مند عورت ڪڏهن بہ شڪست نہ قبولي، هن آخرين وقت تائين بلند حوصلي ۽ جرئت منديءَ جو مظاهرو ڪيو. اهائي سندس جرئت مندي هئي، جنهن ڪري سنڌين جي شڪست فتح ۾ تبديل ٿي ويئي. ابڙي جي هار کان پوءِ هن راتورات وڳهہ ڪوٽ ڏانهن واپسي ڪئي. عالادين جو بہ گهڻو لشڪر مارجي ويو هو، باقي کي آگرين تي ڳڻڻ جيترا وجي بچيا هئا، تن کي جو اها خبر پيئي سي بہ سامن جي پنيان پيا. پنڌ جي تکليفن ۽ ڏکن، ڏولاون جي ڪري محمد جي زال ساران جا دودي جي ڏيءُ هئي، تنهن کي وڳهہ ڪوٽ پهچڻ تي پٽ ڄمي پيو، جنهن جو نالو ”پونگر“ رکيائون. (ڪن روايتن ۾ ڏونگر راءِ لکيل آهي. سومرن جي سامن متعلق پڻ مختلف رايا ملن ٿا. جيئن امر ڪوٽ اتهاس ص 20 تي لکيل آهي: ”سومريون ڪڇي راجپوتن سان گڏ باهہ ۾ جلي ميون. يعني جوهر ڪيائون.“ يا اهو پڻ تاريخ ۾ ملي ٿو تہ اهي زمين ۾ غرق ٿي ويون، پر اها ڳالهہ سيني سومرين سان لاڳو ڪانهي، خاص طور تي ڀاڳيءَ جو ان ڳالهہ سان واسطو نہ آهي چوتہ سندس ڪردار آخر تائين ملي ٿو. البت ائين ٿي سگهي ٿو تہ ڪجهہ عورتن ائين ڪيو هجي. جيئن تحفة الڪرام واري لکيو آهي: ”سندن

عورتن منجهان ڪي پاڪدامن، ڇڄي، شاهي فوج جي چنبي ۾ اچي ڦاٿيون جي خدا ڏانهن متوجهه ٿي زمين ۾ غرق ٿي ويون“ ص 127.)

لڙيءَ رات عالادين وڳهه ڪوٽ جي در تي آيو تڏهن اندران ٻاگهل هڪل ڪري چيو: ”جي عالادين آهين ته هلي اوطاق ڀيڙو ٿي! اڄان اسان جو هڪ سومرو حيات آهي، اهو جنگ ڪندو، صبح ساڻ ايندو. (دودو چنيسر ص 464) ان وقت ٻاگهل دهل دمامر وڄرائي هڪ پاسي پونگر جي جمڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪرايو ته ٻئي پاسي جنگ جي ماريل بي ستي عالادين کي يقين ٿي ويو ته برابر اڄان سومرا جنگ ڪندا ۽ اهو جنگ جو اعلان آهي.

تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي مثال آهن جن ۾ حاڪمن جي راڻين مرداڻا ڪپڙا ڪري فوجن جي اڳواڻي ڪئي ۽ جنگ لڙي فتح حاصل ڪئي آهي. تيموريه خاندان جي امير سعد جي زال بيبي آغا بيگي دشمنن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ ٻئي سامان کان سواءِ ٻانهين ۽ نوڪرياڻين کي به مرداڻو لباس ڍڪائي هٿيارن پنهوارن سان تيار ڪيائين ۽ پاڻ مرداڻو لباس ڍڪي فوج جي سپهه سالار بڻي. (سگهڙ زالون ص 13)

جنگ جي هن فيصلہ ڪن موڙ تي اسان جي هن سورميءَ پڻ ساڳيو ڪردار ادا ڪيو. هن ڇا ڪيو، جو سيني عورتن کي مرداڻا ڪپڙا ڍياري (پهرائي) پوءِ (راتورات) ڪوٽ جي ٻانهين پڄائي، پرهه ڦٽيءَ اتان (جنگي جوڌن جي) قطار ڪرائي، اوطاق آڏو لنگهايائين ۽ ائين ڦيرن تي ڦيرا ڏنائون جو لشڪر ڪٿي ئي نه پيو. اهو ڏسي عالادين جي بڇيل فوج ڍهلجي ويئي ۽ وڏيڪ وڙهڻ جي سگهه نه ساري ۽ عالادين ڊڄي ٻاگهيءَ کي چيو (چوايو) ته: ”تون منهنجي قيامت تائين پيڻ ٿئين پر ڏونگر راءِ ٻاهر ڳنهي آءُ ته ڏسيو وڃان.“ ٻاگهي اهو پيغام ٻڌي اگهاڙي ترار هٿ ۾ جهلي، چوڪر کي هنج ۾ ڪڇي ٻاهر ڪڍي آئي. عالادين ٻارڙي کي ڏسي چيو: ”افسوس ڇا ڪيم هن ٻارڙي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪيم.“ ان وقت ٻارڙي آرس پڳو ته پٽ جا ٻنڌڻ جن سان سان سندس هٿ پير ٻڌل هئا، سي ٽٽي پيا، تڏهن عالادين چيو: ”برابر

هي اسان کي شڪست ڏئي ها!“ تنهن بعد عالاالدين اهڙو اقرار نامو لکيو تہ:

**”سنڌ سومرن جي آهي، مون جنگ ڇڏي.“ (ننڍڙي ٻار جي آرس پيچڻ تي، ٻَٽ جي ٻنڌڻن جو ٽٽڻ، اها ڳالھ سمجھ کان ٻاهر آهي. لڳي ٿو تہ روايتون ڪندڙن، چنيسر سان منسوب ديون، پرين ۽ جادوءَ جي ڳالهين وانگر هيءَ بہ ائين بيان ڪري ڇڏي آهي. ”آزاد“)**

اهڙي ريت هن عظيم عورت جي بلند حوصلي ۽ بهادريءَ ڪري سنڌ ڌارين جي راڄ کان بچي ويئي ۽ ڇيڙي نبيري پنهنجن جي هٿ هيٺ رهي.

مَرُ مائر سي مُرڪن، جي اهڙيون ڏيئر ڄائيون.

(شاهہ)

# ساران

(دودي جي ڌيءُ، محمد جي زال)

هيءَ سورمي، دودي شهيد جي ڌيءُ هئي، چنيسر جي پٽ محمد (هڪ بيان ۾ محمد کي ننگر جو پيٽويو ڪري چاڙايو ويو آهي ۽ ساڳئي وقت ڪيس ساران جو وَر، ڪري ڪوٺيو ويو آهي، مگر عام مشهور ائين آهي ته محمد ننگر جو پاءُ هو ۽ دودي جي ڌيءُ "ساران" جو مڙس هو. سومرن جو دور ص 25) سان سندس نڪاح ٿيل هيو.

جڏهن چنيسر ڪاوڙجي پئي ويو، تڏهن به هيءَ مائي چنيسر وٽ آئي ۽ ميڙون منٿون ڪري، الله جو نالو ڏيئي، پنهنجي پيڻ ڪويل جنهن کي سونل به چوندا هئا، تنهن جو ننگ وجهي واپس ورڻ لاءِ چيو:

ساران آئي سومري، محمد جي راڻي،
اٿئي نام الله جو، ڪو سونل ننگ سجاڻي،
آءٌ ته تنهنجي گولي آهيان، در سندي ٻانهي،
مان نماڻي هل چنيسر، محل هلي ماڻي.

مائي ساران کي، جي ميڙون منٿون ڪرڻيون هيون ۽ الله جا نالا وجهڻا هئا، سي ڪري ٿڪي پر چنيسر نه ورڻو هو سو نه وريو. آخر ڌارين کي در تي وٺي آيو.

چنيسر عالادين جي لشڪر کي وٺي آيو، سومرن جنگ جوٽي، ننگر پنهنجي يارن سميت مارجي ويو. ننگر جو لاش زنانخاني آيو ته ماحول غمزده بڻجي ويو، اهڙي وقت ۾ ساران پنهنجي پيڻ (ننگر جي مَگَ) وٽ اچي ويٺي. تڏهن ٻاگهيءَ چيس ته: جڏهن تنهنجو مڙس به ننگر جيترا انصاف ڪري، تڏهن اچي "بيگم" سان ٿاني ٿيءُ." انهن لفظن هن غيرت مند ۽ غيور نياڻيءَ جي غيرت کي جاڳائي وڌو، هو پيڻ جي پير ۾ ويهي اوسارڻ بجاءِ، ٽپ ڏيئي اٿي، ۽ اچي مڙس مٿان بيٺي ۽ کيس چيائين:

ساران پنهنجي ڪانڌ کي، چئنچل اُپي چوءِ،
جان مرين، جان مارجين، پجي مَ اچج ڪانڌ،
ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا، چنيندي سونهان،
اوترا هوندءِ جي پُٺ ۾، تہ ڪهڙي لڄ چينيان. (دودو چنيسر ص 191)

هن بيت جي پوين سِٽن ۾ ڪم آيل چينيان جي مراد ساڱئي سيڪيان آهي. جيئن شاهہ صاحب چيو آهي: ”ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا، سيڪيندي سونهان.“ هن جي آخري سٽ وڏيڪ ڪارگر آهي جنهن ۾ زال مڙس کي شهيد ٿيل جوڏي جو حوالو ڏيندي چوي ٿي تہ: ”جي ان جيترائي تو بہ گهاءَ جهليا تہ ڪهڙي منهن سان انهن کي سيڪينديس اها مون لاءِ شرم جي ڳالهہ آهي، توکي تہ وڙهندي وڌيڪ گهاءَ کائڻ گهرجن.

ساران پهلوان هئي ۽ پنجاهہ جو مَٿ پاڻ هئي. (سومرن جو دؤر ص 120) نهايت دلير ۽ بهادر پڻ هئي. دودي پاران موڪليل سامن سان هوءِ بہ ابڙي ڏانهن هلي ويئي. روايتن مان پتو پوي ٿو تہ اتي بہ ابڙي جي موت کان پوءِ، جن ٿِن بهادر عورتن جنگ لاءِ پير تي ڏونڪو هنيو هو، تن ۾ ساران بہ شامل هئي.

سومرن پاران جنگ جي آخرين اعلان طور پير تي ڏونڪو پڻ ساران هنيو هو. ابڙي جي مارجڻ کان پوءِ جو سامون راتو رات وڳهہ ڪوٽ ويون ۽ شاهي فوج سندن پيڇو ڪري اچي شهر ۾ پهتي ۽ ان رات پونگر راءِ يا ڏونگر راءِ جائو، جنهن جي خوشيءَ ۾ ٻاگهي، ساران کان پير تي ڏونڪو هٽايو، جنهن کي عالادين جي فوج، جنگ جو اعلان ڄاتو، ۽ سندن حال هيٺا ٿي پيا ۽ جنگ ڪرڻ کان دل ئي دل ۾ توبهہ ڪري ٻاگهيءَ سان ڳالهين لاءِ هٿ وڌايائون.

# ڪويل

(دودي جي ڌيءُ، ننگر جي منگ)

هيءَ سورمي (هن سومريءَ جي نالي متعلق مختلف رايا آهن. ڏاڙهي شيديءَ جي روايت ۾ ”ڪلان“، عبدالستار فقير مهر جي روايت ۾ ”ڪونداهي“، عبدالله جماليءَ جي روايت ۾ ”پنيي“، گلزار سنڌ جي مصنف ننگر جي منگ جو نالو ”صفيه“ لکيو آهي. اڪثر روايتن ۾ ”سونل“ ڄاڻايل آهي. ڪن روايتن ۾ ڪويل بجاءِ دادلي ڄاڻايل آهي ۽ اها زال محمد جي ڏيکاريل آهي، پر اهو غلط آهي. محمد صديق ميمڻ سنڌي ادبي تاريخ جي ضميمي ۾ ”ڪويل“ نالو ڄاڻايو آهي. اسان پڻ هتي عنوان طور ساڳيو نالو رکون ٿا. ڄاڪاڻ تہ منشي اُڌارام پاران آڳاٽي ڇپايل ڳالهہ ۾ پڻ ڪويل نالو ڄاڻايو آهي) سنڌ ڌرتيءَ جي شهيد دودي سومري جي ڌيءُ هئي. سندس وَرُ چنيسر جو پٽ ننگر سومرو هو. اهو ننگر جنهن پيءُ جي غداري ۽ قوم فروشيءَ کي ڏسي سندس سان جنگ ڪئي.

سندس مڱڻو سنڌي معاشري جي ننڍي هوندي نالي ڪري ڇڏڻ واري قديم روايت موجب، ڄمڻ کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ ئي ٿيو هو. ٿيو هيئن تہ چنيسر جي ماءُ پونگر راءِ کان، پنهنجي فائدي ۾ ڪا مضبوط سند حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس بار بار پيئي چوندي هئي تہ: ”جيئري مان عيش تي ڪريان، پوءِ الائجي منهنجا ڪهڙا حال ٿيندا، تہ مان لهر ۽ هو سومرا، متان مونکي ڏک ڏين.“ پوءِ جو دودي کي ڌيءُ ڄائي ۽ چنيسر کي پٽ، تڏهن بادشاهہ زال واري ڳالهہ کي نظر ۾ رکي، چنيسر جي پٽ سان دودي جي ڌيءُ منڱائي ڇڏي.

اڳتي هلي هن جو ان وقت ذڪر اچي ٿو، جڏهن چنيسر ڪاوڙجي پئي ويو. سندس ڪاوڙجي وڃڻ تي دودي ڪيس پرچائي واپس ورائڻ خاطر ميڙيون منٿون ڪرڻ، ملڪ جي وڏي حصي جي حڪومت ڏيڻ ڪانسواءِ ڌيءُ وارو سنگ ياد ڏياريو، جيئن هيٺين بيت ۾ آيل آهي:

ڳل ڏيو ڳرهاٽڙيو، ڇٽي پاکر وڏو پاءُ،
ادو ابو توکي چوان، تنهنجي مريم پانيان ماءُ،
پنجاهه صدين جي پاڳڙي آهي تو سنداءِ،
ننگر ناٺي منهنجو، سونل ٻُنهن سندياءِ.

آخر چنيسر نہ مڙيو ۽ ڏارين کي وٺي آيو تڏهن سومرن سِرَ گهورڻ شروع ڪيا. سر گهور ڪندڙن ۾ ڪويل جي منگيندي ننگر جو مثاهون درجو آهي. اهو ننگر جنهن ٻاگهيءَ جي سنگ گهرڻ تي وڏي جرئت سان چيو هو: "اوهان کي ياد رکڻ گهرجي تہ، اسان جي رَڳ رَڳ ۾ عزت ۽ غيرت جو خون چوليون هٽي رهيو آهي اسان ڪڏهن بہ غيرت جو دامن هٿان نہ ڇڏينداسين، سر ڏينداسين پر سنگ نہ ڏينداسين." (اخبار صبح سنڌ 6 سيپٽمبر 1970ع) غيرت جي پندار مڙس ننگر جي انهن مهاڏن تي عالادين جي لشڪر کي خار لڳي ۽ ننگر سان جنگ جوٽي ڏنائون جنهن ۾ ننگر شهيد ٿي ويو.

ننگر جو لاش زنانخاني ۾ آندائون تہ ڪويل جو ڪنڌ فخر مان مٿي کڄي ويو، سندس منگيندو پاڻ ملهائي آيو هيو. تنهن ويل ڄڻ تہ پين هڪ جيڏين سهيلين کي چوندي هجي:

منهنجو منگ مٿي، هن کي گهاءَ گهٽا هئا،

مُرڪڻ جو حق ناهي ڪو او، سرتِي توکي،
جو تنهنجي منگ کي، رهڙ نہ ڏنم جسم تي. (تنوير)

اهڙي ماحول ۾ هن غيور عورت پنهنجو حوصلو برقرار رکيو ۽ ان دور جي رسم مطابق مگيندي جي مڙهه کي ڦيرا ڏنا ۽ حق بخشيو. (روپا ماڙي ص 21) ڪويل جي اهڙي جرئت مندانہ قدم کي ڏسي پين عورتن جهڙوڪ سندس پيڻ ساران، هاسي سوڍي جي زال مالها پنهنجي مڙسن کي وجي بيدار ڪيو ۽ جنگ جي ميدان ۾ موڪليو.

# مالها

(هاسي سوڍي جي زال)

هاسو سوڍو محمد ابڙي جو يار هو. ننگر جي مارجڻ کان پوءِ جڏهن محمد کي سندس زال ساران طعنا ڏيئي جنگ لاءِ روانو ڪيو، تڏهن محمد پهريان اچي هاسي سوڍي کي سڏ ڪيو. ان ويل هاسو نند پيو هو، ان وقت تائين مالها ۽ سوڍي جا پَلوَ ڪين ٻڌا هئايعني هوءَ سندس زال نہ بڻي هئي بلڪ منگيندي هئي. مالها محمد جو سڏ سجاڻي اچي هاسي کي اٿاريو ۽ چيائينس:

ساريون راتيون سمهين، هاسا سوڍا ڏينڻ،
تو ڳل ڏيان نہ ٻانهڙي، تون ياءُ آءٌ پيڻ.

اي سوڍا تون تہ راتين جون راتيون سمهيو رهين، ملڪ ۾ ماتام متو پيو آهي، ننگر جهڙا نَرَ ڪسندا پيا وڃن، ڏيهہ ڏوجهرن ۾ پوندو پيو وڃي. جيڪڏهن تون اهڙو ئي سست ۽ ڪاهل آهين تہ پنهنجو ٻہ نيبهہ ڪونهي. آءٌ پنهنجي مضبوط ٻانهن جو واسينگ وارو وَرُ توکي ڏيئي نہ سگهنديس. پوءِ تون ياءُ آهين ۽ مان تو لاءِ پيڻ برابر آهيان.

انهن ئي جنگين هلندي هاسي جي مالها سان شادي ٿي ويئي ۽ هاسو معمول مطابق ديس جي آزادي ۽ عزت خاطر جنگيون ڪندو رهيو. هاسي ۽ محمد واري ياراڻيءَ ڪري مالها بہ سومرين سان گڏ سام ٿي ويئي ۽ اتي بہ جڏهن ابڙي جي مرڻ جي خبر آئي تڏهن هن ٻين سان گڏجي جنگ جاري رکڻ لاءِ پير تي ڏونڪو هنيو.

## ضميمو پهريون:

# غدارنامو

## روپا راڻي

(چنيسر جي ماءُ)

**(چنيسر جي ماءُ جا مختلف نالا ملن ٿا. جيئن غلام حسين ڪلهوڙي جي روايت ۾ ”رقيا“، عارب ڪپري ۽ يار محمد ماڇيءَ جي روايت موجب ”منگهه“، ڏاڙهو شيديءَ جي روايت موجب ”مير“، ۽ مٺو نهڙي ڪڇي جي روايت موجب ”نيل“. پر عام طور تي روپا راڻيءَ جي نالي سان مشهور آهي. چاڪاڻ جو روپا ماڙي خاص ان لاءِ نهرائي ويئي هئي.)**

ٻاگهيءَ جي ڪردار ۾ چنيسر جي ماءُ لاءِ تفصيل سان ذڪر اچي چڪو آهي. مختصر اهو ته ڀونگر راءِ سومرن جي مخالفت هوندي 640ھ ۾ گجر گهراڻي جي سردار لاڏٽي (ڏاڙهو شيديءَ جي روايت ۾ خضر لوهار جي ڌيءُ ڄاڻايل آهي.) جي ڌيءُ سان لائون لڌيون. لاڏٽو گجر، ڀونگر راءِ جي حڪومت ۾ ڪوسر ۽ ريڻ تي راڄ ڪندو هو.

روپا کي پهريائين ئي من ۾ مندي هئي، جنهن ڪري وقت به وقت راءِ جا ڪَن ڀريندي رهندي هئي. ان ڳالهه کي ختم ڪرڻ لاءِ ئي ڀونگر راءِ چنيسر جي پٽ ننگر ۽ دودي جي ڌيءُ ”ڪويل“ جو پاڻ ۾ سنگ ڪيو هو. پر مائي صاحبه جي من ۾ ڪا وچان ئي ٻي ڳالهه هئي. تنهنڪري ڀونگر جي فوت ٿيڻ کان پوءِ جيئن ئي پڳ جو مسئلو شروع ٿيو جنهن کي دودي ۽ ٻين مخلص ماڻهن حل ڪرڻ جي پوري ڪوشش پئي ڪئي، اهڙي وقت ۾ هن چنيسر کي سمجهائڻ بجاءِ طعنا ڏيئي ويتر مسئلي کي وڌائي ڇڏيو. جيئن چويس ٿي:

مان ڇٽيومانءِ ٻيٺو ڪري، ٿي ساماٽين ڌيءَ،

چرخو گهڙائي ڏيانءِ چندن ڪاٺ جو، جنهن کي تاڙيون ٿيهہ،
ويهي آتڻ وچ ۾، تون ٻانديون لاهج ٻٿيهہ.
جڏهن جوءِ جي نظر پيس تہ ان چيس:

جيءُ آئين نچ آئين، تون ونيءَ جا وار،
گهوڙا ٻهڙا وکٽي، تون ڏڻ رڍن جو ڌار،
ماڻهين تہ ڪري ماهيڙو دودل جي درٻار.

ماءُ ۽ جوءِ جي طعنن کان تنگ ٿي آخر چنيسر دهليءَ روانو ٿيو، جنهن جو هن ويندي ويندي ذڪر بہ ڪيو آهي.

چنيسر جا جيڪي مددگار هئا تن ۾ دائود شيخ کي اوليت هئي، سندس سنياليندڙ ۽ جنگي سکيا جو استاد سمات قوم جو فوجي سپهہ سالار دائود شيخ هو. (روپا ماڙي ص 8 شيخ محمد سومار) چنيسر ۽ ماڻس سندس خاص خيال رکندا هئا، ان ڪري چنيسر جي دهليءَ وڃڻ کان پوءِ روپا ۾ چنيسر جي ماءُ ۽ زال جي نظرداري دائود شيخ پئي ڪئي. هو ايتري قدر روپا راڻيءَ جو اعتماد وارو هئو، جو جنهن وقت سومرين جي سام ٿي وڃڻ وقت ڪيس چيو ويو تڏهن هن سومرين سان وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. پوءِ دودي ان ڳالهہ کي سومرن جي غيرت جو مسئلو سمجهي دائود شيخ کان روپا ماڙيءَ جي جي حفاظت ڇڏائي پنهنجي هٿ ۾ رکي.

اهڙي ريت روپا، سومرين جي سٽ ۾ هوندي بہ پاڻ کي انهن کان جدا سمجهندي رهي ۽ هر وقت سندن حڪومت خلاف سازشون سٽيندي رهي، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ کي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا.

# مريم

## (چنيسر جي زال)

***هن مائيءَ جا پڻ روايتن موجب ڌار ڌار نالا آهن. جهڙوڪ بودن فقير جي روايت موجب ”سون“، عبدالستار فقير مهر جي روايت موجب ”سفلي“ هو.***

هيءَ مائي روپا راڻيءَ جي ويجهي مائٽياڻي هئي. هيءَ محمد نالي گجر سردار جي ڌيءُ هئي.* *هڪ هنڌ سندس پيءُ جو نالو لٽو لوهار ملي ٿو. ص 232* هن جو به سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙوئي ڪردار رهيو آهي جهڙو چنيسر جي ماءُ جو. هنن ٻنهي عورتن گڏجي چنيسر کي سنڌ مٿان ڌارين کي آڻڻ تي مجبور ڪيو. چنيسر کي پڳ نه ونڻ تان طعنن هڻڻ ۾ به ته هن عورت حد ڪري ڇڏي. هڪ هنڌ سس کي مخاطب ٿيندي چوي ٿي:

اسين راجا هوندي رنون ٿيون، اسان جو پرور رکندو پن،
پاڳ وڃايئين پيءُ ڏاڏي جي، جنهن کان ٻيو ڪونه شرم،
ڪنهن ڏينهن ماريو مريم هٿان، لڳي ڏئوئي ڳن.

وري چنيسر کي مخاطب ٿي چويس ٿي:

ڪڻ رسو هٿ ۾، وجي مغل ڦاهو ڪاءُ،
ٿيندو ڏينهن محشر جو، پانيان چنيسر پاءُ.

اهڙي ريت طعنا ڏيئي چنيسر کي دهليءَ ڏانهن موڪليائين ۽ عالاالدين جون فوجون چڙهي آيون. ملڪ ۾ چوبول ٿيڻ لڳو تڏهن سومرن جي مڱتي پاڳوپانَ کي گهرائي ان ڳالهه جي هينين ريت تصديق ڪيائين:

بادشاهه ٻڌان ٿي ٻُڪار ۾، جنهن روڪيو تڙ روپاهه،
وَرَ تام منهنجي ولَهي، وجي به چال ٻاري ٻاهه.

بعد ۾ هن دائود شيخ جي نظرداريءَ ۾ رهڻ پسند ڪري، سومرين سان سام ٿي وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ هر ڪڏي ڪم ۾ پنهنجي سَس سان شامل راءِ رهندي آئي، ۽ هنن سَس نُنهن جي اعمالن ڪري سنڌ کي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا.

## ضميمو پهريون:

# سبق

تاريخ رڳو جنگين ۽ جهيڙن، شاهي لشڪرن جي دهشت ۽ دٻدٻي، حاڪمن جي ڪچهرين ۽ ڪهاڻين جو نالو نہ هوندو آهي، جو صرف تاريخ جا ورق انهن جي تعريف سان ڀريا وڃن، پر تاريخ ڪنهن مخصوص دور، جنهن سان ان جو واسطو هجي، جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو آئينو هوندي آهي جنهن مان اهو معلوم ٿي سگهندو آهي تہ ان دؤر ۾ سياسي ۽ اقتصادي حالتن جو سماجي اوسر تي ڪهڙو اثر ٿيو، ۽ ان دؤر جي عوام پنهنجي محدود وسيلن سان ڪهڙي طرح قومي اوسر ۾ هٿ ونڊايو. اهڙي ريت ماضي جي ورقن منجهان سبق پرائي، روشن مستقبل جي معياري تعمير جي اميد ڪري سگهجي ٿي.

هي ڪتاب جيئن تہ عورتن جي انقلابي ڪارنامن سان واسطو رکي ٿو، تنهن ڪري ذڪر هيٺ آيل عورتن جي جرئت ۽ بهادري، همت ۽ حوصلي منجهان موجوده دؤر جي عورت ڪي سبق پرائڻ گهرجي تہ جيئن اڄ جي سائنسي دؤر ۾، جڏهن سڄي دنيا جون عورتون ديس جي تعمير ۽ ترقي واري راهہ ۾ مَردن سان ڪلهو ڪلهو ۾ ملائي ڪم ڪري رهيون آهن. تڏهن هتان جي عورت ڪي بہ ديس جي ڀلائيءَ خاطر اڳتي وڌڻ جو موقعو ملي سگهي.

بيان ڪيل دورن مان پهرين دور جي پڇاڙي نهايت افسوسناڪ ٿئي ٿي. اها وبا جنهن ان وقت جي سنڌ ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪرايو، سا ساڳي ئي صورت ۾ هلندڙ وقت تائين هلندي آئي آهي. اسان هر معاملي ۾ سچ ۽ ڪوڙ، نيڪ ۽ بد واري پرک بجاءِ صرف ذرمي بنياد واري پرک پئي ڪئي آهي. پرک جي

ان تارازيءَ ڪري، ملڪن ۾ خونريزي ۽ انتشار وڌندا رهيا آهن. هاڻي وقت اچي ويو آهي، جو سائنسي سوچ رکندي اسان کي پرک جي معيارن ۽ عقيدن تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي.

ٻئي دور جي ڪردارن منجهان مائي ماين ۽ راڻي لاڏيءَ جا ڪردار جنگ جو روشن مثال پيش ڪري رهيا آهن. سنڌ جي تاريخ جون هي عورتون نه رڳو جاني ۽ مالي قرباني ڏيئي ويون بلڪ هي پهريون سنڌي عورتون آهن جن ملڪ جي آزاديءَ خاطر ٿيندڙ جنگين ۾ ڀرپور حصو ورتو. ڏاهر جي ڏيئرن ديس جي ڌرتيءَ کان دور هئڻ جي باوجود هڪ گهڙيءَ لاءِ به مخالفن سان صلح پسنديءَ وارو رويو اختيار نه ڪيو، هو قومي غيرت تي قائم رهندي قربان ٿي ويون.

ٽئين دور جي شروعات جهڙي طرح آزاد ماحول سان ٿئي ٿي، ڀڄاڻيءَ وقت پڻ عوام آزاد فضا ۾ سُريلا گيت ڳائيندي نظر اچي ٿو. اها ٻي ڳالهه آهي ته ان آزاد ماحول برقرار رکڻ لاءِ ڪيترن ئي ڪونڌرن کي قربان ٿيڻو پيو. ڪيترين سهاڳڻين جو سُهاڳ لُٽجي ويو، ڪيترن ئي معصوم ٻارڙن جي مٿي تان شفقت ڀريا هٿ هٽي ويا. ايتري قرباني ڏيڻ سان هو پنهنجو آزادانه ماحول برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا؛ اهائي سندن سڀ کان وڏي فتح آهي.

هن دور جي ڪردارن سان وابسطه ڪجهه ڳالهيون، جي نهايت اهم ۽ غور طلب آهن.

## ڏارين مان شادي ڪرڻ:

اڳ قبيلائي دؤر هو تنهن ڪري ساڳي ملڪ جي هڪ قبيلي جو ٻئي قبيلي سان ڏيڻ، وٺڻ، موجوده دور جي هڪ ”قوم“ (ذات) جي، ٻئي ”قوم“ (ذات) سام مِٽي مائٽيءَ جي برابر ڇئي سگهجي ٿو.

# خط

جيئن اڳ لکي آيو آهيان تہ، منهنجي خيال ۾ چنيسر پاران سنڌ کي تاراج ڪرائڻ واري واقعي ۾ قبائلي جهيڙي جو وڏو هٿ هو ۽ ان ڳالهہ کي عملي جامو پهرائڻ ۾ انهن عورتن جو وڏو ڪردار هو، جي سومرا سردار محبت مان شاديون ڪري گهر وٺي آيا هئا. اهڙي ساڳئي حالت اسانجي بہ آهي. سنڌ جي نوي سيڪڙو آفيسرن، وڏيرن ۽ اديبن جي گهرن ۾ ڌاريون عورتون آهن، جنهن ڪري ذهني طور آزاد ۽ عملي طور مجبور ۽ لاچار آهن. اهي ڌاريون عورتون ڪين اهڙوئي خراب ڪن ٿيون جهڙو چنيسر کي سندس ماءُ ۽ جوءِ بڇڙو ڪيو!

بي ڳالهہ، ٻاگهہ ٻائي جي ڪردار مان نهايت سبق آموز ملي ٿي، سا اها تہ سومرين قومي روايتن کي برقرار رکڻ خاطر پنهنجي هر شيءِ قربان ڪري ڇڏي، ٻار ٻچا رلائي، مارائي ڇڏيائون ۽ اڄ ذاتي غرض ڪارڻ تہ هر مرد توڙي عورت هر شيءِ قربان ڪرڻ لاءِ واجهائيندو وتي پر قومي مفادن لاءِ هڪ وِک بہ کڻڻ لاءِ تيار نہ آهي. ڪائي سٺي نوڪري وٺڻ، ٽيليويزن جي ڪنهن سٺي ڊرامي ۾ ڪردار ڪرڻ، ڪنهن سٺي رسالي ۾ مواد شايع ڪرائڻ، ريڊيو جي پروگرام ۾ پرتي ٿيڻ لاءِ هر شيءِ قربان ڪئي وڃي ٿي. اهو ذاتي مفاد ۽ ذاتي غرضون موجوده نسل کي ڏينهون ڏينهن تباهہ ڪري رهيا آهن.